سال (18) جمعو 19 ڊسمبر 2025ع 27 جمادي الثاني 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (89)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 19 ڊسمبر 2025ع 27 جمادي الثاني 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (126)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi — Friday 19th December 2025 — سال (18) جمعو 19 ڊسمبر 2025ع 27 جمادي الثاني 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (89)
Daily Ibrat Hyderabad — Friday 19th December 2025

سلامتي ڪائونسل افغان طالبان جي دعويٰ رد ڪري ڇڏي، افغانستان مان پاڪستان تي 600 حملا ٿيڻ جو انڪشاف

تجزياتي مددگار ۽ پابندين جي نگراني ڪندڙ ٽيم جي 16 هين رپورٽ ۾ دهشتگرد گروهن طرفان افغان سرزمين کي سرحد پار حملا ڪرڻ لاءِ استعمال نہ ڪرڻ واري دعويٰ رد ڪئي وئي

ڪيترن ئي ميمبر ملڪن آگاهہ ڪيو آهي تہ داعش خراسان، تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي)، القاعده، ترڪستان اسلامي پارٽي، انصار الله ۽ ٻيا دهشتگرد گروهہ افغانستان ۾ سرگرم آهن

رپورٽ ۾ سڀ کان وڏو علائقائي خطرو ٽي ٽي پي قرار ڏنو ويو، القاعده جا طالبان سان ويجها رابطا آهن، داعش خراسان طالبان جو اهم مخالف گروهہ سمجهيو وڃي ٿو

طالبان قيادت ۾ ان معاملي تي اختلاف آهن. ڪجهہ سينيئر ميمبر ٽي ٽي پي کي پاڪستان سان لاڳاپن لاءِ نقصانڪار سمجهن ٿا جڏهن تہ ڪجهہ اڃا بہ ان جي حمايت ڪن ٿا

ٽي ٽي پي 2025 ۾ پاڪستان ۾ 600 حملا ڪيا، جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ آپگهاتي بمبار افغان شهري هئا، دهشتگرد گروهہ ڪجهہ پرڏيهي حملن جي رٿابندي بہ ڪري رهيا آهن

پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي واري شعبي ۾ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي، جن ۾ داعش خراسان جي ترجمان سلطان عزيز اعظم ۽ ٻين اهم شدت پسندن جي گرفتاري شامل آهي: رپورٽ

نيويارڪ (م ڊ) سلامتي ڪائونسل جي رپورٽ ۾ دهشتگرد گروهن طرفان افغان سرزمين کي سرحد پار حملا ڪرڻ لاءِ استعمال نہ ڪرڻ واري افغان طالبان جي دعويٰ رد ڪئي وئي آهي. سلامتي ڪائونسل جي تجزياتي مددگار ۽ پابندين جي نگراني ڪندڙ ٽيم جي 16 هين رپورٽ
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير اطلاعات پاران تخليقي پيشن لاءِ جديد ونڊنڊ مسئلن بابت تجويزون طلب

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ اشتهارن واري شعبي ۾ مصنوعي ذهانت جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران پارٽي رياست بهار جي وڏي وزير پاران هڪ مسلمان عورت سان بدسلوڪي تي سخت ردعمل ظاهر

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي پارٽي رياست
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

صدر پاران ”آبادگار ڏهاڙي“ جي موقعي تي پاڪستاني آبادگارن کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ”آبادگار ڏهاڙي“ جي موقعي تي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان بحرين جو سفير محمد ابراهيم محمد عبدالقادر ملاقات ڪري رهيو آهي

آسٽريليا ۾ بونڊي بيچ حملي سان پاڪستان کي ڳنڍڻ افسوسناڪ ۽ غيرذميواراڻو آهي: پرڏيهي آفيس

عالمي برادري ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي جي مسلسل خلاف ورزي جو نوٽيس وٺي: پاڪستان

زرعي سيزن ۾ درياءَ جي وهڪري سان ڇيڙڇاڙ عوامي زندگي ۽ غذائي سلامتي لاءِ خطرو آهي، ڀارت هڪطرفي قدمن کان باز رهي: پاڪستان جي انڊس واٽر ڪمشنر جو ڀارتي هم منصب کي خط

ڀارت سنڌ طاس معاهدي تي مڪمل ۽ نيڪ نيتي سان عمل ڪري، معاهدي جي خلاف ورزي عالمي قانون جي لاءِ خطرو آهي، پاڪستان پاڻي جي بنيادي حقن تي ڪو ناهہ نہ ڪندو

سنڌ طاس معاهدو هڪ پابند عالمي معاهدو آهي جيڪو خطي ۾ امن ۽ استحڪام جو هڪ ذريعو رهيو آهي، خلاف ورزي هڪ طرف عالمي معاهدن ۽ عالمي قانون جي تعميل جي لاءِ خطرو آهي

پاڪستان هر قسم جي دهشتگردي جي واضح لفظن ۾ مذمت ڪري ٿو، افغانستان مان دهشتگرد عنصرن جي موجودگي ۽ دهشتگردن کي افغان سرزمين تي معاونت ملڻ جي اعتماد جوڳا ۽ ٺوس ثبوت موجود آهن

پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ ٻطرفي لاڳاپن جي ترقي ۾ اينداڙ وڏيون رڪاوٽون جنگبندي جون خلاف ورزيون، سرحد جي بندش ۽ واپاري سرگرمين ۾ رڪاوٽون دهشتگرد عنصرن جي موجودگي سان ڳنڍيل آهن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان عالمي برادري کان ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي جي مسلسل خلاف ورزي تي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي ڪالهہ خميس ڏينهن پريس بريفنگ ۾ چيو تہ اسان 7 ڊسمبر ڪانيو چناب درياءَ جي وهڪري ۾ اوچتو چاڙهہ جو مشاهدو ڪيو آهي. پاڪستان ان چاڙهہ کي انتهائي ڳڻتي ۽
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان بحرين سان پائيدار لاڳاپن کي انتهائي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو: صدر آصف زرداري

پاڪستان ۽ تاجڪستان ۾ صدين تي ٻڌل قديم، گهرا تاريخي ۽ ثقافتي رابطا آهن: صدر

صدر آصف زرداري تاجڪستان جي ثقافت واري وزير سٽوربيون منلوداخون امون زودا جي قيادت ۾ ايندڙ تاجڪ ثقافتي وفد جي شاندار آجيان ڪئي

ٻطرفا لاڳاپا قديم، روحاني، لساني، تاريخي ۽ ثقافتي آهن جيڪي سياسي، معاشي، سلامتي ۽ ثقافتي شعبن ۾ سگهہ اختيار ڪري رهيا آهن

بحرين جي سفير محمد ابراهيم محمد عبدالقادر ايوان صدر ۾ صدر آصف زرداري سان ملاقات ڪئي، گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي تہ پاڪستان ۽ تاجڪستان جي وچ ۾ صدين تي ٻڌل قديم گهرا تاريخي ۽ ثقافتي رابطا آهن جيڪي قديم شاهراهہ ريشم ۽ فارسي زبان
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ورلڊ بُڪ فيئر شروع، ڪتاب سماجي زندگيءَ جي ارتقا جي بنياد آهن: سردار شاهہ

ڪتاب پڙهڻ تخليق جو سفر آهي، جيڪڏهن ڪتاب مري ويو تہ خواب بہ مري ويندا: صوبائي وزير

ڪوشش آهي تہ عالمي ڪتاب ميلي جي سلسلي کي سنڌ جي ٻين شهرن تائين پکيڙيو وڃي: محمد احمد شاهہ

والدين پنهنجي ٻارن کي ڪتابن ويجهو آڻين، اسڪولن ۾ سٺيون لائبريريون هجڻ گهرجن: ڪامران نوراني

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پنجن ڏينهن واري ڪراچي ورلڊ بُڪ فيئر 2025ع جو افتتاح تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهہ ڪري ڇڏيو. ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ منعقد 5 ڏينهن واري عالمي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير سردار احمد شاهہ عالمي ڪتابي ميلي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي، ٻئي طرف ڪامران نوراني، وقار متين احمد شاهہ ۽ ٻيا صوبائي وزير سردار شاهہ کي شيلڊ ڏئي رهيا آهن (فوٽو: سعيد لاشاري)

عالمي ڪتاب ميلو هاڻي ڪراچي جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي: ڪنوينر وقار متين

ڪتاب پڙهڻ جي شوقينن مائٽن لاءِ عالمي ڪتاب ميلو ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي

شهرين پاران ڪتابي ميلي جو مدو وڌائي 10 ڏينهن ڪرڻ ۽ سال ۾ ٻہ ڀيرا ميلو لڳائڻ تي زور

ڪراچي: ورلڊ بُڪ فيئر جي ڪنوينر وقار متين چيو تہ عالمي ڪتاب ميلو هاڻي ڪراچي جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ترڪي، سنگاپور، چين، ملائيشيا، برطانيا، متحده عرب امارات سميت ٻين ملڪن جي پبلشرز اسٽال لڳايا

ڪراچي: ايڪسپو سينٽر ۾ 5 ڏينهن وارو
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

موجوده دور ۾ سوشل ميڊيا جو ذميدارانو استعمال ضروري آهي: وفاقي وزير اطلاعات

مصنوعي ذهانت (اي آءِ) جي استعمال سان تخليقي ذهنن لاءِ نوڪرين جا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن

سائبر سيڪيورٽي کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريان آبادي جي حقيقتن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي

ميڊيا ادارن سان رابطا قائم ڪيا آهن تہ جيئن جعلي خبرن جي تصديق ۽ انهن تي ضابطو آڻي سگهجي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ غلط معلومات اڄ جي دنيا جو سڀ کان وڏو چيلينج آهي، موجوده دور ۾ سوشل ميڊيا جو ذميدارانو استعمال ضروري آهي. مصنوعي ذهانت (اي آءِ) جي استعمال سان تخليقي ذهنن لاءِ نوڪرين جا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن، اسان کي ايندڙ ٽيڪنالاجي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۾ ٽئين گلوبل ريسرچ ڪانگريس، مختلف موضوعن تي بحث

يونيورسٽين ۾ هر شعبي جي نصاب ۾ مصنوعي ذهانت کي شامل ڪرڻ گهرجي: وائيس چانسلرز

اي آءِ جي هڪ اخلاقي حد هجڻ گهرجي جيڪا پار نہ ڪرڻ گهرجي: ڊاڪٽر محمد طفيل

خوراڪ جي پيداوار وڌائڻ لاءِ زراعت جي شعبي کي جديد بڻائڻ طرف وڌڻو پوندو: ڊاڪٽر فتح محمد مري

سماجي ترقي لاءِ صنفي برابري ضروري آهي، نيوزيلينڊ دنيا جو پهريون ملڪ هو جنهن عورتن جو حق ڏنو: پروفيسر ايڊورينا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وائيس چانسلرن چيو آهي تہ موجوده دور ۾ ملڪ جي يونيورسٽين جي هر شعبي جي نصاب
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

روس جي شهر روستوف ۾ ڊرون حملن 3 ڄڻا مارجي ويا، 9 زخمي

ماسڪو (اي پي پي) روس جي شهر
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر پاران آسٽريليا جي شهر سڊني ۾ بونڊائي بيچ تي دهشتگرد حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم حلال گوشت جي برآمدي پاليسي جي منظوري ڏئي ڇڏي

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ حلال گوشت جي برآمدي پاليسي بابت هڪ جائزو اجلاس ٿيو، مختلف معاملن جو جائزو ورتو ويو

حلال گوشت جي برآمدات کي وڌائڻ لاءِ ايندڙ ٻن هفتن ۾ عملي قدمن سان گڏ ٽن سالن جي جامع حڪمت عملي پيش ڪرڻ جي هدايت

سڀني لاڳاپيل وزارتن ۽ صوبائي حڪومتن جي مشاورت سان تيار ڪيل هڪ جامع حڪمت عملي تمام گهڻي ضروري آهي: وزيراعظم

ملڪ ۾ ڪرمن گهرن کي بيمارين کان پاڪ ۽ انهن ۾ عالمي معيار جي صفائي جي انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف حلال گوشت جي برآمدي پاليسي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جڏهن تہ حلال گوشت جي برآمدات کي وڌائڻ لاءِ ايندڙ ٻن هفتن ۾ عملي قدمن سان گڏ ٽن
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان اقليتي ايم اين ايز ملاقات ڪري رهيا آهن، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ وفاقي وزير راڻا ثناءُ الله ۽ عطاءُ الله تارڙ بہ موجود آهن

فيلڊ مارشل سان ليبيا جي ڪمانڊر ۽ ڊپٽي ڪمانڊر جي ملاقات، عسڪري تعاون وڌائڻ تي ڳالهيون

چيف آف ڊفينس فورسز سيد عاصم منير سان ڪمانڊر خليفہ بالقاسم حفتر ۽ ليفٽيننٽ جنرل صدام خليفہ ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، علائقائي سلامتي جي صورتحال ۽ ٻطرفي دفاعي ۽ عسڪري تعاون وڌائڻ تي ڳالهيون

ٻنهي طرفن ڪان تربيت، صلاحيت ۾ اضافي ۽ دهشتگردي جي خاتمي جي شعبن ۾ تعاون جي اهميت تي زور ڏنو

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف ڊفينس فورسز آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ليبيا جي سرڪاري دوري دوران ليبيائي عرب هٿياربند فوج جي ڪمانڊران
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اقليت پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي نظام جو اهم حصو آهن: وزيراعظم

اقليتن جي ڀلائي، ترقي ۽ تحفظ جي لاءِ سمورن ضروري قدمن کي يقيني بڻائينداسين

قومي اسيمبلي جي اقليتي ميمبرن اقليتن جي ڀلائي جي لاءِ حڪومت جي ڪوششن کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ اقليت پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي نظام جو اهم حصو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج جون قربانيون پاڪستان جي بقا جو بنياد آهن: قيصر شيخ

سمنڊ پار پاڪستاني ملڪ جو قيمتي اثاثو ۽ معاشي استحڪام جي ضمانت آهن

سيڙپڪارن لاءِ پاڪستان کي هڪ پرڪشش مرڪز بڻائڻ لاءِ هر وقت تيار آهيون

اسلام آباد (اي پي پي) سيڙپڪاري واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي تہ سمنڊ پار پاڪستاني ملڪ جو قيمتي اثاثو
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

آمريڪا پاران تائيوان کي 11.1 ارب ڊالر ماليت جا هٿيار وڪرو ڪرڻ جو اعلان

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا تائيوان لاءِ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي صوبائي وزير اسماعيل راهو کي شيلڊ پيش ڪري رهيو آهي

ڊگري ڪيس: جسٽس طارق محمود جهانگيري جي مقرري غيرقانوني قرار، عهدي تان هٽائڻ جو حڪم

جسٽس طارق محمود جهانگيري مقرري جي وقت صحيح ڊگري نہ رکندو هو: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فيصلو

جسٽس طارق جهانگيري کي هٽايو وڃي: چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس اعظم خان فيصلو ٻڌايو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جسٽس طارق محمود جهانگيري جي مقرري کي غيرقانوني قرار ڏيندي ڊگري ڪيس جهانگيري کي عهدي تان هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پنهنجو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

جاڙن شهرن ۾ ترقياتي منصوبا عوام لاءِ لاپاتا آهن: وزيراعظم

اهي منصوبا سڄي پاڪستان مان ايندڙ عوام جي لاءِ فائديمند آهن

وزيراعظم. اقبال فلاءِ اوور ايڪسپريس وي سگنل فري ڪوريڊور جو افتتاح ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جاڙن شهرن ۾ ٻن وڏيڪ ترقياتي منصوبن جي رڪارڊ مدي ۾
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

احسن اقبال جي حنيف عباسي سان ملاقات، اداراتي سڌارن تي ڳالهيون

ترقياتي قدمن، ڊجيٽلائزيشن، سيڪيورٽي جي معاملن تي پڻ ڳالهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي واري
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز هٿان ڦر جي وارداتن ۾ ملوث گينگ جا 3 جوابدار گرفتار

اسو گينگ جي جوابدارن حمزه عرف پڳوان ، سفير ۽ شبير کي سوگهو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير جي ڪراچي ۾ بلڊرز ايسوسيئيشن سان ملاقات، مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري

زمينن تي قبضي ۽ ڀتي خوري کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو: مراد علي شاهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ انتظاميہ جو افغان شهرين تي سخت ڪريڪ ڊائون، سمورا اميگريشن چينلز بند

آمريڪا افغان شهرين جي اميگريشن ، شهريت ۽ گرين ڪارڊ جون درخواستون فوري طور معطل ڪري ڇڏيون

برطانيہ پنهنجي شهرين لاءِ افغانستان متعلق سخت ترين ٽريول ايڊوائزري جاري ڪري ڇڏي: واشنگٽن رپورٽ

واشنگٽن / ڪابل (اي پي پي) افغان طالبان جي شدت پسندي پاليسين ۽ دهشتگرد تنظيمن جي مبينہ سرپرستي سبب آمريڪا افغان شهرين لاءِ سمورا اميگريشن چينلز بند ڪندي سخت ترين
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ناڪامي انسان جي لڪل صلاحيتن کي ظاهر ڪري مستقبل جون راهون کولينديون آهي: سعديہ راشد

حڪيم محمد سعيد محدود وسيلن ۽ مشڪلاتن باوجود همدرد فائونڊيشن ۽ يونيورسٽي جهڙن ادارن کي جنم ڏنو

جڏهن ڪو ٻار ناڪام ٿئي ٿو، تہ ان کي ڊاهڻ بدران ان جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي: فاطمہ عبيد

زندگي جو رستو ڪڏهن بہ سڌو ناهي هوندو،جنهن ۾ مشڪلاتن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جي تلخي شامل آهي:عائشہ فواد

لاهور(پ ر) همدرد فائونڊيشن پاڪستان جي صدر سعديہ راشد چيو تہ ناڪامي اصل ۾ انسان جي سڀ کان وڏي استاد هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي سڀني محنت ۽ خلوص جي باوجود، اسان گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ جي قابل نہ هوندا آهيون. جيڪو اسان جي دل کي ڇرو ڪري ڇڏيندو آهي، پر اهي لمحا آهن جيڪي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

لاهور: همدرد فائونڊيشن جي چيئرمين صدر سعديہ راشد ۽ فاطمہ عبيد خطاب ڪري رهيون آهن

حڪومت ٽيڪنالاجي سان ليس ۽ عوام دوست پوليس فورس جي قيام لاءِ پرعزم آهي: وڏو وزير

پوليس جي قدمن جي نتيجي ۾ سڄي صوبي ۾ امن امان جي صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي

ٿاڻن ۾ رڪارڊ مينيجمينٽ سسٽم تحت سمورن ڪيسن جو رڪارڊ ڊجيٽل طور محفوظ ڪيو پيو وڃي

ريپڊ رسپانس فورس کي هنگامي حالتن ۽ خطرناڪ مشنز لاءِ تيار ڪيو ويو آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌ پوليس ۾ وڏن سڌارن ۽ ٽيڪنالاجي اپ گريڊيشن جو اعلان ڪندي چيو آهي تہ انهن قدمن جي نتيجي ۾ سڄي صوبي ۾ امن امان جي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم يوٿ پروگرام ۽ اسپورٽس اڪيڊمي وچ ۾ ڊاهہ تي صحيحون ٿي رهيون آهن

پوليس ۾ ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري نہ ڪرڻ خلاف مارچ، ڪيترائي اميدوار گرفتار

ايس پي ڊي زيرو ون جي اميدوارن احتجاج ڪندي وزيراعليٰ هائوس ڏانهن مارچ ڪيو

احتجاج ڪندڙ سمورن ٽيسٽ پاس اميدوارن کي پوليس گرفتار ڪري ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس جي ايس پي ڊي زيرو ون 2024 جي ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊرز جاري نہ ڪرڻ جي خلاف ڪراچي پريس ڪلب کان وزيراعليٰ سنڌ هائوس طرف مارچ تي پوليس جي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪتي جي حملي بعد ريبيز ۾ مبتلا نينگري اسپتال ۾ فوت

هڪ مهينو اڳ آواره ڪتي جي چڪ سبب زخمي نينگري ريبيز ۾ مبتلا ٿي وئي

نينگري کي انڊس اسپتال آندو ويو تہ بيماري خطرناڪ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي هئي: انتظاميا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي جي انڊس اسپتال ۾ ريبيز ۾ مبتلا 17 سالن جي ڇوڪري فوت ٿي وئي، جنهن سان هن سال اسپتال ۾ ريبيز سبب فوت ٿيندڙن جو انگ 8 ٿي ويو آهي. تفصيلن موجب هڪ مهينو
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي عوامي سهولت مرڪز جو افتتاح ڪري رهيو آهي

هن شماري ۾ پڙهندا

سنڌ جو واحد فئملي ڊائجسٽ هزارداستان ڊسمبر 2025ع جو شمارو

عالمي ادب مان
ليو ٽالسٽاءِ جو شاهڪار افسانو - اڪيلو ڏوهاري
جادوءَ جو گهوڙو - ايڊورڊ لينسن
اڄ تہ موتي هلون - جاپاني ادب مان شاهڪار ناول

طبعزاد نکور ڪهاڻيون
شادي يا ٻارهو!! - پرويز
اميد - منظور بيدار
هر شڪل - يار محمد چانديو
نهنو نينهن - نسرين سيد
مرجهايل مرڪون - نور حسن هوت
ٻي جوڙ - اقرار قمبراڻي

هر هنڌ موجود

سنڌي ادب جي خزاني مان
نيٽ گونگي ڳالهايو - آمر جليل جو شاهڪار ناول
دور آڪاسن مان - علي بابا
زندگيءَ جو روڳ - بشير موريائي

غلام حسين رنگريزجي آتم ڪٿا

موراڪو جا ماڳ - مراڪش جو سفرنامو

خوشبو خوشبو خيال

ڪوتانگر

علي دوست عاجز، وسيم سومرو، ساحر راهو، شبانہ عالماڻي، وفا رياض احمد لورڱ، اختيار علي خاصخيلي، اطهر منگي، گلزار احمد درس، دوست علي احمداڻي، ذاڪر جروار، ناز ربڏنو خاصخيلي، غفار ميمڻ، وفا گل محمد جمالي، عبدالرحيم عبد ڪنير، حڪيم پريم چانڊواڻي، عبدالحميد جسڪاڻي، جام آدرش، جلال شيخ، ستار بادل بخاري، حيدر مهراڻي، الطاف انصاري، سڪندر سرواڻ، طارق امام جوڻيجو، شميم سومرو، نسرين سيد، خالد چانڊيو، علي اڪبر چانگ، راشد گل گاڏهي، امر ڪتري، خير محمد گهنيو، باغي محسن، قادر بخش مخلص چانڊيو، قادر بخش پريم، وفا جانوري، فقير محمد سنڌي، غلام آدرش، غلام رسول گل، آزاد ٺٽوي، ديدار شاد گوپانگ، اقرار جوڻيجو، ممتاز علي ٽرواسي، قاصر اياز ميمڻ، گل حسن ساگر ڪوري، شاعر شاهجهان ڪنير، اويس ساگر، لِيلا رام لوهاڻو، غلام علي ڪانڌڙو، امرتا ڏاهري، معشوق محسن ابڙو، آزاد خاصخيلي، گهايل مغيري، محمد حنيف گلڙي، امداد جسڪاڻي، رحيم راهمُون، مير اعتزاز، صادق لاشاري، ساگر جان راهواڻي، اڪبر عارباڻي، نور محمد خاصخيلي ۽ ٻين جي نکور شاعري.

پنهنجي ڪاپي روزاني عبرت جي هاڪر کان اڄ ئي خريد ڪري وٺو نہ تہ پوءِ ميار ڪار نہ آهي

بقايا 1 — تجويزون طلب

استعمال ڪانپوءِ تخليقي پيشن جي لاءِ جنم وٺندڙ مسئلن ۽ انهن پيشن کي غيرضروري ڦيٽ کان بچائڻ جي لاءِ تجويزون طلب ڪري ورتيون آهن ڪالهه خميس ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ اشتهارن واري شعبي ۾ مصنوعي ذهانت (اي آءِ) جي استعمال سان تخليقي پيشن ۾ ملازمتن جا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن انهن پيشن ۾ مواد تخليق ڪندڙ گرافڪ ڊيزائنر ۽ ايڊيٽرز تخليقي ڊائريڪٽرز اداڪار ۽ ماڊلز فني عملو ۽ ڪئميره مين شامل آهن ان مسئلي جي حل ۽ انهن پيشن کي غيرضروري ڦيٽ کان بچائڻ جي لاءِ تجويزن جي ضرورت آهي ان لاءِ عوام پنهنجون تجويزون pio@pid.gov.pk تي موڪلي

بقايا 2 — پاڪستان

سنجيدگي سان ڏسي ٿو پاڪستان جي انڊس واٽر ڪمشنر پنهنجي ڀارتي هم منصب کي خط لکيو آهي جنهن ۾ سنڌ طاس معاهدي ۾ لکيل طريقيڪار موجب ان معاملي ۾ وضاحت طلب ڪئي وئي آهي ترجمان چيو ته زرعي سيزن ۾ درياءَ جي وهڪري سان ڇيڙڇاڙ عوامي زندگي ۽ غذائي سلامتي جي لاءِ خطرو آهي. پاڪستان ڀارت کان هڪطرفي قدمن کان باز رهڻ جو مطالبو ڪري ٿو ڀارت سنڌ طاس معاهدي تي مڪمل ۽ نيڪ نيتي سان عمل ڪري هن چيو ته معاهدي جي خلاف ورزي عالمي قانون جي لاءِ خطرو آهي پاڪستان پاڻي جي بنيادي حقن تي ڪو ڏاهه نه ڪندو ترجمان چيو ته پاڪستان سان ڪنهن اڳواٽ اطلاع يا ڊيٽا معلومات جي متاسنا ڪانسواءِ ڀارت پاران پاڻي ڇڏڻ تي پاڪستان کي شديد خدشا آهن هن پاڪستان جي ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو پاڻي جي حقن جي واپسي جي لاءِ سمورا آپشنز استعمال ڪندو ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندو ته ڀارت پاران پاڻي جي سياڻي کي محدود نه ڪيو وڃي. عالمي برادري ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي جي مسلسل نظراندازي جو نوٽيس وٺي پرڏيهي آفيس جي ترجمان ميڊيا کي چناب درياءَ جي وهڪري ۾ تازي اوچتو تبديلي ۽ ڀارت پاران بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع يا معلومات جي هڪطرفي طور تي درياءَ ۾ پاڻي ڇڏڻ بابت آگاهه ڪيو طاهر حسين اندرابي چيو ته پاڪستان ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪرڻ چاهي ٿو ته سنڌ طاس معاهدو هڪ پابند عالمي معاهدو آهي جيڪو خطي ۾ امن ۽ استحڪام جو هڪ ذريعو رهيو آهي. ان جي خلاف ورزي هڪ طرف عالمي معاهدن ۽ عالمي قانون جي تعميل جي لاءِ خطرو آهي ۽ ٻئي طرف ان سان علائقائي امن سٺي پاڙيسريت جي اصولن ۽ بين الرياستي لاڳاپن کي ڪنٽرول ڪندڙ اصولن کي شديد خطرا آهن ترجمان چيو ته عالمي برادري کي ڀارت پاران ٻطرفي معاهدي جي مسلسل نظراندازي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ ڀارت کي عالمي قانون ۽ قائم ڪيل اصولن موجب ذميواري سان ڪم ڪرڻ جو مشورو ڏيڻ گهرجي هن چيو ته پاڪستان ڀارت سان تڪرارن ۽ مسئلن جي پرامن حل جي لاءِ پرعزم آهي پر هو پنهنجي ماڻهن جي پاڻي جي وجود جي حقن تي ڪو ڏاهه نه ڪندو ساڳئي وقت پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي چيو آهي ته آسٽريليا ۾ بونڊي بيچ حملي سان پاڪستان کي ڳنڍڻ افسوسناڪ ۽ غيرذميوارانو آهي پاڪستان هر قسم جي دهشتگردي جي واضح لفظن ۾ مذمت ڪري ٿو افغانستان مان دهشتگرد عنصرن جي موجودگي ۽ دهشتگردن کي افغان سرزمين تي معاونت ملڻ جا اعتماد جوڳا ثبوت موجود آهن ڪالهه خميس ڏينهن پريس بريفنگ ۾ هن چيو ته ڀارتي ميڊيا واقعي تي غلط معلومات ۽ پروپيگنڊه پکيڙي جڏهن ته بعد ۾ حملي آور ڀارتي ڄائو ۽ ڀارت جو پاسپورٽ هولڊر نڪتو ترجمان چيو ته هڪ پاڪستاني جو نالو ۽ تصوير بنا تصديق جي ميڊيا تي ڏيکاري وئي، غلط رپورٽنگ سان هڪ بيگناهه ماڻهو ۽ ان جي خاندان کي خطرو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته ان بابت غلط رپورٽنگ سان ڀارتي ميڊيا ساک کي شديد نقصان پهتو آهي. ڀارتي ميڊيا کي ذميوارانو ۽ پيشيوارانو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي

بقايا 3 — منظوري

سالن جي جامع حڪمت عملي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته مسلمان ملڪن ۽ سڄي دنيا جي حلال گوشت جي مارڪيٽ ۾ پاڪستان جي برآمدي حصي کي بهتر بڻائڻ لاءِ سڀني لاڳاپيل وزارتن ۽ صوبائي حڪومتن جي مشاورت سان تيار ڪيل هڪ جامع حڪمت عملي تمام گهڻي ضروري آهي ڪوس گهرڻ جي عالمي معيار جي سرٽيفڪيشن ۽ ٻين ملڪن سان ٻطرفي رجسٽريشن ۾ حڪومت هر ممڪن مدد فراهم ڪندي خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ حلال گوشت جي برآمدي پاليسي بابت هڪ جائزو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان قومي خوراڪ جي تحفظ واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، وزيراعظم جي صنعت ۽ پيداوار بابت خاص مددگار هارون اختر خان ۽ ٻين لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ وزيراعظم هدايت ڪئي ته حلال گوشت جي روانگي واپار کي وڌائڻ لاءِ ايندڙ ٻن هفتن ۾ عملي قدمن سان گڏ ٽن سالن جي جامع حڪمت عملي پاڪستان جي حلال گوشت جي برآمدي مارڪيٽ کي وڌائڻ لاءِ قائم ڪيل پيداوار ڪميٽي سرد خانن ۽ ٻين عنصرن کي بهتر بڻائڻ لاءِ قابل عمل تجويزون پيش ڪرڻ جي هدايت

ڪئي. وزيراعظم چيو ته مسلمان ملڪن ۽ سڄي دنيا جي حلال گوشت جي مارڪيٽ ۾ پاڪستان جي برآمدي حصي کي بهتر بڻائڻ لاءِ سڀني لاڳاپيل وزارتن ۽ صوبائي حڪومتن جي تعاون سان تيار ڪيل هڪ جامع حڪمت عملي تمام گهڻي ضروري آهي. چوپائي مال ۾ حلال گوشت جي پيداوار کي عالمي معيار مُوجب ۽ علائقائي پيداوار جي مقدار سان مقابلي ۾ وڌائڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن حلال گوشت جي پيداواري ۽ غذائي قيمت ۾ اضافي جي لاءِ لاڳاپيل وفاقي وزارتن ۽ صوبائي حڪومتن جي تعاون سان منظم مرڪز وقت جي اهم ضرورت آهن

بقايا 4 — ڳالهيون

چيف فيلڊ مارشل خليفه بالقاسم حفتر ۽ ليبيا جي عرب هٿياربند فوج جي ڊپٽي ڪمانڊر ان چيف ليفٽيننٽ جنرل صدام خليفه حفتر سان ملاقات ڪئي آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي آمد تي ليبيائي هٿياربند فوج جي هڪ چست دستي فيلڊ مارشل کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو فيلڊ مارشل ۽ خليفه حفتر وچ ۾ ٿيل ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، علائقائي سلامتي جي صورتحال ۽ ٻطرفي دفاعي ۽ عسڪري تعاون کي وڌائڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 5 — اعلان

11.1 ارب ڊالر ماليت جي هٿيارن جو پيڪيج وڪرو ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪا گذريل ڏينهن تائيوان کي 11.1 بلين ڊالر جا هٿيار وڪرو ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، جيڪو تائيوان لاءِ آمريڪي هٿيارن جو سڀ کان وڏو پيڪيج آهي تائيوان کي هٿيارن جي وڪري جو اعلان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران موجوده انتظاميا تحت ٻيون اعلان آهي وڪرو ڪيل هٿيارن ۾ هميرس راڪيٽ سسٽم هاويٽزر جيولن اينٽي ٽينڪ ميزائل التيس لوئٽرنگ جنگي ڊرون ۽ ٻيا هٿيار شامل آهن رپورٽ مطابق اهو پيڪيج ڪانگريس جي نوٽيفڪيشن واري مرحلي ۾ آهي ان مرحلي ۾ ڪانگريس وٽ موقعو آهي ته هو چاهي ته تائيوان کي آمريڪي هٿيارن جو وڪرو روڪي يا ان ۾ تبديلي ڪري سگهي ٿو اهو اعلان تائيوان جي پرڏيهي وزير جي آمريڪي اختيارين سان ملاقات لاءِ گذريل هفتي واشنگٽن جي اڻ اعلانيل دوري ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي

بقايا 6 — بند

پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون آهن دي واشنگٽن پوسٽ جي رپورٽ موجب ٽرمپ انتظاميه افغان اسپيشل اميگرنٽ ويزا (SIV) معطل ڪري ڇڏيو آهي رپورٽ مطابق اهو سخت فيصلو افغان ڄائي رحمان الله لڪنوال طرفان ٻن نيشنل گارڊ اهلڪارن تي فائرنگ جي واقعي بعد ڪيو ويو جنهن ۾ هڪ اهلڪار مارجي ويو. ان واقعي بعد ٽرمپ انتظاميه سمورن افغان شهرين جي اميگريشن، شهريت ۽ گرين ڪارڊ جون درخواستون فوري طور تي معطل ڪري ڇڏيون آهن. افغانستان هاڻي انهن 12 ملڪن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويو آهي جن تي مڪمل سفري پابنديون لاڳو آهن. وائيٽ هائوس مطابق اهو قدم انهن ملڪن خلاف آهي جيڪي اسڪريننگ ۽ معلومات واشنگٽن جي ڏي وٺ ۾ ناڪام رهيا آهن.

بقايا 7 — سعدير راشد

اسان کي مضبوط بڻائيندا آهن هن اهو اظهار 18 ڊسمبر 2025 تي بيت الحڪمه آڊيٽوريم مدينة الحڪمه ۾ همدرد نونهال اسيمبلي جي اجلاس ۾ اسيمبلي جي موضوع "ناڪامي ناڪامي نه آهي اهو استاد آهي" تي نوجوانن کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته ناڪامي ڪا دشمن آهي ۽ نه ئي رڪاوٽ، پر هڪ آئينو آهي جيڪو اسان جي ڪمزورين ۽ لڪيل صلاحيتن کي واضح ڪري ٿو ناڪامي سان سکندڙ ٻار ۽ نوجوان مستقبل ۾ ڪاميابي جا دروازا کوليندا آهن هن حڪيم محمد سعيد جي زندگي جي مثال ڏيندي چيو ته محدود وسيلن ۽ مشڪلاتن جي باوجود، سندس مسلسل جدوجهد همدرد فائونڊيشن ۽ همدرد يونيورسٽي جهڙن عظيم ادارن کي جنم ڏنو هن نوجوانن کي صلاح ڏني ته ڪاميابي اڪثر پهرين ڪوشش ۾ حاصل نه ٿيندي آهي پر بار بار ڪوششون انسان کي منزل تي پهچائينديون آهن هن موقعي تي خاص مهمان نامور تعليمدان فاطمه عبيد، پنهنجي تقرير ۾ والدين ۽ استادن جي ڪردار تي زور ڏنو ۽ چيو ته جڏهن ڪو ٻار ناڪام ٿئي ٿو ته ان کي ڊاهڻ بدران ان جي حوصلا افزائي ڪرڻ ان کي گلي لڳائڻ ۽ ان جي حمايت ڪرڻ تمام ضروري آهي هن عڪاسي واري مشق (خود احتسابي) جي اهميت کي اجاگر ڪيو ۽ چيو ته ڪنهن جي غلطين تي سوال ڪرڻ، انهن جو تجزيو ڪرڻ ۽ پاڻ تي تنقيدي نظر وجهڻ ڪاميابي جو بنياد آهي

بقايا 8 — فوت

اڳ مريض کي هڪ نامعلوم آواره ڪتي آڱر تي چڪ لڳايو هو ڪتي جي چڪ کان پوءِ مريض کي ويجهي طبي مرڪز ۾ وٺي ويو جتي ڪيس مبينا طور تي ريبيز جي ويڪسين جي صرف هڪ خوراڪ ڏني وئي، پر مڪمل پوسٽ ايڪسپوزر پروفيلڪسس نه ٿي سگهيو اسپتال انتظاميا جو چوڻ آهي ته مريض ۾ گذريل جمعي کان ريبيز جون علامتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿيون جن ۾ پاڻي جو خوف هوا جو خوف ۽ سخت پريشاني شامل هئي جڏهن هوءَ انڊس اسپتال پهتي ته بيماري هڪ تمام خطرناڪ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي هئي اسپتال انتظاميا موجب مريض جو تعلق اورنگي ٽائون ڪراچي سان هو انڊس اسپتال انتظاميا موجب هن سال اسپتال ۾ ريبيز سبب 8 موت رپورٽ ٿي چڪا آهن جڏهن

۽ 16,000هزار کان وڌيڪ جانورن جي کٽي جي کٽ جا ڪيس رپورٽ ٿيا آهن

بقايا 9 — گرفتار

طرفان رستا روڪ ڪندي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ اڳواڻ مظفر علي جوکيو فاروق شر زاهد ميمڻ بابر جاگيراڻي زوهيب خاصخيلي وسيم بليدي سميت ڪيترائي اميدوار گرفتار ڪيا ويا ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اميدوارن چيو ته هزارين بيروزگار نوجوان پنهنجي حق لاءِ پرامن احتجاج ڪيو ته پوليس ناجائزي ڪري گرفتار ڪيو آهي جيڪڏهن اسان کي آفر آرڊرز جاري نه ڪيا ويا ته اسان احتجاج جو دائرو وڌائينداسين .احتجاج ڪندڙ سمورن آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن کي پوليس گرفتار ڪري ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو

بقايا 10 — وڏو وزير

صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي. وڏي وزير اهي ڳالهيون پاڪستان نيوي جي 55هين پي اين اسٽاف ڪورس ۽ 23هين ڪورسپونڊنس اسٽاف ڪورس جي آفيسرن کي خطاب ڪندي ڪيون جن جي قيادت ريئر ايڊمرل سهيل احمد عظمي، ڪمانڊنٽ پاڪستان نيوي وار ڪاليج ۽ ڪمانڊر سينٽرل پنجاب ڪري رهيا هئا. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل تقريب ۾ صوبائي وزيرن انسپيڪٽر جنرل پوليس ۽ صوبائي سيڪريٽرين پڻ شرڪت ڪئي. وڏي وزير ٻڌايو ته سنڌ پوليس جيڪا 1843ع ۾ قائم ٿي ۽ برصغير جي قديم ترين پوليس فورسز مان هڪ آهي هن وقت هڪ لک 62 هزار اهلڪارن 31 ضلعن ۽ قائم 618 پوليس ٿاڻن ۽ لڳ ڀڳ 190 ارب رپين جي بجيٽ تي مشتمل آهي. هن چيو ته فرض جي ادائيگي دوران 2553 اهلڪارن جي قرباني ڏيندڙ هن فورس کي ڍانچي اپريشنز ۽ فلاح و بهبود جي شعبن ۾ جديد بنيادن تي استوار ڪيو پيو وڃي. مراد علي شاه چيو ته حڪومت پوليسنگ جي بنيادي يونٽ، يعني پوليس ٿاڻي تي خاص ڌيان ڏنو آهي جنهن تحت تزئين و آرائش اپ گريڊيشن ۽ مالي خودمختياري فراهم ڪئي وئي آهي. هن ٻڌايو ته سٺو کان وڌيڪ پوليس اسٽيشنن کي الڳ بجيٽ ڏني وئي آهي جڏهن ته ايس ايڇ اوز ۽ جاچ آفيسرن کي ڊي ڊي او اختيار ڏئي فيصلا سازي کي تيز ۽ احتساب کي بهتر بڻايو ويو آهي. وڏي وزير ٽيڪنالاجي تي ٻڌل ڪيترن ئي قدمن تي روشني وڌي. پوليس اسٽيشن رڪارڊ مينيجمينٽ سسٽم تحت سمورن ڪيسن جو رڪارڊ ڊجيٽل طور محفوظ ڪيو پيو وڃي جيڪو فرانزڪ، ڪيميڪل، ڊي اين اي ۽ ميڊيڪو ليگل ليبارٽرين سان ڳنڍيل آهي. عدالتي نظام سان پڻ ڳنڍيل آهي. جنهن ذريعي جج آن لائن ڪيسن جي پيش رفت ڏسي سگهن ٿا. هن ٻڌايو ته ٽول پلازن تي لڳايل مصنوعي ذهانت سان ليس ڪئميرائن تي ٻڌل سنڌ اسمارٽ سرويلنس سسٽم کي ڏوهاري ۽ ايڪسائيز ڊيٽا سان ڳنڍيو ويو آهي جنهن جي مدد سان سٺن ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويو. دهشتگردي جي خاتمي لاءِ جديد سي ٽي ڊي فيوزن سينٽر قائم ڪيو ويو آهي جيڪو اوپن سورس انٽيليجنس، بگ ڊيٽا ۽ جديد وڊيو ۽ آڊيو اوزار استعمال ڪري ٿو. ٻين نظامن ۾ هوٽل آئي مينيجمينٽ سسٽم شامل آهي جيڪو هوٽلن ۾ رهندڙ ماڻهن جو رڪارڊ رکي ٿو ۽ ڪيترين ئي گرفتارين ۾ مددگار ثابت ٿيو آهي. ايمپلائي ويريفڪيشن سسٽم بايوميٽرڪ ذريعي ملازمن جي تصديق ڪري ٿو جنهن جي نتيجي ۾ هزارين ڏوهاري پڪڙيا ويا آهن. "ٽلاش" ڊيوائس ذريعي آفيسر موقعي تي ئي بايوميٽرڪ تصديق سان ڪنهن به شخص جو رڪارڊ چيڪ ڪري سگهن ٿا. شفافيت وڌائڻ لاءِ گشت ۽ ٽريفڪ ڊيوٽي دوران باڊي وورن ڪئميرائون پڻ متعارف ڪرايون ويون آهن. وڏي وزير خاص يونٽن جو به ذڪر ڪيو جن ۾ سينٽرلائيزڊ انويسٽيگيشن سيلز شامل آهن جتي تربيت يافته جاچ آفيسر ۽ مخصوص ليبارٽريون موجود آهن. اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ بين الاقوامي ڪرڪيٽ ۽ ٻين هاءِ رسڪ تقريبن جي سيڪيورٽي فراهم ڪئي. ريپڊ رسپانس فورس کي هنگامي حالتن ۽ خطرناڪ مشنز لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. ڪرائوڊ مينيجمينٽ يونٽ جنهن ۾ عورتن جو ونگ پڻ شامل آهي ۽ سنڌ پوليس هاءِ وي پيٽرول کي اهم شاهراهن جي تحفظ لاءِ گاڏين ۽ افرادي قوت سان ليس ڪيو پيو وڃي. ٽريفڪ مينيجمينٽ بابت هن چيو ته آن لائن ڊرائيونگ لائسنس سسٽم، مصنوعي ذهانت تي ٻڌل نفاذ ۽ اي-چالان پليٽ فارم متعارف ڪرايا ويا آهن.

بقايا 11 — خاطري

سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز (ABAD) جي وفد سان ملاقات ڪئي جنهن جي اڳواڻي حسن بخشي ڪري رهيو هو ۽ واضح ڪيو ته صوبائي حڪومت زمينن تي قبضي ۽ ڀتي خوري کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندي. آباد جي وفد ۾ افضل حميد، حنيف گوهر ۽ ٻيا عهديدار شامل هئا. اجلاس ۾ صوبائي وزير گهرو ضياءالحسن لنجار، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي ۽ ٻيا سينيئر عملدار پڻ موجود هئا. وڏي وزير چيو ته هو هڪ ڏينهن اڳ آباد جي پريس ڪانفرنس ٻڌي هئي ۽ سندس خيال ۾ اهو معاملو ميڊيا ۾ آڻڻ بدران سڌو سنئون هن سان شيئر ٿيڻ گهرجي ها. هن زور ڏيندي چيو ته سنڌ ۾ ڪٿي به زمينن تي غيرقانوني قبضو هرگز برداشت نه ڪيو ويندو. ڊويزنل ۽ ضلعي انتظاميه کي اڳ ۾ ئي واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته غيرقانوني قبضي جي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندس. آباد جي نمائندن وڏي

وزير کي آگاهه ڪيو ته ڪجهه مهينا اڳ سندس هدايتن تي زمينن تي قبضي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وئي هئي جنهن کان پوءِ سندن زمينن تي ڪوبه نئون قبضو نه ٿيو. هن چيو ته جيڪڏهن ڪٿي پراڻا قبضا موجود آهن ته حڪومت سان گڏجي انهن جي خاتمي لاءِ پڻ تيار آهن جنهن تي گڏيل طور اڳتي وڌڻ تي اتفاق ٿيو. اجلاس دوران آباد جي وفد وڏي وزير کي ڀتي خوري جون پرچيون ۽ مبينا طور ٻاهرين ملڪن مان فون ڪالون ڪندڙ ماڻهن جا ٽيليفون نمبر به ڏنا ۽ ميمبرن کي پيش ايندڙ مسئلن بابت تفصيلي آگاهي ڏني. وڏي وزير چيو ته اهڙين حالتن ۾ آباد کي فوري طور لاڳاپيل اختيارين سان رابطو ڪرڻ گهرجي ها. هن چيو جيڪڏهن ڪنهن ڀتي جي پرچي ڏني يا ڪا رقم ادا ڪئي وئي ته فوري طور گهرو وزير کي درخواست ڏيڻ گهرجي ها. آباد جي قيادت ٻڌايو ته گذريل هڪ سال دوران ڀتي خوري جا لڳ ڀڳ 10 ڪيس سامهون آيا آهن. پوليس انهن 10 ڪيسن ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي بابت وفد کي بريفنگ ڏني. گهرو وزير ٻڌايو ته پوليس وڏن آپريشن دوران 50 ڀتي خور گرفتار ڪري جيل موڪليا جڏهن ته ڇهه ڏوهاري پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا. مراد علي شاه پوليس کي هدايت ڪئي ته آباد طرفان ايندڙ هر شڪايت تي ترت ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته پوليس کي صاف لفظن ۾ حڪم ڏنا ويا آهن ته آباد جي شڪايتن تي بنا دير ايڪشن ورتو وڃي جڏهن ته وفاقي حڪومت جي سهڪار سان ٻاهرين ملڪن مان ڀتي خوري ڪرائڻ وارن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي ويندي. وڏي وزير چيو اسان وفاقي حڪومت جي مدد سان ٻاهر ويهي ڀتي خوري ڪرائڻ وارن خلاف قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ماضي ۾ اسان هن شهر مان ڀتي خور ختم ڪيا هئا ۽ هاڻي ٻيهر انهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين. انسپيڪٽر جنرل پوليس اجلاس کي ٻڌايو ته هو اڳ ۾ ئي آباد جي نمائندن سان ملاقاتون ڪري چڪو آهي جن کان پوءِ عملي قدم کنيا ويا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته آباد جي شڪايت تي ٻاهرين ملڪ مان سرگرم هڪ ڀتي خور سان لاڳاپيل ٽي ڄڻا گرفتار ڪيا ويا آهن. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته آباد طرفان داخل ٿيندڙ هر شڪايت تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. وڏي وزير ڪيس لاءِ الڳ الڳ هدايتون جاري ڪندي پوليس ۽ سول انتظاميه کي مسئلا حل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. وڏي وزير چيو ته وفاقي حڪومت سان به ڳالهائيندس ته جيئن ٻاهر ويٺل ڀتي خور گرفتار ٿي سگهن. اسان اڳ به هن شهر مان ڀتي خوري جو خاتمو ڪيو هو ۽ ٻيهر به يقيني بڻائينداسين ته اهي قانون جي پڪڙ ۾ اچن. اجلاس جي پڄاڻي ۾ آباد جي وفد مسئلن جي حل ۾ ذاتي دلچسپي وٺڻ تي وڏي وزير جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته حڪومت جي تعاون سان ڪراچي جي تعميراتي شعبي ۾ بلڊرن ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيندو. وڏي وزير آباد جي وفد کي يقين ڏياريو ته هو جلد آباد جي آفيس جو دورو ڪندو ۽ سمورن عهديدارن ۽ ميمبرن سان ملاقات ڪري رابطا مضبوط ڪندو ۽ ڪنهن به قسم جي رابطن جي ڪوٽ ختم ڪندو.

بقايا 12 — گرفتار

(سنڌ) خفيه اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقن نارٿ ڪراچي ۽ خواجه اجمير نگر مان اسٽريٽ ڪرائيم ۽ ڦر جي وارداتن ۾ ملوث اسو گينگ جي 3 جوابدارن حمزه عرف پڳون ولد ناصر خان، سفير ولد وارث ۽ شبير ولد اصغر کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جوابدارن جي قبضي مان 30 بور جا 3 پسٽل ايمونيشن سميت ۽ نقد رقم برآمد ڪئي وئي آهي ته جوابدار ڪراچي جي مختلف علائقن نارٿ ڪراچي، خواجه اجمير نگر ۽ پختون آباد ۾ منشيات فروشي موٽر سائيڪل چوري، ڦر ۽ موبائل فون ڦرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن جوابدار حمزه عرف پڳون پنهنجي ساٿي آصف بنگالي سان گڏ پهاڙ گنج چورنگي اورنگي ٽائون ۽ الجنت شادي هال جي ٻاهران موٽر سائيڪلون چوري ڪرڻ جو پڻ انڪشاف ڪيو آهي

بقايا 13 — ڳالهيون

وفاقي وزير احسن اقبال ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي سان ملاقات ڪئي. حنيف عباسي پاڪستان ريلوي ۾ جاري سڌارا جاتي ۽ ترقياتي قدمن، ڊجيٽلائزيشن، سيڪيورٽي، مسافر سهولتون ۽ ايم ايل ون منصوبي تي اڳڀرائي ۽ کان آگاهه ڪيو وفاقي وزير احسن اقبال پاڪستان ريلوي ۾ سڌارن، جديد قدمن ۽ بهتر ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو لاهور- نارووال ٽرين جي اپ گريڊيشن تي ريلوي واري وزير حنيف عباسي جو ٿورو مڃيو وفاقي وزير احسن اقبال نارووال ريلوي اسٽيشن کي وڌيڪ اپ لفٽ ڪرڻ جي درخواست ڪئي جنهن تي ريلوي واري وفاقي وزير نارووال ريلوي اسٽيشن جي بهتري ۽ وڌيڪ ترقياتي قدمن جي خاطري ڪرائي. ملاقات ۾ ٻنهي وزيرن وزيراعظم جي ويژن موجب ريلوي جي نظام کي جديد رُخن ۽ عوام دوست بڻائڻ جي عزم کي ورجايو

بقايا 14 — وزيراعظم

۽ تڪميل ۽ عوام کي سفري سهولتن جي فراهمي کي ساراهيندي چيو آهي ته اهي منصوبا نه رڳو راولپنڊي اسلام آباد پر سڄي پاڪستان مان ايندڙ عوام جي لاءِ فائديمند آهن عوامي خدمت جو سفر جاري رهندو اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه خميس ڏينهن اقبال فلاءِ اوور/ ڪي چوڪ فلاءِ اوور اسلام آباد ايڪسپريس وي سگنل فري ڪوريڊور جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي وفاقي وزير اسيمبلي ميمبر سي ڊي اي ۽ ضلعي

انتظاميا جا عملدارن ڪنٽريڪٽرز ۽ مقامي اڳواڻن جو وڏو انگ پڻ موجود هو وزيراعظم گهرو وزير سندس ٽيم ۽ ڪنٽريڪٽرز کي شاندار منصوبي جي تڪميل تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته ان منصوبي کي نه رڪارڊ مدي ۾ مڪمل ڪيو ويو هن چيو ته عام ماڻهو جي سهولت لاءِ اهي منصوبا تمام اهميت رکندڙ آهن هن چيو ته ڏيڍ سال ۾ ٻهاره ڪهو ايف نائين سرينا چوڪ رسول چوڪ مارگلا چوڪ طيب اردوان فلاءِ اوور ۽ اندر پاسر سميت ڪرنل شير خان ڪوريڊور ميٽرو بس سروس جهڙا منصوبا نه رڳو جاڙن شهرن جي رهواسين پر سڄي پاڪستان مان ايندڙ عوام جي لاءِ فائديمند آهن هن قبضن جو خاتمو ڪري منصوبي جي جلد تڪميل جي راهه هموار ڪندڙ آفيسرن کي پڻ شاباس ڏني وزيراعظم چيو ته عوام کي سفر جي بهترين سهولتن جي فراهمي خوش آئنده آهي هن شفافيت ۽ معيار کي يقيني بڻائيندي اڳتي وڌڻ ۽ عوامي خدمت جو سفر جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو گهرو وزير محسن نقوي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڪي چوڪ ۽ ٽريفڪ جام جو مسئلو معمول هو ايڪسپريس وي سان گڏ سروس روڊ جو منصوبو پڻ جلد شروع ڪنداسين هن چيو ته وفاقي گاڏي واري شهر جي ترقي جي لاءِ ويژن 2027ع تي عمل پيرا آهيون ٻن سالن ڪانپوءِ هڪ نئون اسلام آباد ڏسڻ لاءِ ملندو منصوبن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائي رهيا آهيون

بقايا 15 — حڪم

فيصلو جاري ڪندي چيو ته جسٽس طارق محمود جهانگيري مقرري جي وقت صحيح ڊگري نه رکندو هو انهي جي مقرري غيرقانوني هئي عدالت سڳوري پنهنجي فيصلي ۾ جسٽس طارق محمود جهانگيري کي عهدي تان هٽائڻ جو حڪم ڏنو طارق محمود جهانگيري جج جو عهدو رکڻ جي لاءِ اهل نه هو طارق محمود جهانگيري کي بطور جج جي طور تي ڊي نوٽيفاءِ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو ته قانون واري وزارت کي هدايت ڏني وڃي ٿي ته جسٽس طارق جهانگيري کي بطور جج ڊي نوٽيفاءِ ڪيو وڃي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس اعظم خان فيصلو ٻڌايو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو ته جسٽس طارق جهانگيري جي جڏهن هاءِ ڪورٽ جج جي مقرري ٿي انهي وقت انهي جي ايل ايل بي جي ڊگري صحيح نه هئي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو ته جسٽس طارق جهانگيري اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج بنجڻ جي لاءِ اهل ٿي نه هو سمورين گڏيل درخواستون اڪلايون وڃن ٿيون جسٽس طارق جهانگيري فيصلو ٻڌڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ ئي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان روانو ٿي ويو هو هوڏانهن جسٽس جهانگيري ڊگري تڪرار ڪيس جي ٻڌڻي ٿي وڪيلن جا دليل ٻڌي ججز چيمبر مان روانا ٿي ويا. بيرسٽر صلاح الدين اڪرم شيخ راجه عليم عباسي ۽ ٻين دليل ڏنا درخواستگذار ميان دائود ايڊووڪيٽ دليل ڏنا. بيرسٽر صلاح الدين ٻن درخواستن تي اڪرم شيخ هڪ درخواست تي دليل ڏنا

بقايا 16 — قيصر شيخ

۽ معاشي استحڪام جي ضمانت آهن هٿياربند فوج جون قربانيون پاڪستان جي خودمختياري ۽ بقا جو بنياد آهن اهڙو اظهار هن ڪالهه اسلام آباد ۾ سمنڊ پار پاڪستانيز گروپ ۽ پاڪستان ايڪس سروس مين سوسائٽيءَ جي انتظام هيٺ پاڪستان جي شهيدن جي تقريب، هٿياربند فوج سان يڪجهتيءَ جي اظهار ۽ قائداعظم جي ولادت واري ڏهاڙي جي مناسبت سان هڪ خصوصي سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو ان تقريب جو مقصد پاڪستان جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ هٿياربند فوج سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ ۽ پاڪستان جي باني قائداعظم محمدعلي جناح جي 149هين

جنم ڏينهن جي مناسبت سان کيس ياد ڪرڻ هو وفاقي وزير ان ڳالهه تي زور ڀريو ته حڪومت سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ڪرڻ ۽ پاڪستان کي هڪ پُرڪشش سيڙپڪاري مرڪز بڻائڻ لاءِ هر وقت تيار آهي وفاقي وزير چيو ته اها تقريب پاڪستان جي قربانين اتحاد جهڙن بنيادي قدرن جي عڪاسي ڪري ٿي هن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ ملڪي خودمختياري ۽ استحڪام جي تحفظ ۾ هٿياربند فوج جي ڪردار کي ساراهيو قائداعظم جي نظم و ضبط، قانون جي حڪمراني ۽ قومي اتحاد جي نظرين کي ملڪي ترقيءَ لاءِ اٽل قرار ڏيندي وفاقي وزير معيشت ۽ عالمي سطح تي پاڪستان جي مثبت سُڃاڻپ اجاگر ڪرڻ ۾ سمنڊ پار پاڪستانين جي ڪردار تي زور ڀريو ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ڪرڻ جي حڪومتي عزم کي ورجايو

بقايا 17 — وزيراعظم

آهن پاڪستان جي آئين ۾ انهن کي مڪمل مذهبي آزادي برابر حق ۽ تحفظ حاصل آهي حڪومت اقليتن جي ڀلائي، ترقي ۽ تحفظ جي لاءِ سمورن ضروري قدمن کي يقيني بڻائيندي اهڙن خيالن جو اظهار هن قومي اسيمبلي جي اقليتي ميمبرن جي وفد سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن ڪالهه خميس ڏينهن ساڻس ملاقات ڪئي وفد ۾ مذهبي معاملن وارو مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني ڊاڪٽر درشن نيلسن عظيم اسفن پنڊارا نيلم سنجي پاراڻي رميش ڪمار نويد عامر ۽ رميش لعل شامل هئا ملاقات ۾ ملڪ ۾ اقليتن جي حقن انهن جي ڀلائي ۽ قومي دارا ۾ انهن جي موثر ڪردار تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وزيراعظم چيو ته اقليت پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي نظام جو اهم حصو آهن ۽ پاڪستان جو آئين انهن کي مڪمل مذهبي آزادي، برابر حق ۽ تحفظ فراهم ڪري ٿو حڪومت اقليتن جي ڀلائي، ترقي ۽ تحفظ جي لاءِ سمورا ضروري قدم جاري رکيا آهن قومي اسيمبلي جي اقليتي ميمبرن اقليتن جي ڀلائي جي لاءِ حڪومت جي ڪوششن کي ساراهيو ۽ وزيراعظم جا ٿورا مڃيا هنن اقليتي برادري کي درپيش مسئلن ۽ تجويزن کان پڻ آگاهه ڪيو وزيراعظم اقليتي برادري جي مسئلن جي حل ۽ انهن جي شموليت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ هر ممڪن تعاون جي خاطري ڪرائي

بقايا 18 — انڪشاف

۾ ان دعويٰ کي "غير معتبر" قرار ڏنو ويو آهي. رپورٽ ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته علائقي جا ملڪ افغانستان کي وڌندڙ علائقائي عدم استحڪام جو ڳوڙهو سمجهڻ لڳا آهن ۽ ڪيئي ميمبر ملڪن آگاهه ڪيو آهي ته داعش خراسان تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي)، القاعده، ترڪستان اسلامي پارٽي، انصارالله ۽ ٻيا دهشتگرد گروهه افغانستان ۾ سرگرم آهن ۽ ڪجهه پرڏيهي حملن جي رٿابندي به ڪري رهيا آهن رپورٽ موجب القاعده جا طالبان سان ويجها رابطا آهن جڏهن ته داعش خراسان طالبان جو اهم مخالف گروهه سمجهيو وڃي ٿو رپورٽ ۾ سڀ کان وڏو علائقائي خطرو ٽي ٽي پي قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا 19 — رد عمل ظاهر

بهار جي وڏي وزير پاران هڪ مسلمان عورت سان بدسلوڪي تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته هڪ سينيئر سياسي اڳواڻ پاران عورت جو حجاب زبردستي لاهڻ شرمناڪ ۽ غيرانساني فعل آهي. ڪالهه خميس ڏينهن پريس بريفنگ ۾ هن چيو ته ڀارت ۾ اقليتن کي اڻوڻندڙ سلوڪ درپيش آهي ڀارتي حڪومت اقليتن جي حقن خاص طور تي مذهبي آزادي جو تحفظ يقيني بڻائي هن چيو ته ڀارت ۾ مسلمان عورت سان بدسلوڪي ۽ انجو مذاق اڏائڻ مذمت جوڳو عمل آهي

بقايا 20 — پيش

پاڪستاني آبادڪارن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جو آبادڪار ملڪي معيشت، غذائي پاڻيائپ ۽ ڳوٺائي ترقي جو بنياد آهي ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر خميس تي آبادڪار ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته پاڻ زراعت سان لاڳاپيل خاندان سان تعلق رکڻ جي ڪري کيس آبادڪارن جي محنت، ڪاميابين ۽ مشڪلاتن جو چڱي ريت پتو آهي

بقايا 21 — صدر

جي ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن جن کي ٻئي پاڙيسري ملڪ قدر جي نگاهه سان ڏسن ٿا. ڪالهه خميس ڏينهن پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس (پي اين سي اي) ۾ تاجڪستان ثقافت جي هفتي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي صدر آصف علي زرداري تاجڪستان جي ثقافت واري وزير سٽوريون معلوياخون امون زودا جي قيادت ۾ ايندڙ تاجڪ ثقافتي وفد جي شاندار آجيان ڪئي. ان موقعي تي صدر سان گڏ تاجڪ ثقافت وارو وزير ۽ قومي ورثي ۽ ثقافت وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب خان کچي موجود هو صدر آصف علي زرداري چيو ته تاجڪ وفد جو هي دورو ٻنهي پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ مضبوط دوستي ۽ تعاون جي رشتن جو مظهر آهي هن چيو ته هي دين تائين اسان جو خطو شاهراهه ريشم جي ذريعي هڪ ٻئي سان واڳيل رهيو جنهن ڏکڻ ايشيا کي وچ ايشيا سان ڳنڍيو انهن رستن سان نه رڳو واپار پر خيال زبانون شاعري ۽ روايتون پڻ منتقل ٿيون عالم شاعر ۽ سياح ان پوري خطي ۾ آزاداڻي اچ وڃ ڪندا رهيا جنهن سان هڪ گڏيل ثقافتي ورثو جڙيو جيڪو اڄ به اسان جي قومن کي ويجهو آڻي ٿو ۽ صدر ان گڏيل تاريخ ۾ فارسي زبان جي خصوصي ڪردار کي اجاگر ڪندي چيو ته ڪيترين ئي صدين تائين فارسي هن خطي ۾ خطي موجوده پاڪستان ۾ علم شاعري ۽ انتظاميا جي زبان رهي صدر چيو ته تاجڪستان ان عظيم ورثي جو فخر سان محافظ آهي، فارسي جا عظيم شاعر ۽ مفڪر اسان جي ٻنهي ملڪن ۾ قدر ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺا وڃن ٿا جيڪا ان ڳالهه جي ياد ڪرائين ٿا ته ثقافت سرحدن کان معاهدن هوندي آهي هن چيو ته پاڪستان ثقافتي سفارتڪاري کي وڏي اهميت ڏي ٿو ۽ هو ان ڳالهه تي خوش آهي ته اهڙي شاندار پروگرام جي ذريعي ثقافتي مناسنا عملي شڪل اختيار ڪري رهي آهي صدر چيو ته مون کي يقين آهي ته اسلام آباد ۽ لاهور ۾ تاجڪ وفد پاران منعقد ڪيل ويندڙ ثقافتي سرگرمين کي پاڪستاني عوام پاران ڀرپور ساراهيو ويندو

بقايا 22 — سردار شاهه

ڪتاب ميلي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته ڪراچي عالمي ڪتاب ميلي ۾ شرڪت ڪري مون کي هميشه خوشي محسوس ٿيندي آهي سڄو سال مان هن ڪتاب ميلي جو انتظار ڪندو آهيان. پهرين سرڪاري حيثيت ۾ شرڪت ڪندو آهيان پوءِ دل جي خوشيءَ لاءِ پڻ هتي ايندو آهيان هن چيو ته ڪتاب سماجي زندگيءَ جي ارتقا جي بنياد آهن جن ملڪن ڪتاب ڇاپڻ جو سلسلو ختم ڪري ڇڏيو هو انهن ملڪن ٻيهر ڪتابن جي اهميت کي سمجهي ڪتاب ڇاپڻ جو عمل ٻيهر شروع ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪتاب پڙهڻ تخليق جو سفر آهي، جيڪڏهن ڪتاب سري ويو ته خواب به سري ويندا، ٽيڪنالاجي ڪتاب جي متبادل نه آهي. ڪتاب ميلي جي انتظاميه کي درخواست ڪئي ته سنڌ جي ٻين شهرن تائين پڻ ڪتابن جي نمائش کي وڌايو وڃي

بقايا 23 — ڪنوينر وقار

شاگردن استادن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جديد دور هوندي به ڪتابن جي اهميت برقرار آهي هن چيو ته ڪتاب پڙهڻ جي شوقين ماڻهن لاءِ عالمي ڪتاب ميلو ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي ڪتاب ميلي جي ٻئي ڏينهن شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شهرين جو چوڻ هو ته 5 ڏينهن وارو ڪراچي ورلڊ بڪ فيئر هر سال منعقد ٿيندو آهي.

بقايا 24 — اسٽال لڳايا

ڪراچي ورلڊ بڪ فيئر جي ميلي ۾ پاڪستان جي 140 ناليوارن پبلشرن ۽ ڪتاب وڪرو ڪندڙن سميت 17 ملڪن سان لاڳاپيل 40 غير ملڪي پبلشرز شرڪت ڪري رهيا آهن جڏهن ته ترڪي سنگاپور چين ملائيشيا، برطانيا، متحده عرب امارات سميت ٻين ملڪن جا پبلشرز پنهنجا اسٽال لڳايا آهن

بقايا 25 — وفاقي وزير اطلاعات

۾ توازن قائم ڪرڻ پوندو هن اهڙو اظهار خميس ڏينهن هتي نيشنل سائبر سيڪيورٽي جي پُڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته سائبر سيڪيورٽي کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريان آبادي جي حقيقتن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي جڏهن اسان پاڪستان جي سائبر اسپيس جو جائزو وٺون ٿا ته اتي 11 ڪروڙ 70 لک کان وڌيڪ انٽرنيٽ استعمال ڪندڙ 14 ڪروڙ 80 لک موبائل براڊ بينڊ استعمال ڪندڙ ۽ 7 ڪروڙ 90 لک کان وڌيڪ سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙ موجود آهن. جيڪڏهن انهن آبادي جي حقيقتن کي نظر ۾ رکيو وڃي ته ڊجيٽل سائبر اسپيس کي ٻن واضح درجن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو اهو هڪ دلچسپ رخ آهي ته سائبر اسپيس ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن

بقايا 26 — وائيس چانسلرز

۾ مصنوعي ذهانت کي شامل ڪرڻ گهرجي جيئن شاگرد ان کي پنهنجي پڙهائي ۽ تحقيق لاءِ هڪ اوزار طور استعمال ڪري سگهن اهڙن خيالن جو اظهار انهن خميس ڏينهن سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۾ ٿيندڙ گلوبل ريسرچ ڪانگريس دوران "مستقبل لاءِ تيار يونيورسٽيون، پاڪستان ۾ عالمي سطح تي مقابلي واري ۽ سماجي طور تي اثرائتي اعليٰ تعليم جي تعمير لاءِ قيادت جو فائدو وٺڻ" جي موضوع تي منعقد ٿيل پينل ڊسڪشن سيشن ۾ ڳالهائيندي ڪيو اين اي ڊي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمد طفيل چيو ته اي آءِ جي هڪ اخلاقي حد هجڻ گهرجي جيڪا پار نه ڪرڻ گهرجي هن ڪاروباري صلاحيتن بابت ڳالهايو ۽ صلاح ڏني ته شاگردن کي اڄ جي دور ۾ انٽرپرينيوئرشپ جي وڏي ضرورت آهي

بقايا 27 — زخمي

روسٽوف اون ڊان ۾ گذريل ڏينهن جي صبح هڪ ڊرون حملي ۾ 3 ڄڻا مارجي ويا ۽ 9 زخمي ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق گورنريوري سليوسار پنهنجي ٽيليگرام چينل تي ان واقعي جا تفصيل فراهم ڪندي ٻڌايو ته حملي ۾ هڪ سال ٻردار جهاز کي نشانو بڻايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ماڻهو مارجي ويا ۽ 3 زخمي ٿي ويا هن وڌيڪ ٻڌايو ته شهر جي هڪ علائقي بٽيسڪ تي به حملو ڪيو ويو جتي ٻن گهرن ۾ باهه لڳي وئي

بقايا 28 — مذمت

جي اسپيڪر سردار اياز صادق آسٽريليا جي شهر سڊني جي مشهور سامونڊي بونڊائي بيچ تي پيش آيل دهشتگرد حملي جي مذمت ڪندي شهرين جي جاني نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي عام شهرين کي نشانو بڻائڻ هڪ سفاڪاڻي غير انساني ۽ هر لحاظ کان نفرت جوڳو عمل آهي

آفيس آف دي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
(پروجيڪٽ مئنيجمينٽ يونٽ) پرزنس ڊپارٽمينٽ سنڌ

ڪئمپ آفيس ايٽ سينٽرل پرزن، ڪراچي

TC/PD/PMU/T-Karachi/5597/of 2025 Dated:17-12-2025

مهربند ٽينڊرن گهرائڻ لاءِ نوٽيس

01. دلچسپي رکندڙ شخصن/ٺيڪيدارن/ڪمپنين/فرمن کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي پروڪيورمينٽ لاءِ اسٽينڊرڊ بڊنگ ڊاڪيومينٽس (SBDs) تي C6 يا ان کان مٿي جي لاڳاپيل ڪيٽيگري تي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) موجب مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو	واڪ سيڪيورٽي	اجراءَ جي تاريخ	واڪ اماڻڻ جي تاريخ	پهريون پيرو واڪ کولڻ جي تاريخ	ٻيون پيرو (موٽ نه ملڻ جي صورت ۾) واڪن جو کولڻ
01	عورتن ۽ ننڍي عمر جي قيدين (Women & YOIS) جي لاءِ ڪراچي ۾ 30000 گيلن جي HSR جي تعمير.	3000	18 مهينا	5%	22-12-2025 کان 15-01-2026 (آفيس وقت دوران)	16-01-2026 صبح 09:15 وڳي	16-01-2026 صبح 10:15 وڳي	03-02-2026 صبح 10:15 وڳي

2) اهليت / لازمي
- i) ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جون 2026 تائين پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان واسطيدار ڪئٽيگري ۽ اسپشلائيزڊ ڪوڊ جيئن هرهڪ ڪم سامهون ذڪر ٿيل آهن.
- ii) گذريل 05 سالن دوران انجام ڏنل ساڳي نوعيت جي ڪمن جو تجربو.
  - ➢ ڪم جي ڪٿيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 80 سيڪڙو لاڳت رکندڙ ساڳي نوعيت جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم.
  - ➢ ڪم جي ڪٿيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو لاڳت رکندڙ ساڳي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ 2 ڪم.
- iii) فرم/ ڪمپني سان گڏ ڪم ڪرڻ وارا انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪي عملي جي تفصيلي معلومات.
- iv) گذريل پنج (05) سالن جي دوران اوسط سالاڻي مالي ڪاروبار (اينيوئل فنانشل ٽرن اوور) منصوبا/ اسڪيم جي مجموعي لاڳت جي برابر يا ان کان وڌيڪ هئڻ گهرجي جنهن جو جائزو سالياني ٽيڪس ريٽرنز ۽ آڊٽ رپورٽس جي بنياد تي ورتو ويندو.
- v) گذريل پنج مالي سالن 2024-2023، 23-2022، 22-2021، 21-2020 ۽ 25-2024 جي سالياني آڊٽ رپورٽس (ICAP) کان رجسٽرڊ آڊٽ فرم جي طرفان جاري ڪيل قابل قبول هوندي. ICAP کان علاوه ڪنهن ٻي آڊٽ فرم جي رپورٽ قابل قبول نه هوندي.
- vi) جيل کاتي کان متعلق تعميراتي ڪمن ۾ استعمال هيٺ واري مشينري ۽ اوزارن جي فهرست ساڻ دستاويزي ثبوت ته مشينري جي ملڪيت آهي يا ڪرائي تي حاصل ڪئي وئي آهي.
- vii) گذريل پنج مالي سالن 22-2021، 21-2020، 24-2023، 23-2022 کان 25-2024 جي دوران درخواست گذار جي بينڪ اڪائونٽ ۾ اوسط سالياڻ بيلنس، ڪٿيل لاڳت جي گهٽ ۾ گهٽ 20% يا ان کان وڌيڪ هئڻ گهرجي. ان ڏس ۾ لاڳاپيل مدي جي اوسط سالياني بيلنس جي تصديق تي مشتمل بينڪ سرٽيفڪيٽ (اصل) منسلڪ ڪرڻ لازمي هوندو.
- viii) گذريل پنج مالي سالن 2024-2023، 23-2022، 22-2021، 21-2020 ۽ 25-2024 جي لاءِ هر سال جي بينڪ اسٽيٽمينٽ الڳ الڳ فراهم ڪئي ويندي، جيڪا هر سال پهرين جولائي کان 30 جون تائين جي مدي تي مشتمل هجي.
- ix) فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) سان گڏ انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۾ رجسٽريشن، فعال حيثيت سان گڏ NTN سرٽيفڪيٽ
- x) گذريل پنج مالي سالن 2024-2023، 23-2022، 22-2021، 21-2020 ۽ 25-2024 جي سالياني انڪم ٽيڪس ريٽرنز.
- xi) حڪومت سنڌ جي سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان گڏ رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ فعال حيثيت (Active Status) سان گڏ.
- xii) ٽيڪنيڪي تجويز (ٽيڪنيڪل پروپوزل) جي هر صفحي تي صفحو نمبر لڳل هئڻ گهرجي ۽ ان کي فرم/ ڪمپني جي مالڪ جي طرفان صحيح ۽ مهر سان گڏ تصديق ٿيل هئڻ گهرجي.
- xiii) مڪمل ٽيڪنيڪل تجويزون جي جانچ "ها/ نه" يا "پاس/فيل" جي اصولن تي ڪئي ويندي. واڪ ڏيندڙ ڪنهن به معيار يا ذيلي معيار ۾ "ها" يا "پاس" حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ته نااهل قرار ڏنو ويندو.

3) پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار (سنگل اسٽيج ٽو انويلپ).

4) واڪ / ٽينڊر دستاويز:
- i) ٽيڪي جا دستاويز، ٻيا شرط ۽ ضابطا SPPRA جي سرڪاري ويب سائيٽ يعني: "https://ppms.pprasindh.gov.pk" تان ڏسي، جاري يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. واڪ سيڪيورٽي مٿي ڄاڻايل ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر/بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ پاڪستان جي ڪنهن به شيڊيول بينڪ وٽان بحق پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (PMU) پرزن ڊپارٽمينٽ سنڌ ڪراچي جي اڪائونٽ ۾ (فرم جي نالي) ٽيڪنيڪل واڪ / ٽينڊر سان شامل هئڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر غور هيٺ نه ايندا. ڪنهن اڻٽڙندڙ صورتحال جي صورت ۾ يا آفيس بند هئڻ جي صورت ۾ يا حڪومت پاران ڪنهن موڪل هئڻ جي ڪري واڪ ٽينڊر پيش ڪرڻ/ کولڻ جو ڏينهن ورندڙ ڏينهن شمار ڪيو ويندو. جن ٽينڊرن سان واڪ سيڪيورٽي شامل نه هوندي تن کي مقابلي مان ڪڍيو ويندو.
- ii) ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدارن/فرمن ۽ سندن مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا.
- iii) واڪ ٻن الڳ الڳ لفافن تي مشتمل سنگل پئڪيج ۾ هجن. هرهڪ لفافو الڳ الڳ فنانشل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي مشتمل هجي. مونجهارن کان بچڻ لاءِ وڏن ۽ واضح اکرن ۾ لفافي تي ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل پروپوزل لکيل هجي.
- iv) ٽيڪنيڪل پروپوزل فرمن جي ٽيڪنيڪل چنڊڇاڻ ڪانپوءِ کوليا ويندا. فني طور تي ڪواليفائيڊ فرمن جا فنانشل واڪ / پروپوزل سيني ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن / فرمن کي اڳواٽ لکت ۾ اطلاع ڏيڻ واري تاريخ ۽ وقت تي کوليا ويندا. فني طور تي موٽ نه مليل فنانشل واڪن / پروپوزلس کي واسطيدار واڪ ڏيندڙن کي اڻ کليل موٽايا ويندا.
- v) ٽيڪنيڪلي موٽ مليل پروڙيءَ اگهه سبب رد ٿيل واڪ ڏيندڙن جي واڪ سيڪيورٽي ڪامياب واڪ ڏيندڙن کي ورڪ آرڊر جي اجراءِ کانپوءِ واپس ڪئي ويندي.
- vi) واڪن جي کولڻ واري تاريخ تي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو به ميمبر هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هئڻ جي صورت ۾ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي پروگرام مطابق اماڻيا ۽ کوليا ويندا.
- vii) جوائنٽ وينچر کي اجازت نه هوندي.
- viii) هڪ تازو حلف نامو منسلڪ ڪرڻو هوندو جنهن ان امر جي تصديق هجي ته فرم فراهم ڪيل سمورا دستاويز، ڪوائف ۽ مشينري جي متعلق معلومات درست ۽ حقيقي هجي جعلي، ردوبدل ٿيل يا غلط معلومات/سرٽيفڪيٽس جي صورت ۾ فرم/ ڪمپني کي ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.
- ix) مالڪ جي مڪمل تفصيل ساڻ قومي شناختي ڪارڊ (CNIC) جديشل اي-اسٽامپ پيپر (اصل) تي فراهم ڪيا ويندا نمائندي جي صورت ۾ مالڪ جي طرفان جاري ڪيل اٿارٽي ليٽر جديشل اسٽامپ پيپر (اصل) تي هئڻ لازمي آهي. جديشل اسٽامپ پيپر جي علاوه ڪنهن ٻي ذريعي سان ڏنل اٿارٽي قابل قبول نه هوندي ۽ اهڙو ٽينڊر غور هيٺ نه آندو ويندو.
- x) فرم جي صورت ۾ ڊائريڪٽر/ پروپرائيٽر يا ٻين لاڳاپيل شخصن جي مڪمل تفصيل ساڻ پاور آف اٽارني فراهم ڪئي ويندي. اڪيلي ملڪيت (سول پروپرائيٽر) جي صورت ۾ هن ڏس ۾ تازو حلف جمع ڪرائڻ لازمي هوندو.
- xi) جوڊيشل اي-اسٽامپ پيپر (اصل) حلف نامو ته فرم ڪنهن به سرڪاري اداري سان گڏ ڪنهن قسم جي قانوني تنازع، محڪمائي اختلاف، ترڪ شده منصوبي يا غير ضروري دير ۾ ملوث نه آهي.
- xii) تازو حلف نامو (اصل) ته فرم / ڪمپني هن وقت وفاقي يا صوبائي سطح تي ڪنهن به سرڪاري کاتي جي طرفان بليڪ لسٽ نه آهي.
- xiii) ٽينڊرز مذڪوره مٿي ڄاڻايل سمورن لاڳاپيل دستاويزن ۽ معلومات سان گڏ جمع ڪرائڻ لازمي آهي. اگر ڪوبه لاڳاپيل دستاويز يا معلومات نامڪمل يا غائب هوندي ته اهڙو ٽينڊر پروڪيورمينٽ جي غور هيٺ نه آندو ويندو ۽ مقرر تاريخ ۽ وقت ڪانپوءِ ڪوبه دستاويز قابل قبول نه هوندو.

واڪ جمع ڪرائڻ استفسارات ۽ واڪ کولڻ جو عمل هيٺ ڄاڻايل هنڌ تي انجام ڏنو ويندو:
ايڊريس: هيٺ صحيح ڪندڙ ڪيمپ آفيس ۾، جيڪو سينٽرل جيل، ڪراچي جي احاطي ۾ واقع آهي.

5. شرط ۽ ضابطا:
(a) هيٺ ڄاڻايل شرطن وارا واڪ رد ڪيا ويندا:
- i) شرطيه، اليڪٽرونڪ ۽ ٽيليگرافڪ واڪ / ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
- ii) واڪ سيڪيورٽي جي گهربل رقم ۽ صورت ۾ شامل نه ٿيل واڪ.
- iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ڪيل واڪ.
- iv) واڪ جو ڪارگر مدو 90 ڏينهن

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
پروجيڪٽ مئنيجمينٽ يونٽ
جيل کاتو، سنڌ، ڪراچي.

INF-KRY.NO.4337/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بيگاري ڊويزن ٽل

No. TC/G-55/1651/2025 Dated: 16-12-2025

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سنڌ حڪومت سال 26-2025 يعني: سيريل نمبر.1359 هيٺ صحيح ڪندڙ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) اسلام آباد سان رجسٽرڊ خواهشمند فرمن / ٺيڪيدارن کان واڪ گهرائي ٿو.

سيريل نمبر/ ADP	ڪم جو نالو	لاڳت	ڪيٽيگري	واڪ في	مدو
1359/ 2025-26	الهه آباد موسيٰ برانچ سسٽم آف تعلقو ٽل جي تعمير ۽ ڊرينيج فيسلٽي تعلقو جيڪب آباد جي فراهمي، اويڪيوئيشن آف سرپلس برساتي پاڻي هيڊرن مين ڊرين.	4304.119 ملين	سي-A	5000 رپيا	02 سال

6. اهليت:
- i. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) اسلام آباد سان رجسٽريشن.
- ii. ايف بي آر جو اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ ساڻ نو ڊيوز سرٽيفڪيٽ سال 26-2025 لاءِ.
- iii. سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) سان رجسٽريشن سال 26-2025 لاءِ.

7. لياقت:
- i. فنانشل اسٽيٽمينٽ (سمري) ۽ انڪم ٽيڪس گوشوارا ساڻ گذريل پنجن سالن لاءِ ويلٿ اسٽيٽمينٽ. ٽرن اوور هر سال 2000.000 ملين رپين کان وڌيڪ هجي.
- ii. قسم نامو اهو ڏيکاريندڙ ته خواهشمند ٺيڪيدار / فرم ڪنهن به قسم جي مقدمي بازي / قانوني معاملي ۾ ملوث نه آهي.
- iii. قسم نامو ته فرم ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه رهي آهي.
- iv. گذريل پنجن سالن لاءِ آڊٽ رپورٽون ساک واري چارٽرڊ اڪائونٽنٽ کان.

تجربو:
- i. خواهشمند ٺيڪيدار / فرم گذريل 10 سالن دوران گهٽ ۾ گهٽ 2 پيرا ساڳي نوعيت جي ڪم جي تعمير ۾ تجربو رکندڙ هجي.

پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار:
- i. سنگل اسٽيج ٽو اينوليپ پروڪيورمينٽ طريقيڪار (ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل).
- ii. فرم جي ٽيڪنيڪل پروپوزل جي چنڊڇاڻ ايس پي پي آر اي رول تحت مقرر وقت اندر ڪئي ويندي.

واڪ / ٽينڊر دستاويز:
- i. اجراءِ:
  - a. دستاويز هن اشتهار جي اشاعت واري تاريخ کان 5000 رپين (ناقابل واپسي) جي ادائگي ڪرڻ تي جاري ڪيا ويندا يا ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۽ سرڪاري في طور ايگزيڪيوٽو انجنيئر بيگاري ڊويزن ٽل جي حق ۾ پي آرڊر سان گڏ جمع ڪرايا وڃن.
  - b. سمورن واڪن سان لازمي طور واڪ رقم جي 3 سيڪڙو واڪ سيڪيورٽي ڊپازٽ ايٽ ڪال جي صورت ۾ پاڪستان جي شيڊيولڊ بينڪ مان بحق ايگزيڪيوٽو انجنيئر بيگاري ڊويزن ٽل شامل هجي.
- ii. جمع ڪرائڻ / کولڻ:

جاري ڪرڻ جي تاريخ	جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	
06-01-2026 تائين صبح 11:00 وڳي	واڪ اماڻڻ	06-01-2026 منجهند 12 وڳي
	واڪ کولڻ	06-01-2026 منجهند 01 وڳي

ٽينڊرن کي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ ٽينڊرن جي اجراءِ ۽ وصولي جي تاريخ هيٺين ريت هوندي:

جاري ڪرڻ جي تاريخ	جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	
21-01-2026 تائين صبح 11 وڳي	واڪ اماڻڻ	21-01-2026 منجهند 12 وڳي
	واڪ کولڻ	21-01-2026 منجهند 01 وڳي

- iii. هنڌ:
  اجراءِ ۽ پڇاڳاڇا آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر بيگاري ڊويزن ٽل ۾ ڪئي ويندي، جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر بيگاري ڊويزن ٽل ۾ سمورن واڪ ڏيندڙن يا سندن مجاز ايجنٽن / نمائندن جي روبرو ڪيو ويندو.
- iv. ڪم جي نان شيڊيول آئٽمز تي پريميئم جي اجازت نه هوندي.
- v. رقم ۾ واڌ جي اجازت نه هوندي.
- vi. شرطيه واڪ منظور نه ڪيا ويندا.
- vii. اگهن ۾ ڪا به غلطي يا تبديلي ريٽ 2024 جي تازن شيڊيول مطابق ڪئي ويندي.
- viii. مالي صلاحيت ڏيکاريندڙ بينڪ اسٽيٽمينٽ گهٽ ۾ گهٽ 2000.000 ملين رپيا گذريل پنجن سالن لاءِ.
- ix. شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدار / فرم کي سائيٽ گهرجن مطابق مڪينيڪل طريقي ۽ مينيوئل طريقي سان ماسڪ اسٽون ڪم سرانجام ڏيڻو پوندو.
- x. شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدار / فرم وٽ لاڳاپيل ڪم ۾ مهارت رکندڙ پيشه ور انجنيئرز / عملي سميت مناسب مشينري موجود هجي.

(معظم علي لوهار)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بيگاري ڊويزن ٽل

INF/KRY.No.4343/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سعودي عرب، دبئي ۽ آذربائيجان مان 64 هزار پاڪستانين کي پنڻ سبب نيڪالي صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاد صفحو 4
ٽرمپ جو قوم کي خطاب، دعوائن جي گونج ۽ حقيقت جو آئينو

محمود شام صفحو 4
ڪتابي ميلن جي موسم

خورشيد نديم صفحو 4
بلوچستان: خدشا ۽ امڪان!

سنڌ پاڪستان جو حصو آهي ۽ رهندو، ورهائڻ جي ڪنهن کي به جرئت نه ناهي؛ نويد قمر

ملڪ ۾ غيرقانوني طور آيل پرڏيهين جي نيڪالي جو عمل جاري آهي، سنڌ مان ڏاڙيل ڪلچر ختم ٿي چڪو آهي

اسان گريڊ هڪ کان چار گريڊ تائين جلد نوڪرين لاءِ اهليت جي بنيادن تي روزگار جو موقعو فراهم ڪنداسين، جلد ڀرتيون ٿينديون

پ پ دور ۾ اسان جي حڪومت لکين نوجوانن کي روزگار ڏنو آهي ۽ هاڻ به ڏينداسين: اسڪول جي افتتاح بعد ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) اڳوڻي وفاقي وزير پ پ ايم اين اي سيد نويد قمرالزمان شاهه ڳوٺ احمد خان زئور ۾ پنجاهه لک جي لاڳت سان اسڪول جي عمارت جو افتتاح ڪرڻ جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي ڪوشش هوندي آهي علائقي ۾ ترقي ٿئي عوام خوشحال رهي هن چيو ته سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جا خواب ڏسندڙ هميشه خوابن ۾ ئي رهجي ويندا سنڌ پاڪستان جو حصو آهي ۽ رهندو سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن کي به جرئت نه هجڻ گهرجي هن چيو ته ملڪ ۾ غيرقانوني طور آيل پرڏيهين جي نيڪالي جو عمل جاري آهي سنڌ مان ڏاڙيل ڪلچر جو مڪمل خاتمو اچي چڪو آهي هن چيو ته جلد بيروزگار نوجوانن جي روزگار ڏنو ويندو ۽ اسان گريڊ هڪ کان چار گريڊ تائين جلد نوڪرين لاءِ اهليت جي بنيادن تي روزگار جو موقعو فراهم ڪنداسين پ پ جمهوريت تي يقين رکي ٿي روزگار ڏيڻ پ پ جي منشور ۾ شامل آهي پ پ دور ۾ اسان جي حڪومت لکين نوجوانن کي روزگار ڏنو آهي ۽ هاڻ به ڏينداسين هن چيو ته ٽنڊو محمد خان ضلعي اندر ميگا پراجيڪٽن تي ترقياتي ڪم جاري آهن ته جيئن اسانجو ضلعو خوبصورت ٿئي ان موقعي تقريب ۾ آيل مهمانن جو پ پ اڳواڻ رئيس غلام علي زئور ٿورو مڃيو تقريب ۾ چيئرمين يوسي لاڪاٽ نويد احمد زئور ڊاڪٽر چاڪر خان زئور پير بخش زئور بابو احمد خان زئور علي احمد زئور يوٿ اڳواڻ سيد سلال شاهه بخاري، مير علي رضا ٽالپر ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا.

ٽنڊو محمد خان اڳوڻو وفاقي وزير سيد نويد قمر ڳوٺ احمد خان زئور ۾ ميڙاڪي کي خطاب ڪندي

سويوديرو ۽ پرياسي ۾ ٿڌ جي شدت ۾ واڌ سان گڏ ڪاٺ جي طلب ۾ به وڌي وئي

ڪاٺ جي طلب ۾ واڌ جي ڪري ڪاٺين جون قيمتون به آسمان ڏانهن وڌڻ لڳيون، غريب طبقو پريشان

شهر ۾ ٻه مهينا اڳ 800 رپيا في مڻ جي حساب سان وڪرو ٿيندڙ ڪاٺ 1500 رپيا في مڻ وڪرو ٿيڻ لڳو

ٻيلن جي ڪٽائي سبب ڪاٺ ختم ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري ايندڙ ڪجهه سالن ۾ ڪاٺي به نه ملندي: ساڄاهه وند

سويوديرو(رپورٽ فقير محمد عباسي) سويوديرو ۽ پرياسي ۾ ٿڌ جي شدت ۾ واڌ سان گڏ ڪاٺ جي طلب ۾ به وڌي رهي آهي ڪاٺ خريد ڪندڙ ڪاٺ جي دڪانن تي ايندا نظر اچي رهيا آهن. ڪاٺ جي طلب ۾ واڌ جي ڪري ڪاٺ جون قيمتون به آسمان ڏانهن وڌڻ لڳيون آهن ٿڌ جي شدت ۾ واڌ سان گڏ بارڻ طور استعمال ٿيندڙ ڪاٺ جي طلب به وڌي رهي آهي. ڪاٺ خريد ڪندڙن چيو ته ٻه مهينا اڳ ڪاٺ 800 رپيا في مڻ جي حساب سان وڪرو ٿيندو هو هاڻي اهو 1500 رپيا في مڻ جي حساب سان وڪرو ٿي رهيو آهي جيڪو قيمتن ۾ هڪ واضح رڪارڊ اضافو آهي. ڪاٺ وڪرو ڪندڙن چيو ته ٻيلن جي ڪٽائي سبب ڪاٺ ختم ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري ايندڙ ڪجهه سالن ۾ ڪاٺ جي قيمت سون جي قيمت جي برابر ٿيندي نظر اچي رهي آهي. حڪومت کي ٻيلن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي ته جيئن موسمياتي تبديلي کان بچاءُ ۽ ڪاٺ جي دستيابي ممڪن ٿي سگهي.

سنڌ جي بلديات واري وزير پاران جنرل فيض حميد کي مليل سزا کي خوش آئند قرار

هاڻي انهن ماڻهن جو وارو آهي، جيڪي واويلا ڪري وڏي ڊٺائي سان ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پنهنجو ثاني نٿا رکن: ناصر شاهه

اهي گهيراءُ جو شڪار آهن، ۽ انهن خلاف نو مئي جو ڪيس مڪمل طور تي اوپن آهي، جنهن جون وڊيوز به موجود آهن

پي ٽي آءِ جي دور حڪومت ۾ پيپلز پارٽي جي قيادت سان ڪهڙو ظلم نه ڪيو ويو، ڪين جيلن ۾ وڌو ويو نااهل قرار ڏنو ويو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلديات واري وزير سيد ناصر حسين شاهه جنرل فيض حميد کي مليل سزا کي خوش آئند قرار ڏيندي چيو آهي ته هاڻي انهن ماڻهن جو وارو آهي، جيڪي واويلا ڪري وڏي ڊٺائي سان ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پنهنجو ثاني نٿا رکن. فيض حميد ڪان پي انهن کي پنهنجي جرم جو احساس پريشان ڪري رهيو آهي، جنهن سبب اهي گهيراءُ جو شڪار آهن ۽ انهن خلاف نو مئي جو ڪيس مڪمل طور تي اوپن آهي، جنهن جون وڊيوز به موجود آهن. سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ايڏي وڏي جنرل کي سزا ملي آهي ۽ ان جو سهرو فيلڊ مارشل عاصم منير ڏانهن وڃي ٿو، هن چيو ته پي ٽي آءِ جي دور حڪومت ۾ پيپلز پارٽي جي قيادت سان ڪهڙو ظلم نه ڪيو ويو. ڪين جيلن ۾ وڌو ويو نااهل قرار ڏنو ويو ظلم جي هڪ ڊگهي داستان قائم ڪئي وئي. ميان صاحب ۽ سندس ڌيءُ سان جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سڀني جي سامهون رهيو آهي، پر اڄ انهن سان جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو مڪافات عمل آهي. هن چيو ته فيض حميد کي ملندڙ سزا هڪ سچ کي سزا آهي. اسان سمجهون ٿا ته جيڪي منصوبا ناڪام ٿيندا هئا انهن کي عبرتناڪ سزا ملڻ گهرجي. ان سموري عمل ۾ حڪومت، اسٽيبلشمينٽ ۽ عدليه جو به گڏ جوڙ رهيو آهي، جيئن هو چاهيندا هئا، فيصلا ٿيندا رهيا. ناصر شاهه چيو ته عمران خان پنهنجي دور حڪومت ۾ جڏهن ڏٺو ته هاڻي سندس حڪومت نٿي هلي سگهي، ته هن آءِ ايم ايف سان سخت شرطن تي ڪيل معاهدو ٽوڙي ڇڏيو جنهن سبب ملڪ کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ملڪ ڊيفالٽ تائين پهچي ويو. هن چيو ته پوري ملڪ جي مقابلي ۾ سڀ کان وڌيڪ بااختيار بلدياتي نظام سنڌ ۾ آهي ۽ اسان ان کي وڌيڪ بااختيار بڻائي رهيا آهيون. گذريل ڏينهن به ان حوالي سان ميٽنگ ڪئي آهي. اسان اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي چاهيون ٿا، پر ايم ڪيو ايم جيڪا هن وقت بلدياتي نظام جو حصو ئي ناهي، اها ڪهڙي منهن سان ان تي ڳالهائي رهي آهي؟ ان جي مثال اهڙي آهي جيئن پرائي شادي ۾ عبدالله ديوانو، هن وڌيڪ چيو ته جيڪو سٺو ڪم ڪري، ان جي تعريف ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن مريم نواز سٺو ڪم ڪري رهي آهي ته اسان ان جي واکاڻ ڪريون ٿا، پر اسان جيڪي ڪم ڪيا آهن انهن جي به ته تعريف ٿيڻ گهرجي. صوبائي وزير چيو ته اسان ڪنهن به اهڙي ترميم کي پاس ٿيڻ نه ڏينداسين، جيڪا سنڌ يا پاڪستان جي خلاف هجي. پاڪستان جي دفاع لاءِ اسان پيٽ ڪٽي به حصو ڏينداسين، پر اين ايف سي ايوارڊ ۾ سنڌ جو حصو گهٽ ڪرڻ تي ڪا به سودي بازي قبول نه ڪنداسين. هن چيو ته هاري ڪارڊ جي جاري ٿيڻ سان سنڌ جو هاري خوش آهي، ڪيس پاڻ ۽ ٻج جا پئسا ملي رهيا آهن. گذريل سال آءِ ايم ايف سبب ڪڻڪ جي امدادي قيمت مقرر نه ٿي سگهي هئي، پر هن ڀيري امدادي قيمت مقرر ڪنداسين. هن چيو ته سنڌ جي ڪچي واري علائقي ۾ امن امان بابت جيڪو مسئلو هو ان ۾ هاڻي گهٽتائي آئي آهي ۽ ڪچي ۾ ترقياتي ڪم هلي رهيا آهن، جڏهن ته گهوٽڪي ڪنڊ ڪوٽ پل جي تعمير جو ڪم جاري آهي، جيڪو هڪ انتهائي اهم منصوبو آهي. صوبائي وزير هن موقعي تي ڀارت ۾ وزيراعليٰ پاران مسلمان ڇوڪري جي چهري تان نقاب هٽائڻ واري واقعي جي مذمت ڪندي چيو ته سيڪيولر ڀارت هاڻي سڄي دنيا ۾ رسوا ٿي رهيو آهي. سيد ناصر حسين شاهه آخر ۾ سکر جي صحافين کي يقين ڏياريو ته ڪراچي جيان سکر جي صحافين کي به پلاٽ ڏنا ويندا.

سکر صوبائي وزير سيد ناصر شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

سکر ۾ ڊي سي جا دورا، پوليو مهم جو جائزو ورتو

مهم دوران مائيڪرو پلان تي سختي سان عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي: ڊي سي

گهر گهر جاري پوليو خلاف قومي مهم کي هر صورت ڪامياب بڻائي سگهجي

سکر(بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان پوليو خلاف قومي مهم جي چوٿين ڏينهن اولڊ سکر جي يونين ڪاميٽي جيئي شاهه ۽ حسن چوڪ واري علائقي ۾ موبائيل پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو. ان موقعي تي هن پوليو ٽيمن جي مائيڪرو پلان، گهرن جي مارڪنگ، ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ جي عمل ۽ ويڪسين جي ڪولڊ چين جو پڻ جائزو ورتو ۽ پوليو ٽيمن کان مائيڪرو پلان تحت ٻارن کي ڦڙا پيارڻ بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. ڊپٽي ڪمشنر سکر مختلف پاڙن ۾ گهر گهر وڃي پوليو ٽيمن جي فيلڊ ورڪس جو به جائزو ورتو ۽ پوليو ٽيمن کي هدايت ڪئي ته مهم دوران مائيڪرو پلان تي سختي سان عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن گهر گهر جاري پوليو خلاف قومي مهم کي هر صورت ڪامياب بڻائي سگهجي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر والدين سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ گهر گهر ايندڙ پوليو ٽيمن جي ڪم بابت معلومات حاصل ڪئي، ڪين پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ لاءِ پوليو ٽيمن سان مڪمل تعاون جي اپيل ڪئي.

سکر سکر ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد خان پوليو مهم جي حوالي سان دورو ڪري رهيو آهي

سينارجا ۾ "ليڊر اينڊ گليمرج اسٽار ڪامپيٽيشن" جو شاندار پروگرام

تصوير ڏاهڻ سميت 13 مختلف موضوعن تي راٺونڊن جا مقابلا ڪرايا ويا

مقابلي ۾ گرلس جي ستين ڪلاس ۽ بوائز جي نائين ڪلاس جون ٽيمون ڪامياب قرار

سينارجا(ن ع) سينارجا شهر جي نالي واري تعليمي اداري انڊس سيڪنڊري اسڪول سسٽم سينارجا ۾ شاگردن جي تعليمي ۽ ذهني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ نئين انداز سان "ليڊر اينڊ گليمرج اسٽار ڪامپيٽيشن" جو شاندار پروگرام ڪيو ويو، جنهن ۾ شاگردن کي انگلش مان سنڌي معني ڪرڻ، اسٽوري ريڊر راٺونڊ، تصوير ڏسي جملا ڏاهڻ جملا ڏسي تصوير ڏاهڻ سميت 13 مختلف موضوعن تي راٺونڊن جا مقابلا ڪرايا ويا مقابلي ۾ پنجين ڪان ڏهين ڪلاس تائين جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جون 12 ٽيمن حصو ورتو جن وچ ۾ سخت، دلچسپ ۽ علمي مقابلا ٿيا.مقابلي دوران شاگردن پنهنجي قابليتن اڳواٽي جي صلاحيتن ۽ علمي ڄاڻ جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. مقابلي جي نتيجي ۾ گرلس جي ستين ڪلاس ۽ بوائز جي نائين ڪلاس جون ٽيمون ڪامياب قرار ڏنيون ويون. جن کي اسڪول انتظاميه طرفان انعامن ۽ شيلڊن سان نوازيو ويو.ان موقعي تي اسڪول پارٽنر استاد محمد علي سهتو خطاب ڪندي چيو ته اهڙي قسم جا تعليمي ذهني ۽ تخليقي پروگرام شاگردن ۾ خوداعتمادي، اڳواٽي ۽ مقابلي جو شعور پيدا ڪن ٿا، جيڪي سندن تعليمي ترقي سان گڏ مستقبل جي ڪاميابين لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن اسڪولن ۾ هميشه اهڙن مثبت سرگرمين جي حوصلا افزائي ڪندي رهي ٿي ۽ هڪ بهترين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو منصوبو آهي ته سنڌ جي هر علائقي اندر تعليم پهچائي وڃي پروگرام ۾ مهمان خاص اڳوڻو ٽائون چيئرمين حاجي سبحان علي ڪبر شهري اڳواڻ رسول بخش سهتي سابق پروفيسر عبداللطيف راڄپر علائقي جو نيڪ مرد حاجي نور محمد ڪبر صحافي سڄاد علي ڪبر استاد شاهزيب لاشاري سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مقابلي جي آخر ۾ ڪامياب شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعام ورهايا ويا، جڏهن ته استادن، والدين، آيل معزز مهمانن ۽ شاگردن اهڙي پروگرام جي انتظام تي خوشي ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو

سينارجا سيف جي سهڪار هلندڙ انڊس سيڪنڊري اسڪول ۾ استاد د شاگردياڻين کان پروگرام بابت پڇا ڪندي

سکر سکر صوبائي محتسب ۽ اڳوڻو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اقبال احمد آرائين ڊائريڪٽر اطلاعات غلام عباس سان ملاقات ڪندي

مؤثر رابطي ذريعي عورتن ۾ اعتماد پيدا ڪري سگهجي ٿو: اقبال احمد آرائين

هر قسم جي هراسگي کان تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت مؤثر قانون سازي ڪئي آهي

متاثر عورتون بنا خوف ۽ هٻڪ جي اڳتي اچن قانون انهن سان گڏ بيٺل آهي

سکر(بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب براءِ هراسمينٽ اگينسٽ وومن ايٽ ورڪ پليس جي ڪنسلٽنٽ ۽ اڳوڻي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اقبال احمد آرائين ڊائريڪٽر اطلاعات سکر غلام عباس ڳوراهو سان پنهنجي آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران عورتن لاءِ محفوظ، باوقار ۽ اعتماد جوڳو ڪم وارو ماحول مهيا ڪرڻ جي موضوع تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي اقبال احمد آرائين چيو ته عورت ملازمن کي ملازمت واري هنڌ تي هر قسم جي هراسگي کان تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت مؤثر قانون سازي ڪئي آهي جنهن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ سکر ڊويزن ۾ صوبائي محتسب جو آفيس فعال انداز ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي هن واضح ڪيو ته قانون صرف ڪاغذي ڪارروائي نه آهي پر عورتن جي تحفظ، عزت ۽ وقار جي عملي ضمانت پڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته صوبائي محتسب جي آفيس پاران مختلف سرڪاري ۽ نجي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ عورت ورڪرن کي سندن قانوني حقن شڪايتن جي طريقيڪار ۽ موجود تحفظ بابت آگاهي ڏني پئي وڃي هن حوالي سان اطلاعات کاتي جو ڪردار انتهائي اهم آهي. چيو ته مؤثر رابطي ذريعي عورتن ۾ اعتماد پيدا ڪري سگهجي ٿو ۽ خاموشي جي ڪلچر کي ختم ڪري سگهجي ٿو اقبال احمد آرائين زور ڏيندي چيو ته عورتن سان هراسگي ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون کي حرڪت ۾ آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته متاثر عورتون بنا خوف ۽ هٻڪ جي اڳتي اچن قانون انهن سان گڏ بيٺل آهي ۽ ڪنهن به دٻاءُ ڏمڪي يا اثر رسوخ کي برداشت نه ڪيو ويندو هن چيو ته هراسگي هڪ سنگين ڏوهه آهي ۽ ان جا سرڪتب ڪنهن به رعايت جا حقدار نه آهن ان موقعي تي ڊائريڪٽر اطلاعات سکر غلام عباس ڳوراهو يقين ڏيارو ته اطلاعات کاتو عورتن جي تحفظ، قانوني آگاهي ۽ صوبائي محتسب جي پيغام کي مؤثر نموني عام ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪندو جيئن سماج ۾ برداشت، احترام ۽ انصاف تي ٻڌل ماحول کي هٿي ملي سگهي ان موقعي تي گڏيل طور ان عزم جو به ورجاءُ ڪيو ويو ته عورتن جي تحفظ، عزت ۽ انصاف لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا ۽ ڪنهن به قسم جي هراسگي کي برداشت نه ڪيو ويندو ان موقعي تي صوبائي محتسب آفيس جا سيد منظور حسين شاهه ۽ عبدالسميع پڻ موجود هئا.

خيرپور ۾ ڊي ايڇ او پاران ڳاڙهي موري ۾ فڪس پوائنٽ جو دورو

پوليو مهم دوران ڪو به ٻار پوليو جي ڦڙن کان رهجي نه گهرجي: ڊاڪٽر مسرور شاهه

رورل هيلٿ سينٽر ڳاڙهي موري ۾ ليبارٽري پڻ فعال ڪئي وئي آهي، پاڻ نگراني ڪندس

خيرپور(ڊ ر) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه پوليو مهم جي سلسلي ۾ رورل هيلٿ سينٽر ڳاڙهي موري ۾ فڪس پوائنٽ جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه ته پوليو مهم دوران ڪو به ٻار پوليو جي ڦڙن کان رهجي نه گهرجي ان موقعي تي ايم ايس ڊاڪٽر اي ڊي بلوچ موجود هيو ڊاڪٽر سيد مسرور الحسن شاهه چيو آهي ته رورل هيلٿ سينٽر ڳاڙهي موري ۾ ليبارٽري پڻ فعال ڪئي وئي آهي ۽ دوائن جي فراهمي کي پڻ پنهنجي نگراني ۾ مڪمل ڪئي وئي آهي انهي ريت صحت مرڪز هنگورجا، لقمان ۾ پڻ دوائن جي ڪوٽ پوري ڪئي وئي آهي ان ڏس ۾ طبي سينٽرن تي مقرر ڪيل ڊاڪٽرن ۽ ٻيا ميڊيڪل اسٽاف جي ڊيوٽي پڻ روزاني جي بنياد تي چيڪ ڪئي وڃي ٿي ۽ ريگيولر مريضن کي سهولتون فراهم ڪرڻ بابت دورو ڪيو پيو وڃي ڪنهن طبي سينٽر تي غفلت ۽ لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ غير ذمي واري تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

چار صاحب ۾ معذورن پاران ڪوٽا تي نوڪريون نه ملڻ خلاف مظاهرو

مختلف ڪاتن ۾ هڪ کان چار اسڪيل جون نوڪريون ڏنيون پيون وڃن: معذور

اسان معذور به معاشري جو حصو آهيون،اسان جا به حڪومت مٿان فرض آهن

چار صاحب(ن ع) معذورن پاران ڪوٽا تي نوڪريون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج مظاهرو ڪيو ويو معذورن خادم حسين شيخ، آصف بروهي، فقير شير ڏاهري،غلام محمد بروهي ۽ ٻين پاران معذور ڪوٽا تي نوڪريون نه ڏيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌانهيندي چيو ته ضلع شهيد بينظير آباد جي 42 ڪاتن ۾ هڪ کان چار اسڪيل جون نوڪريون ڏنيون پيون وڃن ۽ اهي نوڪريون صرف پنهنجا نوازڻ تي ڏنيون ويون آهن.جڏهن ته هنن نوڪرين ۾ معذور غريبن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي اسان معذور به معاشري جو حصو آهيون،اسان جا به حڪومت مٿان فرض آهن اسان جو ضمير خيرات گهري ڪاٺ جي اجازت نٿو ڏئي اسان وڌندڙ مهانگائي سبب سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون، معذورن لاءِ طرفان حڪومتي فائدو مهيا نه پيو ڪيو وڃي اسان پيپلز پارٽي جا ورڪر ووٽر رهيا آهيون ان باوجود اسان کي نظرانداز ڪيو ويو آهي.پ پ ضلع نواب شاهه صدر محمد سالم زرداري،ڊي سي نواب شاهه کان مطالبو ڪيو آهي ته معذور ڪوٽا تي اسان کي نوڪريون ڏنيون اسان جون پريشانيون ختم ڪيون وڃن ته جيئن اسان معاشري ۾ سک واري زندگي گذاري سگهون.

چار صاحب چار صاحب ۾ معذورن پاران ڪوٽا تي نوڪريون نه ملڻ خلاف مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سنڌ ايريگيشن ڊرينيج يونين متحده فيڊريشن ۾ شموليت ڪرڻ تي تقريب

هن يونين هميشه غريب مزدور ملازمن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي: اڳواڻ

اسان سندن جدوجهد مان متاثر ٿي هن يونين ۾ شموليت ڪري رهيا آهيون: ملازم

لڙي ميرواهه(ن ع) لڙي ميرواهه ايريگيشن آفيس ۾ ايريگيشن جي مزدور ملازمن پاران سنڌ ايريگيشن ڊرينيج يونين متحده فيڊريشن ۾ شموليت ڪرڻ تي سندن مان ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ داروغو ذين العابدين ڪبر، بيلدار گدا حسين جوڳي، بيلدار گلبهار جوڳي ۽ ٻين سپروائيزر ڪائونسل جي چيئرمين محمد اعظم مگنيجو پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ جي نائب صدر حمزه علي جلباڻي، وائيس چيئرمين غلام نبي لاشاري، جي هٿ تي سنڌ ايريگيشن ڊرينيج يونين متحده فيڊريشن ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو ان موقعي تي شموليت ڪندڙ ملازمن خطاب ڪندي محمد اعظم مگنيجو ۽ يونين جي پوري جهدجهد ورڪرن تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته هن يونين هميشه غريب مزدور ملازمن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي جنهن تي اسان سندن جدوجهد مان متاثر ٿي هن يونين ۾ شموليت ڪري رهيا آهيون اميد آهي ته اڳتي به مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد ساڳي طرح جاري رهندي ان موقعي تي تقريب ۾ خيرپور جي سرپرست اعليٰ مزدور يونين ايسٽ ڊويزن خيرپور مقصود احمد شر متحده فيڊريشن سرڪل خيرپور جي چيئرمين مير قلندر بخش ٽالپر صدر ايسٽ ڊويزن خيرپور محمد حسين شر متحده فيڊريشن جو مرڪزي اڳواڻ محبوب علي چانگ امتياز علي ڪبر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

لڙي ميرواهه سنڌ ايريگيشن ڊرينيج يونين متحده فيڊريشن ۾ شموليت ڪرڻ تي تقريب ٿي رهي آهي

اسلام آباد ۾ 20 ڊسمبر تي 20 جوڙن جي اجتماعي شادي جو پروگرام

حيدرآباد(اسحاق رپورٽر) آل پاڪستان ايسوسيئيشن آف بلائينڊ ۽ ڊيف جي صدر احمد بخش جکرو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته آل پاڪستان ايسوسيئيشن آف بلائينڊ ۽ ڊيف پاران اسلام آباد ۾ 20 ڊسمبر تي 20 جوڙن جي اجتماعي شادي جو پروگرام رکيو آهي جنهن لاءِ اسان ڏيهه ۽ بيوساماڻ صاحب حيثيت ماڻهن جي مدد سان ڪيو آهي جنهن ۾ سنڌ جا چونڊيل نمائندا، پوليس آفيسر ۽ پاڪ آرمي جي آفيسر شامل آهن. هن چيو ته شادي جي خواهشمند جوڙن جي چونڊ ملڪ جي چئني صوبن ۽ گلگت بلتستان مان ڪئي وئي آهي. هن چيو ته اسان جي تنظيم 2010ع ۾ ٺهي ۽ 2017 ۾ رجسٽرڊ ٿي. هن چيو ته افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته سرڪاري سطح تي بلائينڊ ۽ ڊيف سوڏو اسپيشل ٻارن لاءِ ڪو به منصوبو ناهي جنهن تحت جمڻ کان وٺي انهن جي بحالي تائين جو منصوبو هجي. هن چيو ته جنهن به گهر ۾ اسپيشل ٻار جي پيدائش ٿي ان کي فوري رجسٽرڊ ڪري ان جا خرچ گورنمينٽ برداشت ڪري ۽ ان لاءِ وظيفي جو اعلان ڪيو وڃي. هن چيو ته اسلام آباد ۾ رٿيل اجتماعي شادي واري تقريب ۾ 300ماڻهن کي شرڪت جي دعوت ڏني آهي.

منگهوپير ٽائون ۾ تبليغي اجتماع جي انتظامن بابت اجلاس

هي تبليغي اجتماع 25 ڊسمبر کان شروع ٿي رهيو آهي: حاجي نواز علي بروهي

اجتماع دوران امن امان سان گڏ شهري سهولتن جي مؤثر فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي، ڊپٽي ڪمشنر ويسٽ ذوالفقار علي ميمڻ جي صدارت هيٺ تبليغي اجتماع جي انتظامن بابت منعقد ٿيل هڪ اهم ۽ تفصيلي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. هي تبليغي اجتماع 25 ڊسمبر کان شروع ٿي رهيو آهي، جنهن جي پيش نظر سمورن لاڳاپيل کاتن کي هدايتون جاري ڪيون ويون ته جيئن اجتماع دوران امن امان سان گڏ شهري سهولتن جي مؤثر فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي. چيئرمين منگهوپير ٽائون اجلاس دوران تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته منگهوپير ٽائون جي حدن ۾ واقع اجتماع گاهه ۽ ان جي آسپاس صفائي سٿرائي، نيڪال آب، روڊن جي مرمت، اسٽريٽ لائيٽن جي بحالي ۽ پاڻي جي بنا رڪاوٽ فراهمي لاءِ عملي قدم کنيا ويندا آهن. حاجي نواز علي بروهي واضح ڪيو ته ٽائون انتظاميه روزاني بنياد تي فيلڊ ۾ موجود آهي ۽ لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي کي سخت هدايتون ڏنيون ويون آهن ته اجتماع کان اڳ سڀئي بلدياتي ڪم مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن. هن ٻڌايو ته وڏي اجتماع کي نظر ۾ رکندي اضافي مشينري، صفائي وارو عملو ۽ نيڪال آب جا خاص انتظام ڪيا پيا وڃن ته جيئن ڪنهن به هنگامي يا اوچتي صورتحال ۾ فوري ردعمل کي يقيني بڻائي سگهجي. چيئرمين منگهوپير ٽائون اجلاس ۾ ان ڳالهه جي به نشاندهي ڪئي ته ڪجهه هنڌن تي اضافي وسيلن ۽ بين الصحڪماتي سهڪار جي ضرورت آهي، خاص طور تي سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ، واٽر بورڊ ۽ ٽريفڪ ۽ سيڪيورٽي جي معاملن ۾ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ لازمي آهي. هن زور ڏنو ته اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ٿئي ۽ ساڳي وقت علائقي جي رهواسين جي روزمره زندگي به متاثر نه ٿئي اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جهانگير شاهه ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن اورنگي جي چيئرمين جميل ضياءُ علما ڪرام، پوليس جا سينيئر آفيسر، سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ شرڪت ڪندڙ هئا. ڊپٽي ڪمشنر ويسٽ ذوالفقار علي ميمڻ چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي پاران پيش ڪيل بريفنگ، تجويزن ۽ نشاندهي ڪيل ضرورتن کي سراهيندي ضلعي انتظاميه طرفان مڪمل سهڪار ۽ گهربل وسيلن جي فراهمي جي يقين دهاني ڪرائي.

ڪراچي ڊپٽي ڪمشنر ويسٽ ذوالفقار علي ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

خيرپور ۾ ڊي ايڇ او پاران دوائن جو ڀريل ڪارگو پڪڙجڻ جي وضاحت

خيرپور (ڊ ر) ڊي ايڇ او ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه چيو آهي ته ڊي ايڇ او آفيس خيرپور مان دوائن جو ڀريل ڪارگو صحت مرڪز عطا محمد حامي وڃي رهيو هو ته مددگار 15پوليس کين روڪي ورتو هيس چو ته دوائون ڪٽي ويندڙ صحت مرڪز عطا محمد حامي جي عملي وٽ ليٽر موجود نه هيس پر بعد ۾ ليٽر اٿيوسين ڊي ايڇ جو چوڻ هو ته سرڪاري دوائون وڪرو نه پر صحت مرڪز تي منتقل ڪيون پيون وڃن، هن چيو ته غفلت ڪندڙ عملي خلاف قانوني ڪارروائي پڻ ڪئي ويندي، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه وڌيڪ چيو ته دوائن جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ اسان جو فرض آهي جنهن کي احسن طريقي سان نڀائي رهيا آهيون

خيرپور ۾ صحافي خادم ڪلهوڙو جي والد حاجن خان ڪلهوڙو جو ٽيجهو

خيرپور (ڊ ر) سنڌ جي نامور صحافي خادم ڪلهوڙو جي والد حاجن خان ڪلهوڙو جو ٽيجهو سل ڪالوني خيرپور ۾ ٿي گذريو ان موقعي تي مرحوم کي ايصال ثواب خاطر قرآن خواني بعد خيرات جي ماني تقسيم ڪئي وئي جڏهن ته مرحوم حاجن خان ڪلهوڙو جي وڏي پٽ الهوايو ڪلهوڙو کي پنهنجي والد حاجن خان ڪلهوڙو کي پڳ ٻڌرائي وئي پڳ واري رسم ۾ برادري سميت علائقي واسين ۽ معزز شخصيتن پڳ ٻڌائي وئي پڳ جي رسم ۾ عباسي ڪلهوڙا فورم جي مرڪزي صدر ۽ انجمن تاجران خيرپور جي صدر عاشق حسين عباسي شاهنواز ڪلهوڙو عبدالستار عباسي محمد هاشم تاريجو ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور مصور مدثر ڪلهوڙو مختيار ڪلهوڙو گل حسن ڪلهوڙو اعظم ڪلهوڙو ڪريم بخش ڪلهوڙو ٻين رسم پڳ کي ور ڏنا

ٽنڊوڄام جي ري پبلڪ اسڪول جي ايوارڊ ورهائڻ جي تقريب، شاگردن جا چهرا ٻهڪي پيا

حيدرآباد تعليمي بورڊ جي اڳوڻي ڪنٽرولر مسرور زئي، نويد علي شاهه، پير راحيل ۽ ٻين ايوارڊ ورهايا

هن سال اسڪول ۾ 27 شاگردياڻين ميٽرڪ جو امتحان ڏنو جنهن مان 20 شاگردياڻين اي ون گريڊ حاصل ڪيو: انجنيئر احسن حميد

اهڙي شاندار تقريب جو مقصد اسڪول جي نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام جي ري پبلڪ اسڪول جي ايوارڊ ورهائڻ جي رنگارنگ تقريب مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب دوران پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ حيدرآباد تعليمي بورڊ جي اڳوڻي ڪنٽرولر مسرور زئي، ڊائريڪٽر پرائيويٽ انسٽيٽيوشنس حيدرآباد سيد نويد علي شاهه، ڊائريڪٽر پرائيويٽ انسٽيٽيوشنس ميرپور خاص پير راحيل، يوسي چيئرمين دانش صابر قائمخاني، ٽي ايم او جنيد پٽي انجنيئر احسن حميد قائمخاني، شاهد ولي، منظور احمد ميمڻ، ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي صدر اورنگزيب پٽي سينيئر صحافي علي محمد جمالي، خادم لاکو عمران ڪنڀر ۽ ٻين ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا. تقريب کي خطاب ڪندي انجنيئر احسن حميد چيو ته ري پبلڪ اسڪول هميشه پنهنجو اعليٰ معيار برقرار رکيو آهي هن چيو ته هن سال اسڪول ۾ 27 شاگردياڻين ميٽرڪ جو امتحان ڏنو جنهن مان 20 شاگردياڻين اي ون گريڊ حاصل ڪري اسڪول ۽ ٽنڊوڄام جو نالو روشن ڪيو هن چيو ته اهڙي شاندار تقريب جو مقصد اسڪول جي نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي تقريب کي خطاب ڪندي مسرور احمد زئي پروفيسر انور قريشي منظور احمد ميمڻ سيد نويد علي شاهه ۽ ٻين چيو ته اهڙي زبردست تقريب منعقد ڪرڻ ۽ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران شاندار پرفارمنس جو مظاهرو ڪرڻ ان ڳالهه جو اهڃاڻ آهي ته ري پبلڪ اسڪول ۾ پڙهائي جو معيار تمام معاهون آهي هنن چيو ته استادن ۽ شاگردن کي ڪامياب پروگرام ڪرڻ تي مبارڪون ڏنيون تقريب ۾ تقريري مقابلو پڻ ٿيو ۽ شاگردن ۽ شاگردياڻين مختلف ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪري ڀرپور داد حاصل ڪيو.

ٽنڊوڄام ري پبلڪ اسڪول پاران منعقد ڪيل تقريب ۾ شاگرد ۽ شاگردياڻيون مختلف ٽيبلوز پيش ڪري رهيا آهن

شاهبندر ۽ جاتي تعلقي جي ساحلي پٽي جي سوين ڳوٺن کي ملائيندڙ ٽنگو پل زبون

ٽنگو پل جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيڻ سبب علائقي واسين ۾ شديد خدشا پيدا ٿي ويا

پل جي زبون حالت سبب وڏي گاڏين جي اچ وڃ دوران ڪنهن به وقت جاني ۽ مالي نقصان جو انديشو موجود آهي: رهواسي

ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين ۽ چونڊيل نمائندن کي آگاهه ڪيو ويو پر رڳو خاطريون ڏنيون ويون، عملي ڪم شروع نه ٿيو

جاتي(رپورٽ: شڪيل احمد لوهار) شاهبندر ۽ جاتي تعلقي جي ساحلي پٽي جي سوين ڳوٺن کي پاڻ ۾ ملائيندڙ ٽنگو نالي وٽ موجود اهم پل گذريل هڪ سال کان سخت زبون حال بڻيل آهي، پر افسوس جو لاڳاپيل کاتن ۽ ضلعي انتظاميا طرفان هن اهم مسئلي تي اڃا تائين ڪا به سنجيده نوٽيس نه ورتو آهي. پل جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي جنهن سبب علائقي واسين ۾ شديد خدشا پيدا ٿي ويا آهن. هي پل ساحلي علائقن لاءِ انتهائي اهم حيثيت رکي ٿي، ڇو ته هن روڊ تان روزانو سوين گاڏيون جن ۾ مڇي، سائي سبزيون ۽ ٻيون زرعي پيداوار کڻندڙ ٽرڪون، وينون ۽ موٽر سائيڪلون گذر ڪن ٿيون. پل جي زبون حالت سبب وڏي گاڏين جي اچ وڃ دوران ڪنهن به وقت جاني ۽ مالي نقصان جو انديشو موجود آهي جڏهن ته ڪيترائي ڀيرا حادثا ٿيڻ کان بچي ويا آهن. پر مسئلو جيئن جو تيئن موجود آهي علائقي واسين موجب، پل جا حفاظتي ديوارون ۽ فرش ٽٽي چڪا آهن جنهن جي ڪري کڏا پئجي ويا آهن جيڪي خاص طور تي رات جي وقت موت جو کوهه بڻجي سگهن ٿا. اسڪول ويندڙ شاگردن جون گاڏيون، ايمبولينسون ۽ مسافر گاڏيون به مجبوريءَ تحت هن ئي پل تان گذر ڪن ٿيون جنهن سان انساني زندگيون خطري ۾ پيل آهن. ذڪر جوڳو آهي ته هن ئي روڊ تان صوبائي وزير ۽ ٺٽي جي چونڊيل ايم پي اي محمد علي خان ملڪاڻي، ضلعي چيئرمين دانش ملڪاڻي ايم اين اي اياز علي شاهه شيرازي ۽ ضلعي انتظاميا جو به پڻ گهڻو گذر ٿيندو رهي ٿو پر ان باوجود پل جي مرمت يا نئين تعمير بابت ڪا به اڳڀرائي نظر نٿي اچي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين ۽ چونڊيل نمائندن کي آگاهه ڪيو ويو پر رڳو خاطريون ڏنيون ويون، عملي ڪم شروع نه ٿيو ساحلي علائقن جي رهواسين، آبادگارن، ماهيگيرن ۽ ٽرانسپورٽرن ضلعي انتظاميا، ورڪس اينڊ سروسز کاتي ۽ صوبائي حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ٽنگو پل جي فوري طور تي مرمت يا نئين سر تعمير ڪرائي وڃي جيئن ڪنهن به امڪاني وڏي حادثي کان اڳ قيمتي جانيون ۽ مال محفوظ ڪري سگهجن. علائقي واسين ڪامريڊ اشرف ٿهيم، ساوڻ لوڌي، شوڪت ملاح، سيد زمان شاهه ۽ ٻين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن جلد قدم نه کنيا ويا ته هو احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي ذميواري مڪمل طور لاڳاپيل ادارن ۽ چونڊيل نمائندن تي عائد ٿيندي.

جاتي شاهبندر ۽ جاتي تعلقي جي ساحلي پٽي جي سوين ڳوٺن کي ملائيندڙ ٽنگو پل زبون حال نظر اچي ٿي

گڏاپ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جو اهم اجلاس

ترقياتي منصوبن ۽ روزمره بلدياتي معاملن بابت تفصيلي بريفنگ

ٽائون ۾ ترقياتي ڪمن جي معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: طارق عزيز بلوچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر جي سربراهي ۾ گڏاپ ٽائون جي آفيسرن جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجن پنهنجن کاتن جي ڪارڪردگي، جاري ترقياتي منصوبن ۽ روزمره بلدياتي معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس دوران روڊن جي تعمير ۽ مرمت، پاڻي جي فراهمي، نيڪاسي آب، صفائي ستٿرائي، اسٽريٽ لائيٽن، پارڪن جي بهتري، مشينري جي بحالي سميت ٻين ترقياتي ۽ فلاحي منصوبن تي تفصيلي جائزو ورتو ويو. آفيسرن جاري منصوبن جي اڳڀرائي ۽ مستقبل جي لائحه عمل بابت پڻ آگاهي ڏني. چيئرمين طارق عزيز بلوچ اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته گڏاپ ٽائون ۾ جاري ترقياتي منصوبن کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ٽائون انتظاميه جي اولين ترجيح آهي. هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪمن جي معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو وڃي ۽ فيلڊ ۾ ذاتي نگراني کي يقيني بڻايو وڃي. ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر آفيسرن کي هدايت ڪئي ته صفائي نيڪاسي آب ۽ ٻين بلدياتي خدمتن ۾ وڌيڪ بهتري آندي وڃي عوامي شڪايتن ۽ ڪائونسلرن سان مشاورت ذريعي بروقت ازالو ڪيو وڃي ۽ ترقياتي منصوبن جي رفتار تيز ڪئي وڃي. ڪارڪردگي ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. اجلاس جي پڄاڻي تي گڏاپ ٽائون جي مجموعي ترقي، عوامي سهولتن ۾ بهتري ۽ مستقبل جي منصوبابندي بابت غور ويچار ڪيو ويو ۽ گڏيل ٽيم ورڪ سان ڪم ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو ويو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر (HRM)هما ٿوز عمران خان، ڊائريڪٽر پراپرٽي سهيل يار خان، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (B&R)فرمان علي لاشاري، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (M&E) نور علي جمالي، ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ، ڊائريڪٽر پارڪس محمد افضل لغاري، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر، ڊائريڪٽر ايڊورٽائزمينٽ هدايت الله شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر HRMسرفراز احمد کهڙي، پي ايس (MC)علي مهر پي ايس چيئرمين لعل جان بني سميت ٻيا پڻ موجود هئا.

ڪراچي ڪي ايم سي گڏاپ جو چيئرمين طارق عزيز بلوچ اجلاس جي صدارت ڪندي

ٺٽي ۾ سافڪو جي سهڪار سان سارين جي هارين جي سالياني ڪانفرنس

ٺٽي مان چانور آسانيءَ سان بين الاقوامي منڊين تائين پهچي سگهن ٿا: زرعي ماهر

لاڳاپيل ضرورتون پوريون ڪيون وڃن ته مقامي هارين جي آمدني ۾ نمايان واڌ اچي سگهي ٿي

ٺٽو(ڊ ر) سماجي اداري سافڪو پاران عالمي اداري جي سهڪار سان ضلعي ٺٽي ۾ سارين جي هارين جي ساليانو ڪانفرنس جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ 300 کان وڌيڪ هارين، سرڪاري آفيسرن، ڪاروباري شعبي جي نمائندن، سارين جي تحقيقي ادارن ۽ اين جي اوز جي عملدارن شرڪت ڪئي ڪانفرنس جو مقصد هارين کي جديد مارڪيٽ جي ضرورتن، پاليسين سارين سان لاڳاپيل ڪاروباري موقعن ۽ فشريز ويليو چين جي فني ۽ معاشي حالتن بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ هو پروگرام ۾ اهم سيگمينٽ طور پينل ڊسڪشنس رکيا ويا، جنهن ۾ زرعي توسيع کاتي، سارين جا تحقيقي ادارا، ساريون ايڪسپورٽ ڪندڙ ڪمپنين، ٻج ۽ پاڻ وڪرو ڪندڙ ڪاروباري ماڻهن هاري ۽ مختلف تحقيقي ادارن جي نمائندا شرڪت ڪندڙن سان پنهنجا خيال ونڊيا، ماهرن چيو ته ٺٽو ضلعو سارين جي تمام گهڻي پيداوار رکندڙ ضلعو آهي ۽ چانور آسانيءَ سان بين الاقوامي منڊين تائين پهچي سگهن ٿا، ۽ جيڪڏهن ماحولياتي مارڪيٽ ۽ معيار سان لاڳاپيل ضرورتون پوريون ڪيون وڃن ته مقامي هارين جي آمدني ۾ نمايان واڌ اچي سگهي ٿي ڪانفرنس ۾ نهال مري ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ريسرچ سنڌ، ڊاڪٽر محمد چوهاڻ ڊائريڪٽر پي اي آر سي، سليم جوڪيو ايڊيشنل ڊائريڪٽر زرعي توسيع ڪاتو ٺٽو خدا بخش ڀهراڻي ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ٺٽو مهرين اقبال سومرو ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ٺٽو ذيشان ميمڻ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سافڪو وحيد حيدر زئور پراجيڪٽ مينيجر سافڪو غلام نبي چوهاڻ صدر رائس ويليو چين ايسوسيئيشن ۽ مختلف لوڪل ۽ بين الاقوامي ادارن جا نمائندا به موجود هئا جن زراعت جي اهميت، روزگار جي وڌندڙ ضرورتن ۽ هارين کي منظم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو پينلسٽس پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اها هڪ نهايت ئي بهتر ڳالهه آهي ته سافڪو ضلعي ٺٽي ۾ 1000 هارين کي سارين جو ديسي ٻج مهيا ڪري سنڌ جي ديسي ٻج کي بچائڻ جي بهترين شروعات ڪئي آهي. جنهن جي مدد سان هاري اڳيئن سيزن ۾ بجاءِ مارڪيٽ مان سارين جو ٻج خريد ڪرڻ جي پنهنجو رکيل ٻج پوکي سگهندا، هنن وڌيڪ چيو ته سافڪو نه صرف ٻج ۽ پاڻ جي مدد ڪئي آهي پر ان سان گڏوگڏ مختلف ٽريننگون پڻ فراهم ڪيون آهن جيڪي زراعت شعبي جي ترقي ۽ بهتري لاءِ خوش آئند ڳالهه آهي. ڪانفرنس دوران رائس ويليو چين ايسوسيئيشن ٺٽو طرفان لڳايل سارين جي ديسي ٻج جا نمونا، سارين مان ٺهندڙ هيئر اسپري ۽ فيس ماسڪ سارين جو معلوماتي ۽ ڳاڙهن چانورن جي ماني لسي جا اسٽال لڳايا ويا جن کي به وڏي دلچسپي سان ڏٺو ويو جتي هارين کي ويليو چين جي بهتري، ڪاروباري ذريعن سان ڳانڍاپي ۽ جديد طريقن بابت ڄاڻ ڏني وئي. شرڪت ڪندڙن ڪانفرنس کي انتهائي فائديمند قرار ڏيندي چيو ته اهڙيون سرگرميون هارين جي معاشي استحڪام ۽ شعبي جي ترقي لاءِ انتهائي ضروري آهن.

ٺٽو سافڪو جي سهڪار سان سارين جي هارين جي ساليانو ڪانفرنس ٿي رهي آهي

ٽاٽو بولا خان شهر ۾ حدخلين ۽ قبضن جي آزار خلاف آپريشن

اسسٽنٽ ڪمشنر ٽاٽو بولا خان جي اڳواڻي ۾ حدخلين کي ڍاهي پٽ ڪيو ويو

سڄي شهر ۾ حدخلين خلاف عمل جاري رکيو ويندو: اسسٽنٽ ڪمشنر ٽاٽو بولا خان

ٽاٽو بولا خان (ن ع) ٽاٽو بولا خان شهر ۾ حدخلين ۽ قبضن جي آزار ۽ مسلسل عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽاٽو بولا خان - روينيو عملي ۽ اينٽي انڪروچمينٽ ٽيم ٽاٽو بولا خان پوليس سان گڏجي هيوي مشينري گهرائي ڪارروائي ڪندي ٽاٽو بولا خان جي مين بس اسٽاپ تي دڪانن آڏو چبوترن سميت سمورن حدخلين کي ڍاهي پٽ ڪيو ويو ٽاٽو بولا خان مين اسٽاپ تي ڪيترن سالن کان ضلعي ڪائونسل دادو پاران جوڙايل مسافر خاني ۽ مسجد جي آڏو مين روڊ تي حدخلين جو آزار وڌي ويو هو جنهن جي ڪري ايندڙ ويندڙ ماڻهو وڏي حدخلين جي ڪري وڏو پريشان هئا هٽي پاسي واپارين جو چوڻ آهي ٽاٽو بولا خان جي واپارين کي ٻين شهرن جيان ٽاٽو بولا خان ۾ ڀاڄين ۽ گوشت مڇي وغيره جي مارڪيٽ ٺهرائي ڏني وڃي جيئن اسين پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي سگهون جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر ٽاٽو بولا خان آصف سومرو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته هفتو اڳ واپارين کي پنهنجن دوڪانن آڏو حد دخلين کي ختم ڪرڻ لاءِ شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا حد دخلين هٽايو پر ڪو به عمل نه ٿي سگهيو جنهن ڪري پوليس ۽ انڪروچمينٽ ٽيم سان حدخلين ۽ قبضا خورن خلاف ڪارروائي ڪئي آهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڊپٽي ڪمشنر جامشورو جي هدايتن تي سڄي شهر ۾ حدخلين خلاف عمل جاري رکيو ويندو

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي عمل ڪرائي رهيا آهيون: آر ٽي سيڪريٽري

هر طرح جي مسافر گاڏين لاءِ پڪ ۽ ڊراپ جي لاءِ الڳ الڳ شيڊز پڻ الاٽ ڪيا ويا آهن

سکر (بيورو رپورٽ) ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سکر جي سيڪريٽري فياض احمد منگيءَ موجب روهڙي بس ٽرمينل جي فعالي کان علاوه سٽي پوائنٽ ۽ بيرلوءِ بائي پاس پوائنٽس تي مسافر گاڏين جي غيرقانوني اسٽاپ بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي جاري ڪيل احڪامات تي سختي سان عملدرآمد ڪرايو پيو وڃي سيڪريٽري آر ٽي اي سکر ٻڌايو آهي ته جاري ڪيل احڪامات مطابق روهڙي بس ٽرمينل فعال ڪيو ويو آهي جتي هر طرح جي مسافر گاڏين لاءِ پڪ ۽ ڊراپ جي لاءِ الڳ الڳ شيڊز پڻ الاٽ ڪيا ويا آهن هن اهڙيءَ ريت وڌيڪ ٻڌايو آهي ته روهڙي بس ٽرمينل جي فعالي کان بعد اڳئين بس ٽرمينل يعني سکر بس ٽرمينل تائين رڪ ۾ ڪنهن به هنڌ ڪنهن به مسافر گاڏي کي روڪڻ جي اجازت ڪونهي جڏهن ته خلاف ورزي ڪندڙ ڊرائيورز خلاف ٽريفڪ پوليس جي مدد سان قانوني ڪارروائي ڪندي سندن مٿان ڳرا ڏنڊ لاڳو ڪيا پيا وڃن اهڙي ريت هن ٻڌايو آهي ته بچل شاهه مياڻيءَ لڳ سٽي پوائنٽ تي ڏٺل پوڪرن اختيار ڪرڻ بابت پڻ سختي سان عملدرآمد ڪرايو پيو وڃي سيڪريٽري آر ٽي اي سکر جي مطابق سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اينڊ ماس ٽرانزٽ سنڌ، ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي طرفان پڻ هن معاملي ۾ مسلسل متحرڪ رهڻ جون سخت هدايتون آهن جيڪي ذاتي حيثيت ۾ پاڻ به مختلف موقعن تي ٻڌايل هنڌن جو دورو ڪري جائزو وٺي چڪا آهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 19 ڊسمبر 2025ع

سعودي عرب، دبئي ۽ آذربائيجان مان 64 هزار پاڪستانين کي پنڻ سبب نيڪالي

قومي اسيمبليءَ جي اوورسيز پاڪستاني ۽ انساني حقن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ سامهون آيل رپورٽ ملڪ لاءِ هڪ ڳڻتي جوڳي تصوير پيش ڪري ٿي. سعودي عرب، دبئي ۽ آذربائيجان مان 64 هزار پاڪستانين کي پنڻ سبب ڊي پورٽ ڪرڻ ۽ 51 هزار ماڻهن کي غيرقانوني سفر جي ڪوشش تي جهازن مان ئي لاهي روڪڻ جا انگ اکر رڳو عدد ناهن پر هڪ وڏي سماجي معاشي ۽ اخلاقي بحران جي عڪاسي ڪن ٿا. اهي انگ اکر ٻڌائين ٿا ته پاڪستان مان ٻاهرين ملڪن ڏانهن غيرقانوني ۽ غيرمحفوظ لڏپلاڻ هڪ منظم مسئلو بڻجي چڪي آهي، جنهن جا اثر نه رڳو فردن تي پر قومي ساک تي به پئجي رهيا آهن. پرڏيهي ملڪن ۾ پنڻ تي مجبور پاڪستانين جو معاملو انتهائي شرمناڪ آهي. سعودي عرب مان 56 هزار، دبئيءَ مان 6 هزار ۽ آذربائيجان مان اڍائي هزار پاڪستانين جي ڊي پورٽ ٿيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اسان پنهنجي ماڻهن کي باعزت روزگار مهيا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهيون. غربت، بيروزگاري، مهانگائي ۽ محدود موقعا ماڻهن کي اهڙن رستن تي ڌڪي رهيا آهن، جتي هو پنهنجو وقار به وڃائين ٿا ۽ ملڪ جو نالو به بدنام ڪن ٿا. سوال اهو آهي ته آخر ڇو هڪ پاڪستاني، جيڪو عزت سان جيئڻ جو حق رکي ٿو پرڏيهي زمينن تي پنڻ جهڙي ذلت قبول ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿو؟ ڊي جي ايف آءِ اي پاران پيش ڪيل انگ اکر اهو به ظاهر ڪن ٿا ته غيرقانوني سفر لاءِ نون طريقن ۽ بهانن جو استعمال وڌي ويو آهي. عُمري جي ادائيگيءَ جي نالي يورپ وڃڻ جي ڪوشش، جعلي فٽبال ڪلبن وسيلي جاپان موڪلڻ ڊرائيونگ نه ايندي به ڊرائيونگ ويزا وٺڻ جهڙا مثال رڳو فراڊ ناهن، پر هڪ منظم انساني اسمگلنگ نيٽ ورڪ جي نشاندهي ڪن ٿا. اهڙن نيٽ ورڪن ۾ ايجنٽ، جعلي دستاويز ٺاهيندڙ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ادارن اندر موجود ڪاريون رڍون به شامل رهيون آهن، جن ملڪ جي نظام کي ڪمزور ڪيو.

انهيءَ پسمنظر ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائين کي مڪمل طور نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. 180 بدعنوان اهلڪارن جي برطرفي، ايئرپورٽس تي ڪيمرائن جي تنصيب، نادرا ۽ آءِ ڊي ايم ايس ٽو سان آن لائين ڊيٽا جي ڳنڍڻي ۽ هٿراڌو ذهانت وسيلي مشڪوڪ ڪيسن جي نشاندهي جهڙا قدم مثبت آهن. انهن قدمن سبب پاڪستاني پاسپورٽ جي رينڪنگ 118 مان 92 تي اچڻ به هڪ حوصلا افزا تبديلي آهي، جيڪا ظاهر ڪري ٿي ته سخت پاليسين سان صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي. غيرقانوني يورپ ويندڙن جو تعداد 8 هزار مان گهٽجي 4 هزار ٿيڻ به انهيءَ پاليسي جو نتيجو آهي. تنهن هوندي به آف لوڊنگ جو عمل پاڻ ۾ ڪيترن سوالن کي جنم ڏئي ٿو وڏي انگ ۾ ماڻهن کي لاهور ۽ ڪراچي ايئرپورٽس تان آف لوڊ ڪرڻ، مسافرن ۾ بيچيني ۽ خوف پيدا ڪيو آهي. سوشل ميڊيا تي بنا تصديق جي رپورٽن صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪيو. ان ڪري ڪميٽيءَ جي اها هدايت ته آف لوڊ ٿيل مسافرن جي پاسپورٽن تي مهر نه لڳائي وڃي، هڪ مناسب ۽ انساني قدم آهي، ڇو ته مهر لڳڻ سان ماڻهو سڄي عمر لاءِ شڪ جي نگاهه ۾ اچي وڃي ٿو ڀلي هو بيگناهه هجي.

حڪومت پاران ڪميونٽي ويلفيئر اتاشي پوسٽس قائم ڪرڻ جو فيصلو به اهم آهي. سعودي عرب، جرمني، فرانس، چين، آسٽريليا، ناروي، ڪينيڊا ۽ برطانيه جهڙن ملڪن ۾ اهڙيون پوسٽون قائم ٿيڻ سان پاڪستاني ورڪ فورس جي ڀلاح، قانوني روزگار ۽ مسئلن جي حل ۾ مدد ملي سگهي ٿي. پر صرف اتاشي مقرر ڪرڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو. جيستائين ملڪ اندر مهارتن جي تربيت، شفاف رڪروٽمينٽ ۽ ايجنٽن جي سخت نگراني نه ڪئي وڃي. اصل ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت غيرقانوني لڏپلاڻ کي رڳو سيڪيورٽي مسئلو نه سمجهي، پر ان جي سماجي ۽ معاشي پاڙن کي سمجهي. نوجوانن کي ملڪ اندر روزگار، فني تربيت ۽ اميد ڏني وڃي، جيئن هو جعلي خوابن جي پويان پنهنجون زندگيون داءَ تي نه لڳائين. ايجنٽن خلاف بي رحم ڪارروائي، عوامي آگاهي مهمون ۽ قانوني طريقن سان ٻاهرين ملڪن ۾ وڃڻ جا شفاف رستا کولڻ وقت جي اهم ضرورت آهن. اسان جي نظر ۾ هيءَ رپورٽ هڪ خبرداري آهي. جيڪڏهن رڳو آف لوڊنگ ۽ ڊي پورٽنگ تي ڀاڙيو ويو ته مسئلو ختم نه ٿيندو، صرف صورتون بدلجنديون. پاڪستان کي پنهنجي ماڻهن کي عزت سان جيئڻ ۽ ڪمائڻ جا موقعا ڏيڻا پوندا، ڇو ته باوقار شهري ئي باوقار قوم جو بنياد هوندا آهن.

امن، پاڻپي ۽ سچائيءَ جو ديس سنڌ!


آفتاب سليمان لغاري

سنڌ جيڪا تاريخ جي هر دور ۾ روشن خيال روايتن، علم، عقل، فهم، فڪر ۽ تصوف جهڙين خوبصورت تصورن جو اهڃاڻ رهي آهي ۽ ساڳيهه سنڌ جي انهيءَ روشن خيال سوچ کي سدائين انهن تنگ نظر طبقن، انتهاپسند روين، سميت پوتارڪي سوچ جي پيروڪارن پڻ تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي. اصل ۾ پوتارڪي سوچ رڳو ڪنهن مخصوص فردن يا ڪنهن فرد واحد جي رويي نه پر اها سنڌ جي سماج اندر صدين کان هڪ اهڙي تنگ نظر انسان دشمن سوچ آهي، جنهن جو بنياد جهالت آهي. هن سوچ جا پيروڪار معاشري ۾ اڪثر پنهنجي پاڻ کي وڏو ۽ باقي خلق خدا کي انسان ئي ناهن سمجهندا پر اهو تڪبر ۽ هٺ جو سچو مظاهرو هو رڳو انهن مسڪين ماڻهن کي هيسائڻ لاءِ ڪندا آهن، جن جي رت ۽ ست سبب ئي اهڙا ظالم، نڪور جاهل عياشيون ڪندا آهن. جڏهن ته انهن پوتارڪي سوچ جي پيروڪارن کي سماج ۾ ڪوڙ اهڙن هنڌن تي ٻَڌي ٻانهون ٻڌي بيهي ڪري پنهنجي مها پوتارن جي آڏو جي حضوري ڪندين ڏٺو ويندو آهي ته اتي اهي پنهنجو سمورو نٺ ناڻگر وساري پنهنجي زميني آقائن کي راضي ڪرڻ ڪارڻ هر قسم جو ڪَڏو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ اڳيان اڳيان هوندا آهن. سنڌي سماج اندر اها سوچ هاڻ جهالت تي مشتمل رويو بڻجي چڪو آهي، جنهن تي نه ته ڪا ڊگري اثرانداز ٿي سگهي ٿي نه ڪو علم، فهم، فڪر ڪو سڌارو آڻي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته جن ماڻهن جي پرورش ئي ظاهري غريبن، مسڪينن ۽ پورهتين سان اڻڳي رويي اختيار ڪرڻ وغيره جهڙي ماحول ۾ ٿي هجي، جيڪي ماڻهو ناني ويڙهي واري نظام ۾ هر قدم سفارش تي ڪٽندا هجن، جن کي پڙهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ سميت زندگيءَ جي ڪنهن به ڪم لاءِ پاڻ پتوڙڻ بدران پنهنجي نوڪر چاڪرن تي ڀاڙيندا آهن. جيڪي ماڻهو ملڪي ادارن کي به پنهنجن اوطاقون سمجهندا هجن ته اهڙن لڪير جي فقير ماڻهن کان ڀلا اها اميد ڪيئن ٿي ڪري سگهجي؟ تعليم يافته بڻجي ڪين خانداني ورثي ۾ مليل طرز زندگيءَ جي ڇڏي فضليت واري راهه اختيار ڪندا. اڻين ورلي ئي ممڪن بڻجي سگهجي ٿو باقي اڪثريت ڪٿي نه ڪٿي پنهنجي تربيت جو مظاهرو ڪري هن سموري نظام کي عقل ڪُل سمجهڻ لڳندي آهي. پنهنجي سماج ۾ ڪوڙ ماڻهو جيڪي دنيا جي مشهور درسگاهن ۾ پڙهي اچي سنڌ ۾ اچي وري ساڳئي پنهنجي سطح کان مٿانهن آڏو حضوري ڪرڻ واري نوڪري وڏي نڪ جي پڪائيءَ سان ڪري اقتدار وغيره جي صورت ۾ پنهنجو حِڻ معاوضو وصول ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته اها تعليم جيڪا انسان کي انساني، اصولن ۽ آدرشن، بامقصد زندگيءَ جو ادراڪ ڪرڻ جي سگهه نه ڏئي سگهي ته اها تعليم حقيقي معنيٰ ۾ رڳو وقت جو زيان چئبي. تنهنڪري سنڌ کي ان سوچ تاريخ جي سمورن حملن کان وڌيڪ هاڃو رسايو آهي. انهيءَ سوچ اسان کان ڪيترائي سرويچ نوجوان کسيا آهن. خاص طور تي سماجي درمانن جا داستان اعليٰ ايوانن ۾ پهچائيندڙ اهي صحافي دوست، جيڪي سنڌ جي مسڪين ماروئڙن جو بي باڪ آواز بڻجن ٿا. اهي پڻ ان سوچ جو شڪار بڻجي رهيا آهن ۽ ان نظام اهن دنيا مان هميشه لاءِ هٽائي ڪين شهيد ڪري ڇڏيو هتي ڪوڙ صورتن ۾ اها سوچ اڄ به جيئن جو تيئن پنهنجي موجود آهي. جيڪا سمورين نااهلين جي نظام کي سفارش ڪلچر ۽ پنهنجا نوازيءَ سان وڌيڪ سگهارو بڻائي رهي آهي. روشن صبح ڏانهن وڌندڙ هر قدم آڏو اهم رڪاوٽ بڻجندي رهي آهي. پر اهو وقت پري ناهي جو جڏهن سنڌ جي ڳوٺ، ڳوٺ ۾ ڏيهه جا جوڌا جوان، باشعور ماڻهو ان سوچ کي بنا خوف جي ختم ڪندا. هونئن به سنڌ ۾ هاڻ اها وڏيرپائيءَ واري سوچ زوال طرف اچي وئي آهي. هن جديد دؤر ۾ جتي ماڻهو ڄاڻ جي وڌندڙ وسيلن آڌار اڻ ڄاڻائيءَ جي عذاب کان آجا ٿي رهيا آهن. تنهنڪري هاڻ هن جدت جي جهان ۾ اهو ظلم جو راڄ قائم ڪري رکندڙ سوچ وڌيڪ جٽاءُ نه ڪري سگهندي.

اها سوچ هڪ اهڙي اونداهيءَ دور جي عڪاسي ڪري ٿي، جتي ڪو ماڻهو حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪري ٿو ته انهيءَ کي سدائين ديوار سان لڳايو وڃي ٿو ۽ ان عمل ۾ جن کي اڪثر عام مسڪين ماڻهوءَ سان فضليت سان ڳالهائڻ به ناهي ايندو اهي پڻ هن نظام ۾ پاڳي پائيوار هوندا آهن. آئينِ پاڪستان موجب ملڪي آفيسر شاهيءَ کي عوام جي نوڪري ڪرڻي آهي، نه ڪي پنهنجا پيشوراڻا ليڪا ئي لتاڙي وڃڻا آهن. اهي سرڪاري عملدار جيڪي پگهار ئي عوامي خدمت جي کڻن ٿا پر هتي سنگت ساٿ، واسطن ۽ ذاتي تعلقاتن جو رنگ ڏئي نظام کي مفلوج ڪرڻ ۾ وسان نٿا گهٽائين. سنڌ ۾ جڏهن به ان کي جيڪڏهن ڪو خطرو محسوس ٿيو آهي ته اهو سنڌ جي ان باشعور طبقي کان ٿيو آهي، جيڪو علم، فهم، فڪر، درسگاهن ۽ ڪتابن کي ان ٺڪي جي ظاهري نٽ ڏانگر کان سڌو پيرا مٿانهون ترجيح ڏئي سنڌ جي واهڻ ۽ وستين ۾ خوف ۽ حراس بدران شاهه لطيف، سچل ۽ اياز جي شاعريءَ سان پيار، محبت، امن، برابري ۽ انسانيت جي جذبن جي فضا قائم ڪرڻ جي ڳالهه

آمريڪا جي فضائن مان

ٽرمپ جو قوم کي خطاب، دعوائن جي گونج ۽ حقيقت جو آئينو

راجا زاهد اختر خانزادو

اها رات وائيٽ هائوس جي پٿين لاءِ خاموش نه هئي انهن پٿين ۾ هڪ آواز گونجي رهيو هو. اهڙو آواز جنهن ۾ خود اعتمادي به هئي شڪايت به، دعويٰ به ۽ دفاع به اميد ۽ بيچيني هڪ ئي لهجي ۾ گڏ ٿيل محسوس ٿي رهيون هيون صدر ڊونلڊ ٽرمپ قوم سان مخاطب هو اهو ڪو عام خطاب نه هو پر هڪ اهڙو بيانيو هو جيڪو آمريڪا جي حال، ماضي ۽ اڻ ڏٺل مستقبل جي وچ ۾ تڪيل نظر آيو.

تقريباً ويهه منٽن جي هن خطاب ۾ ٽرمپ پنهنجي حڪومت جي ڪاميابين جو ذڪر ڪيو ايندڙ سالن جي ايجنڊا جون جهلڪيون ڏنيون ۽ ٻيهر اها ڪهاڻي ورجائي ته هن کي هڪ تباهه ٿيل ملڪ ورثي ۾ مليو هو سندس لفظن ۾، اهو ملڪ جيڪو هڪ سال اڳ مري چڪو هو اڄ دنيا جو سڀ کان گرم، سڀ کان طاقتور ۽ سڀ کان پرڪشش ملڪ بڻجي چڪو آهي

پر هن خطاب جو پهريون ڪردار خود ٽرمپ نه هو شروعات ۾ ئي اڳوڻو صدر جوبائيڊن هڪ علامت بڻجي سامهون آيو مهانگائي، اميگريشن، ثقافتي تڪرار، علمي معاملن هر مسئلي جي ذميواري بائيڊن انتظاميه تي وڌي وئي بار بار چيو ويو ته هي اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪو ڊيموڪريٽن هن ملڪ سان ڪيو ۽ هاڻي اها تباهي درست ڪئي پئي وڃي

هي سياست جي هڪ پراڻي روايت آهي ته هر نئون حڪمران پاڻ کان اڳ وارن تي الزام هڻي ٿو، پر هتي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا اقتدار جي ٻئي دور ۾ به هڪ اڳوڻي صدر کي مستقل ذليل بڻائي رکڻ اثرائتو رهي ٿو؟ خاص طور تي ان وقت، جڏهن خود صدر جي مقبوليت گهٽجي رهي هجي ۽ عوام جو وڏو حصو مهانگائي ۽ روزمره جي خرچن کان تنگ هجي

ٽرمپ بار بار ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جيڪڏهن ماڻهو سندس زبان مان سندس ڪارڪردگي ٻڌن ته هو ضرور ساٿس گڏ ٿيندا شايد انهيءَ سوچ تحت هن تقرير ۾ ساهه کڻڻ جو وقفو گهٽ رکيو. هيءَ تقرير گهٽ ۽ شڪايتن جو هڪرو وڌيڪ لڳي رهي هئي لهجو بلند هو لفظ بنا رڪاوٽ وهندا رهيا.

معاشي محاذ تي صدر دعويٰ ڪئي ته مهانگائي رڪجي وئي آهي پر انگ اکر ٻي تصوير ڏيکارين ٿا. افراط زر اڃا ٽي سيڪڙو تي موجود آهي اهو ضرور آهي ته اڳ جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي پر اهو چوڻ ته مهانگائي ختم ٿي وئي آهي، حقيقت سان ميل نٿو کائي ماهرن موجب، مهانگائي جو مڪمل ختم ٿي وڃڻ خود معيشت لاءِ خطري جي علامت هوندو آهي

پيٽرول جي قيمتن بابت به وڏيون دعوائون ڪيون ويون صدر موجب ملڪ جي گهڻن حصن ۾ گيس ٻه ڊالر پنجاهه سينٽ کان گهٽ ٿي وئي آهي ۽ ڪجهه رياستن ۾ ته هڪ ڊالر نوانوي سينٽ تائين پهچي وئي آهي حقيقت اها آهي ته قومي سراسري اڃا به لڳ ڀڳ ٻه ڊالر نوي سينٽ جي ويجهو آهي ڪجهه رياستن ۾ گهٽ قيمتون آهن پر اها قومي حقيقت ناهي اهڙيءَ طرح گهريلو توانائي جي خرچن ۾ ٽي هزار ڊالر گهٽتائي جي دعويٰ به ثبوت کان خالي رهي ايندڙ ٻارهن مهينن ۾ سورهن سئو نوان بجلي گهر کولڻ جو واعدو ٻڌڻ ۾ ته شاندار لڳي ٿو پر عملي طور اڃا به ڏٺلو آهي

ان هوندي به، تقرير جا ڪجهه حصا اهڙا هئا جيڪي عوامي جذبات کي ڇهندا هئا فوجي اهلڪارن لاءِ سترهن سئو ڇاهتر ڊالر جو خاص بونس جنهن کي صدر وارئير ڊيويڊينڊ جو نالو ڏنو علامتي هئڻ باوجود خوش آئند قدم آهي تيرهن لک کان وڌيڪ فوجي ۽ ريزرو اهلڪار ان مان فائدو وٺندا ڪرسمس کان اڳ اهو اعلان هڪ واضح سياسي پيغام به آهي

اميگريشن جي معاملي تي صدر جو لهجو هميشه وانگر سخت رهيو هن سرحدي صورتحال کي پنهنجي سڀ کان وڏي ڪاميابي قرار ڏنو اهو چوندي ته ٿوري ئي وقت ۾ بدترين سرحد کي بهترين بڻايو ويو. اها حقيقت آهي ته غيرقانوني سرحد پار ڪرڻ ۾ وڏي گهٽتائي آئي آهي ۽ انگ اکر تاريخي طور گهٽ ترين سطح تي پهچي چڪا آهن. پر اها دعويٰ ته ستن مهينن کان ڪنهن به غيرقانوني تارڪ وطن کي آزاد نه ڪيو ويو، جزوي سچ آهي. ڪجهه ماڻهو ٻين ادارن وسيلي آزاد ٿيا آهن ۽ جيڪي ماڻهو پڪڙ ۾ ئي نه آيا، انهن جو ڪو واضح حساب موجود ناهي.

بائيڊن دور ۾ پنجويهه ملين ماڻهن جي غيرقانوني داخلا جي دعويٰ به حقيقت کان پري آهي سرڪاري انگن موجب هي تعداد لڳ ڀڳ ٻارهن ملين آهي ۽ ان ۾ اهي ماڻهو به شامل آهن جيڪي بار بار سرحد پار ڪندا رهيا.

تقرير جو هڪ تڪراري لمحو ان وقت آيو جڏهن صدر منيسوٽا بابت چيو ته صومالي نسل وارن ماڻهن رياست جي معيشت تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي هي بيان نه صرف وڌاءُ هو، پر هڪ پوري ڪميونٽي کي چند ڪيسن سان ڳنڍڻ جي ڪوشش به لڳي

خارجي پاليسي تي صدر گهٽ ڳالهايو، پر ساڳئي وقت اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ تائيوان کي ڏهه ارب ڊالرن جي هٿيارن جي وڪري جو اعلان ڪيو ميزائل راڪيٽ سسٽم ۽ ڊرونز تي ٻڌل هي پيڪيج چين لاءِ هڪ صاف پيغام آهي، جيتوڻيڪ صدر پنهنجي تقرير ۾ چين يا واپاري جنگ جو سڌو ذڪر نه ڪيو.

صحت جي شعبي ۾ به صدر هڪ ڀيرو ٻيهر افورڊيبل ڪيئر ايڪٽ کي نشانو بڻايو، اهو چوندي ته اهو قانون انشورنس ڪمپنين کي امير ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو. حقيقت اها آهي ته هن قانون ۾ منافعو محدود ڪيو ويو آهي ۽ علاج تي خرچ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. بهرحال، صدر جو اهو خيال ته سبسڊي سڌو ماڻهن کي ملڻ گهرجي، هڪ اهڙو سوال پيدا ڪري ٿو جنهن تي سنجيده بحث جي گنجائش موجود آهي.

ٽرمپ مستقبل ڏانهن ڏسندي هڪ وڏي معاشي لوڄ جي اڳڪٿي ڪئي فيڊرل ريزرو لاءِ اهڙي چيئرمين جي ڳالهه ڪئي جيڪو شرح سود ۾ وڏي گهٽتائي جو حامي هجي ۽ ايندڙ سال هائوسنگ سڌارن جو واعدو ڪيو، جيتوڻيڪ تفصيل بيان نه ڪيا.

خطاب جي آخر ۾ لهجو نرم ٿي ويو، اولمپڪس، فٽبال ورلڊ ڪپ ۽ آزاديءَ جي اعلان جي ٻه سئو پنجاهه سال سالگرهه جو ذڪر ڪندي صدر آمريڪا جي واپسي کي هڪ تاريخي سفر طور پيش ڪيو. ڪرسمس ۽ نئين سال جون واڌايون ڏئي تقرير ختم ڪئي وئي، جڻ ڏکي چڪتاڻ کان پوءِ اميد جي هڪ شمع روشن ڪئي پئي وڃي.

هي خطاب هڪ آئينو هو جنهن ۾ طاقت به هئي، ڪمزوري به، اعتماد به ۽ بيچيني به. اهو هڪ اهڙي صدر جو آواز هو، جيڪو پاڻ کي تاريخ جي درست موڙ تي بيٺل سمجهي ٿو، پر عوام جا سوال اڃان اڪرن جون حقيقتون ۽ زميني تجربا هڪ وڌيڪ پيچيده ڪهاڻي بيان ڪن ٿا.

شايد اصل سوال اهو ناهي ته صدر ڇا چيو، پر اهو آهي ته قوم ڇا ٻڌڻ چاهي ٿي ڇو ته تاريخ رڳو دعوائن سان نه، پر سچ، توازن ۽ قبوليت سان لکي ويندي آهي

ڪتابي ميلن جي موسم


محمود شام

اڄ وري آهي ڪتاب سال ڪانهوءَ سنوارجي، سينگارجي، اسان وٽ اچي رهيا آهن. جڻ پاڻ سان خوشين ۽ خوشبوءِ کڻي آيا هجن. هن ڀيري دل ۾ خدشا به هئا ته خبر ناهي ڪتاب ميلو ٿيندو به يا نه؟ سوشل ميڊيا تي اهڙيون خبرون گهمي رهيون هيون، جن دل کي اداس ڪري ڇڏيو هو. جناب عزيزخالد سان به ڳالهايوسين، ٻين منتظمين سان به رابطو ٿيو. اصل ڳالهه اها آهي ته ڪتاب ميلو هاڻي ڪراچي جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. يونيورسٽي روڊ تي ڪيترين ئي ڪوٽائون هجن، رستا بند هجن، تڏهن به هي ميلو ايڪسپو سينٽر ۾ هر ڀيري وڏي رونق جوش ۽ جذبي سان لڳندو آهي. اسان ته 2005ع کان هن ڪتاب ميلي جي عشق ۾ ٻڌل آهيون. هتي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ڏٺاسين، ڪهڙيون ڪهڙيون وڏيون شخصيتون سامهون آيون. هر ڀيري نئون تجربو، نيون يادون. اهڙو ڪتاب ميلو جناب قيصر زيديءَ جو به هڪ خواب هو. ڪتابن سان عشق ڪندڙ سيد قيصر زيدي ڪجهه ڏينهن اڳ لاهور ۾ خالقِ حقيقي وٽ حاضر ٿي ويا. ڪتاب جي واڌ ويجهه ۽ پڙهڻ جي ثقافت لاءِ هن جيڪا جدوجهد ڪئي، اها باقاعده منصوبابنديءَ سان ڀرپور ۽ واقعي ساراهه جوڳي هئي. هن اردو بازار ۾ 'ويلڪم بُڪ پورٽ' جو بنياد وڌو جيڪو سندس تمام وڏي ڪارنامن مان هڪ هو. سندس سڀ کان اهم ڪم اهو هو ته هن پاڪستان جا اخبار، رسالا ۽ ڪتاب سڄي دنيا تائين پهچايا. سعودي عرب ۽ دبئي ان جا وڏا مرڪز هئا، جڏهن ته آمريڪا، ڪينيڊا، برطانيا ٻين يورپي ملڪن ۽ آسٽريليا تائين به پاڪستاني اخبارن جي باقاعده ترسيل ٿيندي هئي. الله تعاليٰ سيد قيصر زيديءَ جا درجا بلند فرمائي. ڪتاب ميلي لاءِ اردو برقي خوشنويسي جي خالق احمد جميل مرزا جو پٽ اويس به هميشه اڳڀرو رهندو هو ان سان گڏ قادر متين، سيد اصغر زيدي، پير اماڻونٽ وارا، اقبال صالح، آڪسفورڊ، لبرٽي ۽ هاڻي اٽلانٽس جا ماڻهو به هن ڪتابي تحريڪ جو حصو رهيا. ڪراچيءَ جو هيءُ ڪتاب ميلو رڳو پاڪستان جو سڀ کان وڏو ميلو ئي ناهي، پر دنيا جي وڏن ڪتاب ميلن ۾ به شمار ٿئي ٿو. سمنڊ پار رهندڙ پاڪستاني، جيڪي ڪتابن سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندا رهن ٿا، اهي به خاص ڪتاب ميلي جي موقعي تي پنهنجن گهرڀاتين سان گڏ ڪراچي اچڻ جو پروگرام ٺاهيندا آهن. عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ته ماڻهو هاڻي ڪتابن کان پري ٿي ويا آهن. ڪتاب اڳ جيترا پڙهيا نٿا وڃن. پر هر سال ڊسمبر جي انهن ڏينهن ۾ اهڙا سڀ تجزيا، خدشا ۽ قول بلڪل بي معنيٰ بڻجي ويندا آهن. جڏهن ايڪسپو سينٽر جي هال نمبر هڪ، ٻه ۽ ٽي ۾ ڪتاب پنهنجن نون گهڻن ڏانهن وڃڻ لاءِ اسٽالن ۽ ريڪن تي سجايا ويندا آهن. تڏهن پاڪستان جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان ننڍا وڏا پبلشر پنهنجا ڪتاب کڻي هتي پهچن ٿا. غريب ۽ وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ پاڪستاني به ٿيلها ڀري ڀري ڪتاب خريد ڪري خوشيءَ سان واپس وڃن ٿا. جيڪو پاڻ ۾ ڪتابن سان جيئري محبت جو وڏو ثبوت آهي.

انهن ۾ ننڍڙا معصوم ٻار به هوندا آهن، جيڪي پنهنجي امڙين جي جهوليءَ ۾ ويٺل نظر ايندا آهن. جڏهن ته ڪيترا عمر رسيده پاڪستاني ويل چيئرن تي اچي ڪتاب ميلو ڏسندا آهن. ڪجهه دوست اهڙا به آهن، جن سان اسان جي ملاقات سال ۾ هڪ دفعو هتي ئي ٿيندي رهي آهي. ڪيترن سالن کان اسان جا ڪالم پڙهندڙ به هتي ملن ٿا، جيڪي سڄي سال دوران لکيل ڪجهه ڪالمن تي پنهنجا خيال ۽ رايا ٻڌائيندا آهن. اهڙيءَ ريت اهو تاثر به غلط ثابت ٿي وڃي ٿو ته هاڻي اخبار ناهن پڙهيا ويندا. اسان ته پنهنجي آچر واري ڪالم ۾ لکندا رهندا هئاسين ته آچر اهو ڏينهن هوندو آهي جڏهن پنهنجي پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين سان گڏجي ٻنپهرن جي ماني کائڻ گهرجي. ٻه سال اڳ انهيءَ ڪتاب ميلي ۾ هڪ معزز پڙهندڙ صلاح ڏني ته ان ۾ نُنهن ۽ ناٺين کي به شامل ڪيو وڃي. اسان ڪتاب ميلا آمريڪا، ڪينيڊا، دهلي ۽ بيجنگ ۾ به ڏٺا آهن ۽ ياد اچي ٿو ته هڪ ڪتاب نمائش تهران ۾ به ڏٺي هئي، جنهن ۾ پاڪستان جو اسٽال به اسان پاڻ منظم ڪيو هو. ڪتاب ۽ پڙهندڙ جو ناتو انهن ميلن وسيلي وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو. ڪينيڊا، آمريڪا ۽ يورپي ملڪن ۾ ته وڏا ميڊيا گروپ پنهنجي سبسڪرپشن وڌائڻ لاءِ وڏيون مهمون هلائيندا آهن ۽ نوان خريدار بڻجندڙن کي قيمتي تحفا به ڏيندا آهن. ڪراچي جي هن ڪتاب ميلي ۾ ڪي منظر اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڏاڍو جوش، ولولو ۽ خوشي پيدا ڪندڙ هوندا آهن. جڏهن اسڪولن جون بسون ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي کڻي ميلي ۾ پهچن ٿيون. تڏهن داخلا لاءِ ڊگهيون قطارون لڳي وڃن ٿيون ۽ پوءِ جڏهن اهي گلڙا ۽ ڪليون مختلف هالن ۾ پکڙجن ٿيون ته سڄو ماحول جڻ زنده ٿي پوي ٿو. ڪتابن جي اسٽالن تي انهن ٻارن جا سوال ڏاڍا دلچسپ ۽ سوچ پيدا ڪندڙ هوندا آهن. گهڻن ٻارن کي ته سندن والدين خاص انهيءَ ڏينهن لاءِ ڪتاب خريد ڪرڻ خاطر باقاعده پئسا ڏئي موڪليندا آهن. اسان جو مشاهدو اهو آهي ته ڪراچي جي امير علائقن مان ٻار گهٽ ايندا آهن. جڏهن ته گهڻو ڪري غريب ۽ وچولي طبقي وارن علائقن مان ايندڙ ٻار هوندا آهن. اسڪولن سان گڏ ديني مدرسن مان به شاگردن جي وڏي تعداد ايندي آهي، جيڪي شلوار قميص، ٽوپي يا پڳڙي ۾ نظر ايندا آهن. انهن ۾ هر عمر جا ٻار شامل هوندا آهن. مذهبي ڪتاب ته ڪين پنهنجي مدرسن ۾ ئي ملي ويندا آهن، هتي اهي گهڻو ڪري ڄاڻ ۽ عام شعور وارا ڪتاب خريد ڪندا آهن. اسان جو پنهنجو به هتي هڪ اسٽال هوندو آهي، تنهنڪري اسان کي سڀ ڪجهه ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو ملندو آهي هڪ سال لياري جي هڪ اسڪول جي هڪ ٻار کي هڪ ڪتاب تمام گهڻو وڻيو جڏهن اسان سندس شوق ڏٺو ته ڪتاب جي قيمت ڪافي گهٽ ڪري ڇڏي. ڪجهه ئي لمحن بعد اهو ٻار پنهنجي ٽي ٻين هم جماعتن کي به ساڻ وٺي آيو ۽ ٽنهي ساڳيو ڪتاب خريد ڪيو. اسان پنهنجي اسٽال جي سامهون ٻارن لاءِ ننڍڙا مضمون لکڻ جا مقابلا به ڪرائيندا آهيون، جن ۾ ڪين پنهنجن اسڪولن يا ڪتابن بابت اتي ويهي لکڻ لاءِ چيو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪين تحفا به ڏنا ويندا آهن. ڪيترائي ڪتاب دوست اهڙا هوندا آهن، جيڪي سڄو سال هن ميلي جو انتظار ڪندا آهن. سندن هٿن ۾ اهڙين ڪتابن جي فهرست هوندي آهي، جيڪي عام دڪانن تي ناهن ملنديون. اهي هڪ هڪ اسٽال تي انهن ڪتابن جي تلاش ۾ گهمندا رهن ٿا. اڍائي ڪروڙ کان وڌيڪ آباديءَ واري هن شهر مان ته لکين ماڻهو اچن ٿا ئي، پر ويجهن شهرن مان به پوڙها، نوجوان ۽ ٻيا هم وطن نظر اچن ٿا. اردو سان گڏ سنڌي، بلوچي، پنجابي، پشتو ۽ سرائڪي ٻولين ۾ به ڪتاب موجود هوندا آهن. قومي سياسي جماعتن سان لاڳاپيل ڪتاب دوست به هتي ڪتابن جي ڳولا ۾ ايندا نظر اچن ٿا. هر سال جماعت اسلاميءَ جو ته پنهنجو الڳ اسٽال هوندو ئي آهي. پر سندن مقامي، صوبائي ۽ مرڪزي سطح جا اڳواڻ سڀ کان وڏي انگ ۾ ڪتاب ميلي ۾ نظر ايندا آهن. ان کانپوءِ جمعيت علماءِ اسلام، پوءِ عوامي نيشنل پارٽي ۽ بلوچستان جون تقريباً سڀ سياسي پارٽيون به پنهنجي نمائندن سميت هتي اچن ٿيون. بلوچستان ۾ به گوادر، تربت، پشين، ڪوئيٽه ۽ قلات جهڙن شهرن ۾ جيڪي ڪتاب ميلا لڳن ٿا، اتي به لکين روپين جا ڪتاب وڪامن ٿا ۽ پڙهيا به وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو بلوچستان جي ماڻهن کان وڏا وڏا ماڻهو به ڊڄن ٿا، ڇو ته پڙهندڙ قوم کي آسانيءَ سان بيوقوف نٿو بڻائي سگهجي. حقيقت اها آهي ته ڏورانهن ننڍن شهرن ۾ ڪتاب پڙهندڙ ماڻهو وڏن شهرن کان به وڌيڪ آهن. ڪتابن جا ڪي ڪي ديوانا اهڙا به هوندا آهن، جيڪي پاڻ سان ڦيٿن وارو خالي گاڏو کڻي ايندا آهن. جيڪو واپس ويندي ڪتابن سان ڀريل هوندو آهي. هي ڪتاب ميلو پاڪستان جو سڀ کان روشن، مثبت ۽ سٺو چهرو دنيا آڏو پيش ڪري ٿو. جيڪڏهن اسان جي وفاقي حڪومت، جيڪا آئيني ترميمن سبب سجائي وڃي ٿي، ڪنهن اداري کي باقاعده ذميواري ڏئي، ته هن ڪتاب ميلي مان پاڪستان بابت تمام سٺا انگ اکر ۽ اشاريا حاصل ڪري سگهجن ٿا. جهڙوڪ: ڪهڙي عمر جي پاڪستانين ڪهڙي موضوع تي ڪهڙا ڪتاب خريد ڪيا، پاڪستاني ليکڪ ۽ محقق ڪهڙا ڪتاب لکي رهيا آهن ۽ پاڪستان جا پڙهندڙ اصل ۾ ڇا پڙهڻ پسند ڪن ٿا؟

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اولاڪَنِ اَچِي، مَعذُورِ تي مارو ڪيو؛
مَتان، وَرَ وسارِئين، مَنجهان ڪَرَ ڪَچِي!
لاهي لاڳاپا لَنگهه تُون، سيڱَنِ ڏانهن، سَچِي!
مَنجهان راهه رَچِي، ٽِيندينءَ لَعَلَ لَطِيفُ چئي.
—— (سُر مسئي آبري)

بلوچستان: خدشا ۽ امڪان!

خورشيد نديم

ڪوئيٽا بلڪل اهڙو ناهي جيئن مون سوچيو هو اتي ٻه ڏينهن گذارڻ کان پوءِ مون کي ان جو اندازو ٿيو مون سمجهيو هو ته اتي سيءُ اسلام آباد کان وڌيڪ هوندو تيز سج هوندي به سڄو ڏينهن اهڙي طرح تپش وسائيندو رهيو جو ڇانوَ جي ضرورت محسوس ٿي رات ٿڌي هئي پر هتي جي ڀيٽ ۾ ٿوري وڌيڪ اهڙي ٿڌ جيڪا برداشت لائق هجي، بس ايتري جو هڪ سوئيٽر سان ئي ڪم هلي وڃي معلوم ٿيو ته سياري ۾ سختي ضرور ايندي آهي پر ٿوري دير سان هن ڀيري اميد ڪئي پئي وڃي ته ڊسمبر جي آخري هفتي ۾ ان جي آمد محسوس ٿيندي منهنجو اهو به خيال هو ته شام ٿيندي ئي شهر جون گهٽيون ويران ٿي وينديون اونڌهه ۽ دهشتگردي گڏجي حملو ڪندا هوندا ۽ ماڻهو ڊڄي ويهي رهندا هوندا ان خيال کي پهريون ڌڪ تڏهن لڳو، جڏهن ڪجهه دوستن مون کي رات جي مانيءَ تي سڏ ڪيو ۽ وقت ساڍي اٺين وڳي جو رکيو. ڪوئيٽا ۾ انهن ڏينهن ۾ مغرب لڳ ڀڳ ساڍي پنجين وڳي ٿيندي آهي، يعني هي سج لهڻ کان ٽي ڪلاڪ پوءِ جو وقت هو رات لڳ ڀڳ ٻارهين وڳي جڏهن مان واپس آيس ته بازار ۾ چهل پهل هئي، دڪان کليل هئا. هي منهنجي خيالن لاءِ ٻيو ڌڪ هو مون پنهنجي همسفر کان پڇيو ته هن ان کي هتي جو معمول قرار ڏنو جنهن شهر ۾ اڌ رات تائين زندگي رواں دوان هجي اتي دهشت جو غلبو نٿو ٿي سگهي مان ڪوئيٽا کي سموري بلوچستان جو عڪس نٿو سمجهان منهنجو مشاهدو شهر تائين محدود هو، تنهنڪري مان هتي ڏٺل حالتون بيان ڪري رهيو آهيان البت هتي مون کي بلوچستان جي مختلف علائقن مان آيل يونيورسٽين جي استادن ۽ شاگردن سان ڊگهي ڳالهه ٻولهه جو موقعو مليو هن معلومات پوري ڳالهه ٻولهه مان مون گهڻو ڪجهه سکيو ان جو اهتمام بلوچستان جي حڪومت ۽ وفاق گڏجي ڪيو هو نوجوان دل کولي ڳالهائي رهيا هئا. رياست انهن کي اهو موقعو ڏنو هو ته هو بي تڪلفيءَ سان پنهنجا خيال ظاهر ڪن اهي شاگرد ملڪ جي ٻين حصن ڏانهن به ويندا هي ملاقات جو هڪ مستقل پروگرام آهي، جنهن جا 18 دور ٿي چڪا آهن هر دور ۾ شرڪت ڪندڙن جو تعداد سئو کان وڌيڪ هوندو آهي انهن سان ملي مون کي بلوچستان جي ٻين علائقن جي حالتن بابت به ڄاڻ ملي ۽ اهو به خبر پئي ته اتي جي نوجوانن جي سوچ ڇا آهي تفصيل ۾ وڃڻ ڪانسواءِ مان توهان سان پنهنجو اهو تاثر ونڊ ڪري سگهان ٿو ته رياست کي ڏوهارين لاءِ خوف ۽ عام شهرين لاءِ تحفظ جي علامت هئڻ گهرجي، ڇو ته امن هڪ فطري خواهش آهي عام ماڻهو امن چاهي ٿو ماڻهو فطرتاً فساد ۽ فسادي ماڻهن کي پسند نٿو ڪري هو رياست کي مضبوط ڏسڻ چاهين ٿا ته جيئن سندن جان ۽ مال محفوظ رهي رياستي نظام اندر به ڪو ايترو طاقتور نه ٿي وڃي جو قانون ان جي اڳيان بيوس نظر اچي عام شهريءَ کي رياست کان شڪايت ٿي سگهي ٿي، پر هو رياستي نظام کان بغاوت نٿو ڪرڻ چاهي جيڪڏهن رياست ڳالهه ٻولهه جو موقعو ڏئي ۽ جائز شڪايتن جو ازالو ڪندي رهي ته ڪا به بغاوت ڪڏهن به نٿي ٿي سگهي هن ڳالهه ٻولهه ۾ شرڪت ڪري مون کي احساس ٿيو ته رياست هن ڳالهه جي اهميت کي سمجهي رهي آهي ۽ بلوچستان جي عوام سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهي آهي ان شاءَ الله ان جا سٺا نتيجا نڪرندا بلوچستان ۾ ٻن ڏينهن جي قيام دوران هڪ ٻيو خوشگوار تجربو رحمت للعالمين يوٿ ڪلب جي نوجوانن سان ملاقات هو قومي رحمت للعالمين ۽ خاتم النبيين اٿارٽي نئين نسل ۾ سيرتِ رسول ﷺ سان شعوري ۽ عملي وابستگي پيدا ڪرڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ يوٿ ڪلب قائم ڪيا آهن ان جو بنيادي مقصد سيرت جي مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ ان مطابق زندگي گذارڻ آهي جڏهن مون هن اداري جي ذميواري سنڀالي ۽ ان جي شروعات ڪئي ته منهنجو خيال هو ته سڀ کان وڌيڪ مشڪلاتون بلوچستان ۾ پيش اينديون پر هتي اهو پروگرام جنهن گرمجوشيءَ سان اڳتي وڌيو، تنهن مون کي حيران ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن مان چوان ته هي ٻين صوبن کان به اڳتي نڪري ويو آهي ته غلط نه ٿيندو ڪجهه مهينا اڳ بلوچستان جو سيڪريٽري تعليم منهنجي آفيس آيو هو مون کي سندس ديانت ۽ ڊيڊاريءَ جو ته علم هو پر عمل جي قوت جو اندازو نه هو جڏهن هن سان ان بابت ڳالهه ٻولهه ٿي ته هن ايتري تيزيءَ سان هن پروگرام کي اڳتي وڌايو جو حيرت جو نئون باب کلي پيو اسان بلوچستان حڪومت سان مفاهمت جي هڪ يادداشت تي صحيحون ڪيون، جنهن ۾ سمورين يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ يوٿ ڪلب قائم ڪرڻ شامل هو.

شروعات انهن تعليمي ادارن کان ٿي جيڪي هڪ فلاحي اداري جي نگرانيءَ هيٺ قائم ٿيا هئا. لڳ ڀڳ اڌ صدي اڳ فضلِ حق مير مرحوم جهڙن ڪجهه مخلص ماڻهن هن اداري جو بنياد رکيو ۽ اڄ ان جا ٻارنهن وڏا ادارا موجود آهن انهن جي منتظمين اٿارٽي ۽ ڪلبز لاءِ پنهنجا سڀ در کوليا. نومبر ۾ رحمت للعالمين يوٿ ڪلبن اقبال اڪيڊميءَ سان گڏجي 3 ڏينهن واري ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ پاڪستان سميت دنيا مان ماهر شريڪ ٿيا. بنگلاديش جي مهمانن جو جنهن نموني سان آڌرڀاءُ ڪيو ويو، ان مان معلوم ٿيو ته اقبال جو پاڪستان وارو تصور اڃا زنده آهي اهي سڀ پروگرام تعمير نو ٽرسٽ جي آڊيٽوريم ۾ ٿيا ۽ مهمان نوازيءَ جي ذميواري به ٽرسٽ ۽ رحمت للعالمين يوٿ ڪلب جي منتظمين نڀائي. مان محمد نسيم صاحب ۽ ٽرسٽ جي ٻين ذميوارن سان مليس، جنهن گرمجوشيءَ سان هو نوجوانن ۾ نبي ڪريم ﷺ ۽ پاڪستان سان وابستگي پيدا ڪري رهيو آهي، ان جو اندازو نوجوانن سان ملي ڪري ٿيو. جنهن تقريب ۾ مان شريڪ هئس، اها ڪيترن ئي يوٿ ڪلبن جي ميمبرن جي حلف برداريءَ لاءِ هئي، هن جو دائرو هاڻي ٻين تعليمي ادارن تائين وڌي رهيو آهي ۽ بلوچستان جي سيڪريٽري تعليم جي صلاحيت ۽ جذبي مان پوري اميد آهي ته رحمت للعالمين يوٿ ڪلب جلد ئي هتي جي نوجوانن جو هڪ مؤثر ۽ متحرڪ فورم بڻجي ويندو. منهنجو قيام ڊگهو نه هو پر تمام ڀرپور هو. جيڪڏهن بلوچستان ۾ ڪجهه عليحدگي پسند ۽ دهشتگرد سرگرم آهن ته ساڳئي وقت رياستي ۽ سماجي سطح تي اهي قوتون به پوري طاقت سان جواب ڏئي رهيون آهن. جيڪي اسلام ۽ پاڪستان جي ڳالهه ڪن ٿيون. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ان جو ڪو نتيجو نه نڪري؟ جيڪڏهن مثبت سوچ جي اشاعت سان گڏ نوجوانن ۽ رياست جي وچ ۾ اها ڳالهه ٻولهه جاري رهي ته ان شاءَ الله پاڪستان جو هر حصو امن جو گهوارو بڻجي ويندو. جيڪي ماڻهو رياست خلاف بغاوت ڪن ۽ هٿيار کڻن، تن سان نبرڻ لاءِ رياست کي طاقت استعمال ڪرڻ جو حق حاصل آهي. رهيو بيانيو ته ان جو جواب بيانئي سان ئي ڏيڻو پوندو. جائز شڪايتن جو ازالو ڪرڻو پوندو ۽ پکڙيل غلط فهمين کي ختم ڪرڻو پوندو. اسان کي پنهنجي محاذن تي متحرڪ رهڻو آهي.

تعمير، ترقي ۽ عوامي ڀلائيءَ جو نئون بيانيو!


محمد فاروق راجپوت

اڄ ته اڄ سنڌ حڪومت جي هڪ سالا ڪارڪردگي رپورٽ جو تفصيلي جائزو وٺون جمهوريت ۽ عوامي خدمت جو سفر رڳو نعرا يا وعدا نه هوندا آهن پر اهي ٺوس قدم هوندا آهن جيڪي عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ سهولت پيدا ڪن تاريخ شاهد آهي ته جڏهن سياسي قيادت عوامي مسئلن کي ترجيح بڻائي ٿي ته وسيلن جي کوٽ هوندي به رستا نڪري اچن ٿا سال 2025 سنڌ جي سياسي ۽ انتظامي تاريخ ۾ اهڙي سال طور ياد رکيو ويندو، جڏهن صوبائي حڪومت روايتي گورننس جي جمود کي ٽوڙي تعمير ۽ ترقيءَ جون نيون بنيادون وڌيون هي آرٽيڪل لکڻ وقت ليکڪ جي اڳيان سنڌ حڪومت جي سالياني ڪارڪردگي رپورٽ موجود آهي هي دستاويز رڳو انگن اکرن جو مجموعو ناهي پر بدلجندڙ سنڌ جي ڪهاڻي آهي. اهڙي سنڌ، جيڪا ٻوڏ جي تباهين مان نڪري پنهنجن پيرن تي بيهي رهيو آهي جيڪو توانائيءَ جي بحران ۾ پوري پاڪستان کي رستو ڏيکاري رهيو آهي ۽ جيڪو صحت ۽ تعليم ۾ قابل تقليد ماڊل پيش ڪري رهيو آهي هن تجزيي ۾ اسين رپورٽ جي هر پهلوءَ کي باريڪ بينيءَ سان ڏسنداسين ۽ جاچينداسين ته ڇا واقعي سنڌ ۾ اها تبديلي آئي آهي، جنهن جي دعويٰ ڪئي پئي وڃي؟

ڪنهن به شهر يا صوبي جي معاشي ترقيءَ جو اندازو ان جي ٽرانسپورٽ سسٽم مان لڳائي سگهجي ٿو ڪراچي، جيڪو پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي، ڏهاڪن تائين معياري پبلڪ ٽرانسپورٽ کان محروم رهيو ٽُٽل ڦُٽل بسون، ڇتين تي سفر ڪندڙ مسافر ۽ ڪلاڪن جا ٽريفڪ جام شهرين جي نفسيات تي گهرا اثر ڇڏيندا رهيا پر سال 2025ع ۾ سنڌ حڪومت هن شعبي ۾ جيڪا انگيرائي ڪئي، اها حيرت انگيز آهي.

تحفظ سان سفر ڪري رهيون آهن ان سان گڏ ماحول دوست اليڪٽرڪ بسون (EV Buses) شامل ٿيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته حڪومت ماحولياتي آلودگي جهڙي سنگين مسئلي کي به سنجيدگيءَ سان وٺي رهي آهي. اهڙي ئي تسلسل ۾ 'اِي چالان سسٽم' جو نفاذ به اهم قدم آهي ماضيءَ ۾ ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ۽ رشوت عام هئي. ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال سان نه رڳو انساني مداخلت گهٽ ٿي آهي پر قانون جي پاسداريءَ جو شعور به وڌيو آهي. رپورٽ ٻڌائي ٿي ته اي چالان مان حاصل ٿيندڙ آمدني ٻيهر روڊن جي مرمت ۽ ٽريفڪ سڌارن تي خرچ ٿي رهي آهي. جيڪو هڪ پائيدار ماڊل آهي صحت اهو شعبو آهي، جتي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگيءَ تي مخالف به کُلي تنقيد ڪرڻ کان قاصر نظر اچن ٿا. پيپلز پارٽيءَ جو فلسفو آهي ته صحت جون سهولتون خريدڻ نه پر مفت حاصل ڪرڻ هر شهريءَ جو بنيادي حق آهن 2025ع جي رپورٽ هن فلسفي جي عملي تصوير پيش ڪري ٿي اين آءِ سي وي ڊي (NICVD) جو نيٽ ورڪ، جيڪا پهرين ڪراچيءَ تائين محدود هئي، هاڻي صوبي جي ڏورانهن ضلعن ۽ تعلقن تائين پهچي چڪي آهي. 'چيسٽ پين يونٽس' جو قيام انقلابي قدم آهي. تصور ڪريو ته بدين يا ٿرجي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪنهن کي دل جو دورو پوي ٿو اڳ ڪراچي پهچڻ ۾ ڪلاڪ لڳندا هئا ۽ ڪيترائي مريض رستي ۾ ئي فوت ٿي ويندا هئا. اڄ انهن کي ويجهي علائقي ۾ ئي ابتدائي طبي امداد ۽ علاج ملي ٿو رڳو سهولت نه پر زندگيون بچائڻ وارو عمل آهي. رپورٽ

آهي ته جيئن غريب ماڻهوءَ کي علاج لاءِ ڪنهن ڪارڊ جي به ضرورت نه پوي.

تعليم قومن جي ترقيءَ جي ڏاڪڻ آهي. بدقسمتيءَ سان وفاقي سطح تي هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) جي بجيٽ ۾ لڳاتار ڪٽوتين سبب ملڪ جي يونيورسٽين کي شديد مالي بحران کي منهن ڏيڻو پيو. اهڙي وقت، جڏهن وفاق هٿ ڪڍي رهي آهي، سنڌ حڪومت پنهنجن نوجوانن جو هٿ جهليو. رپورٽ جو روشن باب اهو آهي ته صوبائي حڪومت يونيورسٽين لاءِ 41 ارب رپين جي گرانٽ مختص ڪئي آهي، جيڪا ڪنهن به صوبي طرفان هائير ايجوڪيشن لاءِ سڀ کان وڏي مدد آهي. مقصد اهو هو ته فيسن ۾ واڌ نه ٿئي ۽ غريب والدين جا ٻار تعليم کان محروم نه ٿين. ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۽ ٻين ادارن کي نه رڳو پگهارن لاءِ فنڊ مليا پر تحقيق ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ به وسيلا مهيا ڪيا ويا. ان کان علاوه سنڌ حڪومت شاگردن خاص طور تي شاگردياڻين کي اسڪولن تائين آڻڻ لاءِ وظيفن ۾ واڌ ڪئي. رپورٽ موجب 2022ع جي ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل هزارين اسڪول عمارتون ٻيهر تعمير ڪيون ويون آهن، جتي فرنيچر، سولر پينلز ۽ صاف پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي يقيني بڻائي وئي آهي. 2022ع جي ٻوڏ سنڌ جي بنيادي ڍانچي کي

خاموش سماجي انقلاب آهي. ڳوٺاڻن علائقن ۾ جتي عورتن جو ملڪيت ۾ حصو گهٽ هو، هاڻي لکين عورتون پنهنجي گهرن جون مالڪ بڻجي چڪيون آهن. هي قدم معاشي تحفظ سان گڏ سماجي حيثيت به بلند ڪري ٿو. انهيءَ سان گڏ مڇي ماريندڙن لاءِ ساحلي علائقن ۾ جديد رهائشي ڪالونيون تعمير ٿي رهيون آهن. آف سيزن دوران مالي مدد سان انهن جي گذرسفر کي سهارو ڏنو پيو وڃي.

سنڌ زرعي صوبو آهي. مهانگي ڀاڻ، ٻج ۽ پاڻيءَ جي کوٽ هارين کي متاثر ڪيو. 2025ع ۾ "بينظير هاري ڪارڊ" ورهائڻ وارو منصوبو پڻ هارين جي معاشي آزاديءَ ڏانهن وڏو قدم آهي. سڌي ڪيش ٽرانسفر سبسڊي ۽ زرعي اوزارن سان. رپورٽ موجب ڪڻڪ (4000 رپيا في مڻ) ۽ ڪمند (450 رپيا في مڻ) جي امدادي قيمتن سان ڳوٺائي معيشت ۾ 300 ارب رپين کان وڌيڪ سرمايو منتقل ٿيو. آبپاشي نظام ۾ بهتريءَ لاءِ نهرن جي لائننگ تيز ڪئي وئي. ٽيل وارن آبادگارن کي هن سال مڪمل حصي جو پاڻي مليو. پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ ڏانهن اهم اڳڀرائي. پاڪستان جي توانائي بحران جو حل سنڌ وٽ آهي. ٿرڪوئلي مان بجليءَ جي پيداوار مڪمل صلاحيت سان جاري رهي. جڏهن ته قابل تجديد توانائي نئون ۽ جهمپير جي ونڊ ڪوريڊورز تي نوان منصوبا لڳايا ويا. "روشن سنڌ پروگرام" تحت ڏورانهن ڳوٺن ۾ سولر پينلز فراهم ڪيا ويا ته جيئن ترقيءَ جا فائدا آخري فرد تائين پهچن. امن ڪانسواءِ ترقي ممڪن ناهي. ڪچي وارن علائقن ۾ ٽارگيٽڊ آپريشن، جديد ٽيڪنالاجي ۽ سيف سٽي پروجيڪٽ سان رياستي رٽ بحال ٿي آهي. کُليل ڪچهريون، زرعي پاڻيءَ جي چوريءَ خلاف ڪارروايون

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکي)
فيملي سوٽ نمبر 513 سال 2025

مسمات سعيده ڌيءَ علي بخش بروهي رهندڙ جام صاحب روڊ سيد ڪالوني بروهي پاڙو نوابشاه ...پلينٽف..خلاف: ثناءَ الله پٽ غلام رسول بروهي رهندڙ جام صاحب روڊ نوابشاه ضلعو شهيد بينظير آباد سيل نمبر: 0300-3225359....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2323 سال 2025

مسمات مهرين ڌيءَ محمد رمضان رهندڙ قربان ڪالوني علي آباد هٽڙي رابيدا گرڊ اسٽريٽ حيدرآباد...پلينٽف..خلاف: عقيل پٽ رفيق بالغ مسلم رهندڙ گوٺ اسماعيل لانڍي نمبر 02 نيو آباد ڪراچي ايسٽ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ، مينٽيننس، رڪوري آف ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج حيدرآباد سنڌ
فيملي سوٽ نمبر 2251 سال 2025

مسمات گلشن ڌيءَ عبدالله رهندڙ هائوس نمبر 468 يونٽ نمبر 11 لطيف آباد حيدرآباد...پلينٽف..خلاف: علي حسن پٽ انور شاهه بالغ مسلم رهندڙ هوسڙي بس اسٽاپ فرسٽ اسٽريٽ هوسڙي حيدرآباد..ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ، مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج حيدرآباد

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ فيملي جج-II قاضي احمد
فيملي سوٽ نمبر 46 سال 2025

هوش محمد پٽ علي محمد ڪوسو...اپليڪينٽ....خلاف: مسمات شائستہ حڪير زال هوش محمد ڪوسو ڌيءَ حڪير ڪوسو رهندڙ گلستان جوهر بلاڪ نمبر 11 زڪري گوٺ ڪراچي...آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪنٽ توهان جي خلاف گارڊين اپليڪيشن 7، 10، 29 گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي جج-II قاضي احمد

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-II ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر ..... سال 2025

(1) شريمتي روپي زال موتي ڌيءَ رامون (2) بي بي سنجهاڻ ڌيءَ موتي پلينٽف نمبر02 مائنر معرفت سندس ماءُ پلينٽف نمبر01 بالغ هندو ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ شاهپور رضوي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار...اپليڪينٽ..خلاف: موتي پٽ هرجي ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ چلگري اسٽاپ حيدرآباد تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جڊيشل سيپريشن ٻاءِ وي آف هندو ڪسٽم مينٽيننس اينڊ رڪوري آف ڊاور آرٽيڪلز اينڊ ڊليوري ايڪسپينسز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-II ٽنڊوالهيار

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-I هالا
(روبرو جناب عامر سهيل)
فيملي سوٽ نمبر127 سال 2025

مسمات شهزادي ڌيءَ منثار علي مسلم بالغ ذات ماڇي رهندڙ گوٺ وري، هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري...پلينٽف...خلاف: شاهنواز پٽ ملوڪ مسلم بالغ ذات ماڇي رهندڙ گوٺ وري، هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-I هالا

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-III ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر39 سال 2025

مسمات فرحانه ڌيءَ لکي محمد رهندڙ ناگوري پلاٽ ٽنڊوالهيار..پلينٽف..خلاف: محمد زبير پٽ حسين بخش رهندڙ گوٺ بلوچ فارم ميرآباد جهنڊو مري ٽنڊوالهيار..ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس، رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-III ٽنڊوالهيار

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي.اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي ٻنهور)
ايف.سوٽ نمبر.25 سال 2025

مسمات سائره ڌيءَ ممتاز علي چانڊيو زال شمن وينل لگ ينگ ڪيڊٽ اسڪول مدينه ڪالوني ڪي.اين شاهه ضلعو دادو...پلينٽف..خلاف: شمن ملاح (رٽائرڊ پوليس مين) وينل لگ ٿاڪ سيٽ روڊ شهر تعلقو ڪي.اين شاهه ضلعو دادو..ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول ڪورٽ ڪي.اين شاهه

كورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر ڪوسو)
فيملي ايگزيڪيوشن اپليڪيشن نمبر13 سال 2025

مسمات عائشه ڌيءَ جمعون زال پنهون ذات شر رهندڙ گلشن ڪالوني اسٽريٽ نمبر01 ڊسٽرڪٽ ميرپورخاص : 0341-3203150....پلينٽف..خلاف: پنهون پٽ علي شير ذات شر رهندڙ گلشن ڪالوني اسٽريٽ نمبر02 ضلعو ميرپورخاص سيل نمبر: 0306-3298674....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايليڪيشن فار ايگزيڪيوشن آف ڊڪري لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-II ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر..... سال 2025

مسمات نازيہ ڌيءَ خدا بخش زال محمد نذير بالغ مسلم ذات ڪوسو رهندڙ گوٺ دودو سهتو تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار...پلينٽف..خلاف: محمد نذير پٽ محمد رفيق مسلم بالغ ذات راجپوت رهندڙ پير ڪالوني لاڙڪاڻو ضلعو لاڙڪاڻو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-II ٽنڊوالهيار

كورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ فيملي جج ميرپورخاص
گارڊين اپليڪيشن نمبر14 سال 2025

آدم خان پٽ پير بخش رهندڙ گوٺ الهه بخش بروهي تعلقو قبو سعيد خان ضلعو قمبر شهدادڪوٽ...اپليڪينٽ...خلاف: (1) نازگل (2) خالد حسين (3) شاهد (4) محمد سليم سڀ پٽ ڏيئرون آدم خان.....ريسپانڊنٽس/ آپونينٽس (5) جنرل پبلڪ. اِن ميٽر آف مائنرز/ وارڊس: (1) پير بخش پٽ آدم خان (عمر اٽڪل 17 سال) (2) سلميٰ ڌيءَ آدم خان (عمر اٽڪل 16 سال)، (3) ذوالفقار پٽ آدم خان (عمر اٽڪل 15 سال)، (4) رشيد پٽ آدم خان (عمر اٽڪل 12 سال).

نالي مٿين ريسپانڊنٽس/ آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي شيئر زرعي زمين سروي نمبر 23،24،176 ايراضي 18.04 ايڪڙ سروي نمبر 20،26،27 ايراضي 23-13 سروي نمبر 25 ايراضي 4.27 ايڪڙ ديهه 95 نيو ڪنڊڙي تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص بابت گارڊين جي مقرري تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ فيملي جج ميرپورخاص

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات منظوران زال شمن علي ڌيءَ محمد رفيق رهندڙ گوٺ صالح دل يو سي وانڪي وسطي بي او مسو پرگڙي تعلقو ضلعو حيدرآباد ...پلينٽف..خلاف: شمن علي ولد محرم علي رهندڙ گوٺ صالح دل يو سي وانڪي وسطي بي او مسو پرگڙي تعلقو ضلعو حيدرآباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ، مينٽيننس، رڪوري آف ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر341 سال 2025

مسمات امبرين...پلينٽف...خلاف: غلام مجتبيٰ ولد محمد بخش بوڪ رهندڙ گوٺ ڪرم بوڪ پولا ڪلهوڙو خيرپور تعلقو قمبر علي خان ضلعو شهدادڪوٽ 03499810387 ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جامشورو

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف.سي سوٽ نمبر188 سال 2025

نثار ولد عبدالستار ۽ ٻيا معرفت اٽارني عبدالستار ولد ولي محمد ذات ٻوزدار رهندڙ گوٺ خان محمد ٻوزدار تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار...پلينٽف...خلاف: (5) محمد شريف ولد لشڪر علي (7) علي نواز ولد لشڪرعلي (10) منظور علي ولد لشڪر علي معرفت قانوني وارث (I) محفوظ علي (II) صديق (III) عثمان علي (IV) علي سپ پٽ منظور علي (11) نور علي ولد محب علي (12) واصف ولد عيسيٰ (13) غلام عباس ولد محمد امين (14) عبدالستار ولد مختيار (15) عبدالحميد ولد احمد خان (16) محمد يعقوب ولد محمد عرس (17) صديق ولد عثمان (18) فاروق ولد محمد صالح (19) محمد وسير ولد محمد اسماعيل (20) علي گوهر ولدلياقت علي (21) يوسف ولد احمد (22) نذير ولد احمد (23) مسمات ماريه ڌيءَ لکيڏنو مسلم بالغ رهندڙ گوٺ خان محمد بوزدار تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن، پزشن،مينڊيٽري اينڊ پرمننٽ انجڪشن، لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات رشيده بيواهه منثار علي ڪوڪر وينل گوٺ عرضي هڪڙا اڏيرو لعل تعلقو ۽ ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي منثار علي ولد ڏلي بخش ڪوڪر جيڪو ايجوڪيشن کاتي ۾ حاضر سروس اسسٽنٽ هو ۽ سني فقہ جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 25-10-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي: (1) مسمات رشيده ڪوڪر (بيواهه) (2) منير حسين ڪوڪر (پٽ). جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي: محمد وسير ولد جمعو عرف محمد جمن ڪوڪر ۽ محمد حنيف ولد محمد شريف ڪوڪر جن ٻن اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهنڪري هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ميان امجد سعيد ولد سعيد احمد ذات آرائين درخواست ڏني آهي ته سندس پيءَ نالي سعيد احمد ولد فتح محمد تاريخ 15-08-2015 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر سٽي سروي وارڊ نمبرA تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر/ سروي نمبر 490 C.S مان حصي موجب ايراضي 5869-0 Sqft چورس فوٽ ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کانو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهيءَ سلسلي ۾ جلسي عام گوٺ شهرڪوٽ غلام محمد ديهه نمبر وارڊA- ۾ ڪري اي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيلين فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن: (1) محمد عارف (پٽ) (2) غلام نبي (پٽ) (3) ميان امجد سعيد (پٽ) (4) مسمات ناديہ شڪيل (ڌيءَ)، (5) مسمات لبنا سعيد (ڌيءَ)، (6) مسمات مريم بيگم (زال)، (7) قمر سعيد (پٽ) (8) طاهر سعيد (پٽ) (9) مسمات شازيہ سعيد (ڌيءَ). هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري. ٻي صورت مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرگڙي

بقايا 1 نينگري فوت

رڪي احتجاج ڪيو ويو ان موقعي سلسلي ۾ نينگري جي وارثن ٻڌايو ته معصوم نينگري ريما جي طبيعت خراب ٿي پئي ڪيس تيز بخار ٿيو جنهن بعد اسين عطائي ڊاڪٽر ڏٽي بخش لاشاري ڏانهن نينگري کي کڻي وياسين ته ڊاڪٽر نينگري کي انجيڪشن لڳائي جنهن ڪان پوءِ اسان جي نينگري فوت ٿي وئي آهي هنن چيو ته ڊاڪٽر جي غفلت سبب اسان جي نينگري جو موت ٿيو آهي، واقعي جو ڊاڪٽر ذميوار آهي. هنن صحت کاتي جي اعليٰ عملدارن سميت ايس ايس پي جيڪب آباد کان گهر ڪندي چيو آهي ته نينگري جي فوت ٿيڻ جو نوٽيس وٺي عطائي ڊاڪٽر خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 2 فوت

حاجي نبي خان ميتلو جي رهواسي بن پٽن هڪ نياڻي جو پيءُ 35 سالا نوجوان محمد عامر ولد نورالدين ميتلو فجر جي وقت پنهنجي گهر جي اڱڻ گجرون ڌورڻ لاءِ پاڻي جو موٽر ڪوليو ته تار مان ڪرنٽ لڳڻ اهڙي خبر تي محمد عامر جو ننڍو ڀاءُ نثار احمد ميتلو مسخ وڏي ۾ ڊاڪٽرن کي چيڪ اپ ڪرائڻ ڪانيو ميرپورخاص سول اسپتال کٽي ويو جتي ڊاڪٽرن چيڪ اپ ڪرڻ کان پوءِ محمد عامر ميتلو جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي اهڙو اطلاع فوتي جي گهر پهتي تي عزيزن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو جڏهن ته ڳوٺ سميت پرپاسي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو مرحوم کي جنازي نماز ۾ ميتلو برادري سميت سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن بعد ڪيس سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا 3 مارڻ جي دعويٰ

مارجي ويو آهي سندس ساٿي ارنڌاهي جو فائدو وٺندي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن جنهن بعد پوليس پاران مارجي ويل ڌوهاري جي لاش کي ڪٽائي تعلقه اسپتال اوباوڙو منتقل ڪري ڇڏيو آهي جتي مارجي ويل ڌوهاري جي سڃاڻپ رانوتي واسي مرتضي عرف مٺو شر طور ٿي ڪئي وئي آهي جنهن جو لاش اسپتال جي مرده خاني ۾ پيل آهي

بقايا 4 پروگرام ۾ شرڪت

ترقي ۾ خوشحالي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ان موقعي ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ پرنسيپل ڊيشان علي آيل مهمانن کي پليڪار ڪيو ڪاليج جي سرگرمين بابت تفصيلي روشني وڌي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سائره جاويد، ايس ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ به موجود هئا

بقايا 5 حيدرآباد دورو

ڪورٽ بار ايسوسيئيشن طرفان منعقد ڪيل تقريب ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 6 فيسٽيول منعقد

صحافين عورتن ۽ نوجوانن سميت سرڪاري اسڪولن جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 7 ريوٽ طلب

ٿاڻي تي ڦر ڪرڻ جي ايف آءِ آر گناهه نمبر 24/2025 قلم 324، 397، 337، F(i) 147، 337 A(i)، 149، 148 پي پي سي تحت داخل آهي.

بقايا 8 اسپتال منتقل

ڪلب پهچي ويون هنن الزام هنيو ته 17 سالن جي ناري امير پنهور کي 10 کان مٿي هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي گهر ۾ داخل ٿي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڏانهن ۽ مزاحمت ڪرڻ تي مسمات دادلي پنهون قابل، امير پنهور سخت زخمي ٿي پيون آهن جوابدار مريد الطاف، عزيز عارف پنهور ۽ ٻين گهر ۾ داخل ٿي اسان جي نياڻي امير کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، واقعي جي اي سيڪشن ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي وئي عورتن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا 9 راشد محمود

هن ڪنٽرو محمد خان پرسان سعيد خان لند ۾ پيغام جمعيت ڪانفرنس کي خطاب ۽ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو

بقايا 10 زندگي وڃائي ويٺو

۾ سخت خوف ۽ مايوسي پکڙجي وئي جڏهن ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڪافي وقت تائين فائرنگ جو سلسلو جاري رهيو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي علائقي کي گهيري ۾ آڻي وڌيڪ نفري طلب ڪري صورتحال تي ڪنٽرول ڪري ورتو پوليس انتظاميه لاش اسپتال منتقل ڪري ضروري ڪارروائيءَ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

بقايا 11 سگريٽ هٽ

ڪسٽم پيڊ لکين روپين جي ماليت جا سگريٽ برآمد ڪيا ويا برآمد ٿيل سگريٽ ڪسٽم اختيارين حوالي ڪيا ويا. ذريعن موجب ان دوران ڪجهه بااثر ماڻهن طرفان سفارش ذريعي سگريٽن جي واپسي لاءِ ڪوششون ڪيون ويون ۽ آفيسرن ڪنهن به قسم جي دٻاءُ کي قبول نہ ڪندي سندن ڪوششون ناڪام بڻائي ڇڏيون.اينٽي نارڪوٽڪس آفيسر جاويد ميمن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر برڙو ميڊيا کي ٻڌايو ته هي ڪارروائيون چيف سيڪريٽري جي واضح حڪمن تحت ڪيون پيون وڃن ۽ هن مهم ۾ ڪنهن به قسم جي سودي‌بازي يا سفارش قبول نہ ڪئي ويندي.انتظاميه جو چوڻ هو ته نان ڪسٽم پيڊ شين خلاف ڪارروائيون مستقبل ۾ به جاري رهنديون. ان موقعي تي سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ ، نثار لغاري، اعجاز ٻگهيو ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 12 سامان سڙي رک

ورڪڙي وئي جنهن سبب دڪان ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو جڏهن ته مالڪ جو چوڻ آهي ته بجلي جي شارٽ سرڪٽ سان باهه لڳي آهي جنهن سبب لکين رپين جو سامان سڙي ويو آهي مان غريب مسڪين پوريت آهيان وڏو نقصان ٿيو آهي سرندي وارن کي اپيل آهي ته سالي مدد ڪئي وڃي

بقايا 13 ليبارٽريون قائم

وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال هارين جي مدد، جديد تحقيق جي واڌاري ۽ سائنسي نتيجن کي عملي سطح تي منتقل ڪرڻ تي زور ڏنو آهي سنڌ زرعي يونيورسٽي مختلف ترقياتي منصوبن تحت جديد تحقيقي مرڪز ۽ ليبارٽريون قائم ڪري رهي آهي

بقايا 14 ٽي پي اڳواڻ بري

ڪماٽن سان استقبال ڪرڻ واري ڪيس ۾ اڄ سيڪنڊ سول ڪورٽ ٺٽو جي عدالت ايس ٽي پي ضلعي ٺٽي جي صدر سيد جلال شاهه ايس ٽي پي اڳواڻ ڪامريڊ حڪيم بروهي شاگرد اڳواڻ ڪامريڊ حيدر شورو ۽ جاويد جانوري کي ڏوهه ثابت نہ ٿيڻ تي باعزت بري ڪري ڇڏيو ڪيس جي پيروي وڪيلن جي پينل ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيشن ٺٽو جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ صدام حسين عباسي ايڊووڪيٽ ايڊووڪيٽ هوش محمد عباسي ايڊووڪيٽ نور احمد سومرو ايڊووڪيٽ صنم سوهو ڪئي

بقايا 15 سزا ٻڌائي ڇڏي

جي سزا ڪاٽيندا. واضع رهي ته 2023ع ۾ ڄاڻايل جوابدارن مولاداد ٿاڻي جي حد قادرپور لاڙي وٽ پوليس هيڊ ڪانسٽيبل جمشير چاچڙ کي گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو ۽ پوليس اهلڪار نور محمد چاچڙ کي زخمي ڪيو هو جنهن بعد ڄاڻايل جوابدارن مٿان حد جي مولاداد ٿاڻي تي سرڪاري فرياد تي اهڙو ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو ويو هو

بقايا 16 افتتاح اڄ ٿيندو

شاهد اويس توحيد، وسعت الله خان سميت پوري پاڪستان مان دانشور نوجوان شيخ اياز جا عاشق شرڪت ڪندا. ميلي ۾ 26 کان وڌيڪ مختلف موضوعن تي ويهڪ ٿينديون ڪتابن جي مهورت سان بن بين السائي مشاعرو پڻ ٿيندو

بقايا 17 ڪانووڪيشن

سان گڏ پوري دنيا ۾ پنهنجي ڪاميابي کي اجاگر ڪيو آهي جنهن ۾ ڊاڪٽري جي شعبي اندر قابليت سان ڊگريون حاصل ڪندڙ ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽريائيون دنيا جي اندر مڃتا حاصل ڪئي آهي

بقايا 18 افتتاح

چيلا رام ڪيولاڻي (ڊائريڪٽر گلوبل پيلس)، محمد اسلم صديقي محمد حسن، علي حسن، رمنا ني هري سمرن آڪاش کمار رتن ڪمار ۽ گلوبل پيلس جي ٽيم شرڪت ڪئي

بقايا 19 احتجاجي ڌرڻو

پوليس جي خلاف سخت نعري بازي ڪري

رهيا هئا ڌرڻي سبب قومي شاهراهه جي ٻنهي طرفن کان وڏيون قطارون لڳي ويون

بقايا 20 احتجاجي ريلي

ممتاز علي لغاري، رابطا سيڪريٽري پرويز گل سنڌي، اڳوڻو ضلعي صدر سينئر اڳواڻ محمد جمن سنڌي، تعلقي جاتي جي اڳواڻن علي احمد ملاح، حضيفا رونجهو عرس گهنو سليم ٿهيم تعلقي ميرپور بٺورو جي صدر عبدالرشيد سولنگي تعلقي سجاول جي جنرل سيڪريٽري دادا خان سنڌي، محمد جمن هٽيان ارشاد سانگي، فيض محمد جهنڊيل جيئي لطيف پبلڪ اسڪول بارڙ آباد جاتي سنڌ پبلڪ ايليمينٽري اسڪول جاتي جا استاد شاگردن جاتي جي شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 21 اياز پليجو

جي حڪمراني ناهي سنڌ ۾ ڊاڪيلن ۽ جرڳائي مافيائن جو راڄ آهي پوليس ۽ انتظاميه ڏاڍي ۽ سياسي مفادن لاءِ استعمال ڪئي وڃي ٿي اياز لطيف پليجي چيو ته سڄي دنيا مان غير قانوني ماڻهو نڪري سنڌ پهچن ٿا ته پ پ ووٽ جي لالچ ۾ انهن کي شناختي ڪارڊ ۽ تحفظ ڏئي ٿي سڄي دنيا ۾ غير قانوني پرڏيهين کي برداشت نہ ڪيو ويندو آهي پر پاڪستان ۾ سنڌ عالمي يتيم خانو بڻايو ويو آهي افغاني، بنگالي، بهاري، برمي ۽ ٻيا غير قانوني پرڏيهي روزگار ۽ وسيلن تي قابض آهن انهن شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڇڏيا آهن انهن کي ٽڙي واپس پنهنجن ملڪن ڏانهن موڪليو بدران ڪريشن تحت تحفظ ڏنو وڃي ٿو اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي زراعت کي هٽ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي جيڪو فصل پوکيو وڃي ٿو ان جا اگهه ڪيرايا وڃن ٿا. ڪارخانيدارن جون شيون مهانگيون ڪيون وڃن ٿيون ۽ آبادگارن جا فصل ڪکي برابر ڪيا وڃن ٿا اها معاشي ناانصافي آهي هوڏانهن بئي پاسي قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي وفد قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ مظهر راهوجو مرڪزي ترجمان اشرف پليجو ، شوڪت تنيو،پنهل سولنگي، ايڊووڪيٽ مير ڪوسو جي اڳوائي ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پاران 20،21 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ قومي مشاورتي ڪانفرنس شريڪ ٿيڻ لاءِ اسلام آباد روانو-

بقايا 22 ٻروڙ جا مقابلا

چيو ته ڦر فائونڊيشن هميشه ڦر جي روايتي راندين ثقافت ۽ مقامي سجاڳ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪم ڪندي رهي آهي اهڙيون سرگرميون نوجوان نسل کي مثبت رخ ڏانهن آڻڻ سان گڏ علائقي جو اڳڀ ۽ شاهوڪار سجاڳ کي اجاگر ڪن ٿيون مينيجر ڦر فائونڊيشن امام علي ڏيغي چيو ته اهڙن ثقافتي راندين جي پروگرامن سان نہ صرف ڦر جي اصل سجاڳ ۽ سياحت کي هٿي ملي ٿي پر مقامي ماڻهن کي به تفريح ۽ همٿ افزائي جو موقعو فراهم ٿئي ٿو مقابلن جي پڇاڙي تي ڪامياب سوارن ۽ گهوڙن جي مالڪن ۾ انعام ورهايا ويا، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ڦر فائونڊيشن جي هن قدم کي ساراهيندي چيو ته اهڙا پروگرام مستقبل ۾ به منعقد ڪيا وڃن

بقايا 23 احتجاجي مظاهرو

۾ ڪلي پوليس خلاف هاءِ ڪورٽ سکر باهران احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن ڏانهيندي ٻڌايو ته ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس هڪ هفتي کان روزانو ڳوٺ تي بناجواز چڙهائي ڪري گهرن ۾ اوطاقن کي باهيون ڏئي ساڙي جهڳا ڊاهي شديد نقصان پهچايو آهي ان دوران مزاحمت ڪرڻ تي پوليس ڪائونسلر صفر علي لاشاري، پيرسن پائي خان ساجد، سليمان ساجن ۽ مظهر علي لاشاري کي بيگناهه ڪنبي ڪئي وڃي ناجائز ڪندي مٿن ايف آءِ آر داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي جڏهن ته پوليس ناحق غريب مسڪين تاجو لاشاري، شير علي، محمد حسن جان محمد لاشاري پائي خان جا گهر ۽ ڪائونسلر صفر علي لاشاري جي اوطاق هيوي مشينري سان ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهي ڊي ايس پي ستار ڦل ۽ ايئرپورٽ ٿاڻي جي ايس ايچ او جي اڳوائي ۾ ڳوٺ تي ڪيل چڙهاين دوران عورتن ۽

ٻارڻ کي تشدد جو نشانو بڻائي مارڪيٽ پڻ ڪٽي وڃي ٿي اسان کي پوليس جي ڏاڍ ۽ آزار خلاف ايس ايس پي آفيس سکر ٻاهران احتجاج ڪرڻ نہ ڏنو ويو ايس ايس پي سکر جي آفيس وٽ بيٺل اهلڪارن کي پاڪ ڪتاب جا واسطا ڏنا پر اهلڪارن کي اسان تي ڪو رحم نہ ڪيو اهلڪارن اسان کي ڌڪا ڏئي تذليل جو نشانو بڻائي واپس موٽڻ وڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هنن ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ سکر جي پوش علائقي آباد ٿاڻي جي حد ۾ ڦر دوران نوجوان صدام لاشاري کي فورن گوليون هڻي قتل ڪيس جنهن جي قتل کي جواز بڻائي پوليس اسان جي گهرن تي چڙهائيون ڪري ڳوٺاڻن جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي هنن چيف جسٽس آف سنڌ، انساني حقن جي تنظيمن آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پوليس جي ظلم ۽ زيادتين جو نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 24 ليڪچر پروگرام

ليڪچرڪار ۽ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجيءَ جي بايو ميڊيڪل شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر احسان احمد عرساڻيءَ ليڪچر ڏيندي چيو ته "ڪمپيوٽر ٻولين کي سمجهي ٿو اسان جنهن ٻولي ۾ لکون ٿا، ڪمپيوٽر انهي ٻوليءَ ۾ جواب ڏئي ٿو ڪمپيوٽر ٻين ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ به ڪم ڪري ٿو پر سنڌيءَ کي اها سهولت نہ آهي. جيڪا انگريزي ٻوليءَ کي آهي

بقايا 25 نينگرين فوت

وئي هڪ ئي خاندان جا ڇهه معصوم ٻار ارڙي جي وبا ۾ مبتلا ٿي ويا، جنهن ۾ ٻه نينگريون هڪ ورهين جي پاڳوتيءَ ڌيءَ آسن ڪولهي، جڏهن ته چار ورهين گڏي ڌيءَ ڏيارام ڪولهي ارڙي وڳهي اڄ فوت ٿي ويون آهن جڏهن ته وڌيڪ چار ٻارڙا راجا پٽ ڏيارام هريان ڌيءَ ڏيارام سنڌيا ڌيءَ ڏيارام اجني ڌيءَ چندر ڪولهي ارڙي جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جن جي حالت به ڳڻتي جوڳي آهي، فوت ٿي ويل ٻارڙين ۽ ارڙي ۾ مبتلا ٿي ويل ٻارڙن جي ڏاڏي ٻالو ڪولهي ميڊيا ذريعي صحت کاتي ٻدين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته صحت کاتو معصوم ٻارڙين جي ارڙي وڳهي فوت ٿي ويل واقعي جو تڪڙ نوٽس وٺي ڪيمون سوڪلي وڌيڪ ارڙي جي بيماري ۾ مبتلا ٿيل معصوم ٻارڙن جون قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ کان بچائي

بقايا 26 نينگر فوت

وارثن جو چوڻ آهي ته هن وقت تائين ضلعي انتظاميه توڙي پوليس اصل حقيقتون سامهون نہ آڻي سگهي آهي ته ڌماڪو گئس سلينڊر جو ٿيو آهي يا ڪنهن ٻي شي جو آهي جنهن لاءِ سڀئي حقيقتون سامهون اچڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هنن چيو ته ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي جي اسپتالن ۾ اسان جي زخمين کي بهتر طبي سهولتون فراهم ناهن ڪيون ويون جنهن ڪري اسان روزانو پنهنجي پيارن جا لاش کڻي رهيا آهيون پر انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي هنن وس وارن کي اپيل ڪئي واقعي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائي زخمين کي بهتر کان بهتر طبي سهولتون فراهم ڪري سندن حياتيون بچايون وڃن ٻئي طرف واقعي جي زخمين 15 زخمين جو لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي جي اسپتال ۾ علاج هلندڙ آهي جن مان 2 زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي

بقايا 27 شرڪت

ماحول سوڳوار بڻجي ويو ۽ هر اک آلي نظر آئي جڏهن نماز جنازا ۾ پير آف راڻيپور سيد آصف علي شاهه جيلاني ٽائون ڪاميٽي هنگورجا جي چيئرمين سيد عباس علي شاهه لڪياري اڳوڻو ڊي اي او تعليم خيرپور عبدالسميع پنهور ايڊووڪيٽ شاهنواز سهتو پ يوسي رسول آباد جو اڳواڻ وڏيرو عباس راڄپر سيد امير علي شاهه ٽائون ڪاميٽي پريا روڊ وائيس چيئرمين سيد رستم علي شاهه ضلع ڪائونسل ميمبر پريا روڊ. سياسي سماجي صحافين

۽ ٻين اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آهي

بقايا 28 چيباڻي جو فوت

سائيڪل سوار ٻن ڄڻن مٿان فائرنگ ڪري چيکي چيباڻي فوت ٿي ويا فوت ٿيلن جي سڃاڻپ سيد معظم ۽ عبدالله خان طور ڪئي وئي اطلاع تي نوجوانن جي گهرن ۾ ڪهرام ريسڪيو 1122 ايمبولينس ذريعي ٻنهي فوتين جا لاش سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيا ويا ٽرڪ ڊرائيور ٽرڪ ڇڏي فرار

بقايا 29 ٻارڙو بازياب

بازياب ڪرايو ويو آهي ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر جو چوڻ آهي ته ٽيال ڳوٺ مان جوابدار آصف آرائين کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن کي سي پي ايل سي ڪراچي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي ٻار جي آزاديءَ لاءِ وارثن کان 2 ڪروڙ رپين جو ڀنگ طلب ڪيو ويو هيو صبح سوير پوليس لوڪيٽر جي مدد سان ڪارروائي ڪئي آهي جنهن دوران ٻارڙو بازياب ٿيو آهي ان وڌيڪ چيو ته اغوا ڪار کي پناهه ڏيندڙن خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 30 پرپوز تقريب

رجي ويو

بقايا 31 مٽي ماءُ حوالي

لواري شريف جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. مرحوم جي جنازي نماز ۽ تدفين ۾ علائقي جي مختلف برادرين جي معزز شخصيتن دوستن مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نوجوان فيض الله جوڻيجو جي اوچتي وڇوڙي سان سندس خاندان سميت سموري علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل رهي تدفين کان پوءِ مرحوم جي والد رحيم بخش جوڻيجو واپڊا بدين لائن سپرينڊنٽ ۽ سندس پٽڙن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي تعزيت ڪندڙن ۾ جيسڪو بدين جي ايڪسين وسيم احمد ڪوري، SDO تلهار جهانزيب پرهياڙ SDO گولاڙچي رياض احمد آرباب، چيئرمين غوثا خان پنهاڻ نشات تنظيم جماعت لواري شريف جي مرڪزي صدر فتح الله جوڻيجو سميت تلهار بدين ۽ پسگردائيءَ جي علائقن مان سياسي سماجي شخصيتون وڏي انگ ۾. تعزيت ڪندڙن مرحوم جي مغفرت ۽ سندس خاندان کي صبر جميل عطا ڪرڻ لاءِ دعا ڪئي.

بقايا 32 آپريشن جاري

صلاح الدين ۽ رينجرز جو گڏيل طور ٽئين ڏينهن به آپريشن جاري آهي پوليس آپريشن دوران پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران خطرناڪ ڌوهاري لولائي گينگ جو ڌوهاري گل حسن لولائي کي مارڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي آپريشن سنڌ پنجاب جي علائقي سونمياڻي جي راضي ڪچي واري علائقي هلندڙ آهي جنهن ۾ ڪجهه ڌوهاري زخمي به ٻڌايا پيا وڃن پوليس مارجي ويل ڌوهاري جو لاش ساڻي ڪٽائي ويا پوليس جو آپريشن رينجرز سنڌ پوليس ڊي آءِ جي فيصل عبدالله چاچڙ ۽ ڊي پي او رحيميار خان عرفان سمون جي اڳواڻي ۾ اي پي سي چين بڪتر بند گاڏيون 200 کان وڌيڪ پوليس اهلڪار آپريشن ۾ حصو ورتو آهي جڏهن ته مارجي ويل ڌوهاري مسافر بس اغوا ۾ ملوث هيا ۽ آپريشن ڌوهارين جي خاتمي تائين جاري رهندو

بقايا 33 ٽيپ جي سزا

ٻڌائي آهي عدالت پاران جوابدارن ڪفايت الله ولد عبيدالله ڪوهنارو عبدالسلام ولد محمد صادق ڪوهنارو ۽ سعيد احمد ولد زاهد حسين ميراڻي کي مقتول وقاص احمد ولد آزاد خان ڪوراڻي جي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 302 (b) تحت عمر قيد بطور تعزير جي سزا ٻڌائي عدالت ٽنهي جوابدارن کي مقتول جي وارثن کي في جوابدار پنج لک رپيا (مجموعي طور پندرهن لک رپيا) بطور معاوضو ادا ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏنو آهي. جيڪو فوجداري ضابطا اخلاق جي دفعه 544-A تحت لاڳو ڪيو ويو آهي عدم ادائيگي جي صورت ۾ رقم زمين جي ڏل وانگر وصول ڪئي ويندي عدالت جوابدارن کي دفعه 382-B سي آر پي سي تحت

رعايت پڻ ڏني آهي جنهن تحت ڪين ٽرائل دوران قيد ۾ گذاريل عرصي جو فائدو ملندو فيصلي کانپوءِ عدالت سزا وارو وارنٽ جاري ڪندي ٽنهي سزايافته جوابدارن کي سينٽرل جيل ۽ ڪرڪشنل فيسليٽي سکر منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي

بقايا 34 ٻيهر هٿڪڙيون

۾ نواب شاهه منتقل ڪيو ويو آهي هوڏانهن پوليس ڪيس شراب پيارڻ جي الزام هيٺ گرفتاري بعد هٿڪڙين سميت فرار ٿيندڙ شيرو چانڊيو کي هڪ دفعو ٻيهر بااثر ڌرين جي معرفت حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي واضع رهي ته ٻه ڏينهن ساڳين ٽينگر شراب ۽ گوريون واپرايون هنيو جنهن جو الزام وارڻ شيرو چانڊيو تي هنيو هو جنهن کي پوليس گرفتار ڪيو هو ۽ بعد ۾ فرار جنهن جي الزام هيٺ 3 پوليس اهلڪار ڪوارٽر گهاٽ ٿيا هئا

بقايا 35 هڪ نينگر زخمي

ڪاغذي ڪارروائي بعد وارثن جي حوالي ڪيو ويو لاش ڳوٺ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 36 ملهائڻ جو اعلان

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئنور ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ راول ڪرناٽي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه کي سنڌي قوم جي تاريخي گهرجن مطابق يادگار ڪري ملهايو ويندوان موقعي تي سن ۾ سياسي جلسو ڪيو ويندو اجلاس ۾ سياسي صورتحال جو جائزو وٺندي چيو ويو آهي ته 73 جي آئين کي قومن جو قاتل آئين سمجهون ٿا انهن هوندي به ان ئي آئين ۾ ڪابه اهڙي ترميم ۽ تبديلي قبول ناهي جنهن سبب سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ۽ پيداواري وسيلن تي اثر پوندو هجي سنڌ اسيمبلي ۾ بهارين بابت جيڪا ڪرارداد پاس ڪئي وئي آهي ان مان محسوس ٿئي ٿو ڌارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ لاءِ ماحول ڦاهيو پيو وڃي جنهن عمل جي سخت مذمت ڪريون ٿا سنڌ اسيمبلي جو اهڙو ڪردار سنڌي قوم ۽ ان جي دائمي قومي مفادن سان ڌوڪو آهي سنڌ جا مالي ۽ معدني وسيلا تيل گيس ڪوئلو ۽ سمنڊ پاڪستان جا حڪمران اينيمي پراپرٽي (دشمن جي ملڪيت) سمجهي انهن تي قبضو ڪري رهيا آهن سنڌ جا وسيلا سنڌين کان کسيا پيا وڃن حڪمران پاران سنڌي قوم مٿان هٿراڌو طور مڙهيل بک، بيماريون، ڌاڙيل راڄ، منشيات گردي ۽ لاقانونيت ۽ ناانصافيءَ تي ٻيٺل خوفناڪ نظام قبول ناهي

بقايا 37 احتجاج

سڪندر علي راهمون شفيع محمد راهمون ۽ ٻين پاران نيشنل پريس ڪلب ڪڙيوگهنور اڳيان سندس بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مبينا گم ٿي ويل ذوالفقار راهمون جي ڀاءُ سڪندر راهمون امڙ مسمات نوران راهمون ۽ نياڻي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته ٻه ڏينهن اڳ ذوالفقار راهمون 30 هزار رپيا کڻي گولاڙچي مان فروٽ گاڏي تي وڪڻڻ لاءِ وٺڻ جو چئي نڪتو جنهن بعد گڏيل اڄ سميت ڏينهن کان لاپتا آهي مائٽن دوستن سميت هر جاءِ تي ڳولها ڪئي آهي پر سندس ڪوبه ڏس پتو پئجي نہ سگهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ذوالفقار راهمون ڪڙيوگهنور شهر ۾ فروٽ جو گاڏو هلائي پنهنجي ٻن معذور ۽ ٻن اسڪول ويندڙ نياڻين سان گڏ گهر جو گذر سفر ڪري ٿو جنهن وين ۾ ذوالفقار راهمون گولاڙچي وڃي رهيو هو ان وين جي ڪنڊيڪٽر چيو ته جتن واري سمر اسٽاپ تان ڪيس گولاڙچي پوليس لاٿو هو جنهن بعد ذوالفقار راهمون جو ڪوبه ڏس پتو نہ ملي هنن ايس ايس پي بدين آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وسوارن ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته اسان جي پوريت پٽ کي بازياب ڪرائڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي وڃي

بقايا 38 انصاف جي گهر

موقعي تي نصرپور واسي ابراهيم جمالي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته هڪ سال اڳ سون زبير شاهه نالي زميندار کان 2 لک

---

30 هزار رپيا في ايڪڙ جي حساب سان 4 ايڪڙ ڪيلو مقاطعي تي ورتو هو ڪيلي جي فصل کي مسلسل محنت سان ۽ لکين رپيا خرچ ڪري تيار ڪيو ڪيلو تيار ٿيڻ بعد زميندار زبردستي سون کان ڪيلو ڦري ورتو آهي ۽ ٻي ٺيڪيدار دليل چانڊيو کي ڏئي ڇڏيو آهي سون پنهنجي سموري جمع پونجي ڪيلي جي فصل کي تيار ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏي ۽ هر سال ڪيلي جي قسط وقت سر ادا پڻ ڪندو آيس پر جڏهن فصل مڪمل طور تيار ٿي ويو ته زميندار لالچ ۾ اچي سون کان زمين ڦري ٻي ٺيڪيدار کي ڏئي ڇڏي آهي هن وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي زمين واپس ڏياري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 39 قتل ڪري ڇڏيو

ڪنگررو شاخ اسٽاپ ويجهو ڳوٺ چوڙي انور آرائين ۾ پيش آيو جتي انور سولنگي پنهنجي سالي 40 ورهين جي محبوب علي سولنگي ولد محمد شريف سولنگي کي ڪهاڙي جا وار ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملندي ئي ڊگهڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش تعلقہ اسپتال ڊگهڙي منتقل ڪيس جڏهن ته ڊگهڙي پوليس واقعي ۾ ملوث جوابدار کي آلهِ قتل سميت حراست ۾ وٺي ڇڏيوپوليس ذريعن موجب ٻنهي جي وچ ۾ گهريلو تڪرار هلندڙ هو ۽ جوابدار انور سولنگي جي زال ناراض ٿي پنهنجي والدين جي گهر هلي وئي هئي اڄ جڏهن هو زال کي وٺڻ لاءِ ٻهنوئي ته سندس پنهنجي سالي محبوب سولنگي سان تلخ ڪلامي ٿي جنهن تي پينوئي ڪهاڙي جا وار ڪري 40 ورهين جي سالي کي قتل ڪري ڇڏيوپوليس فوري ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ۽ آلهِ قتل به برآمد ڪري ورتو مقتول جو لاش تعلقہ اسپتال ڊگهڙي پهچايو ويو جتي قانوني ڪارروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 40 بڪ هوٽل جاري

ڪارونجهر جبل جي ڪري ئي ننگرپارڪر سرسبز آهي ننگرپارڪر واسي ڪارونجهر مان نڪرندڙ ندين تي ٺهيل ڊيمن ۾ گڏ ٿيل برساتي پاڻي تي پنهنجي ٻنين ۾ هزارين ايڪڙن تي بصل مرچ، ڪڪڙ توريو اسينگ کيهه ۽ ٻيا فصل پوکي پنهنجي روزي ڪمائي رهيا آهن هنن چيو ته اگر ڪارونجهر جي ڪٽائي ڪئي وئي ته پوءِ ننگرپارڪر واسين آباديون ڪٽڻ ڪندا ۽ پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان هوندا هنن چيو ته سنڌ گورنمينٽ توڙي وفاقي گورنمينٽ کي گهرجي ته ڪارونجهر سان زراعت جي شعبي کي هٿي وٺرائي ڪارونجهر ۾ سياحتي مرڪز قائم ڪري ڪارونجهر کي آمدني جو ذريعو بڻائي ڪارونجهر کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 41 پير سورج شاهه

ناليواري شخصيت پير سيد سورج دستگير شاهه جيلاني چيو ته عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. هن وڌيڪ چيو ته مهانگائي، بيروزگاري، صحت، تعليم ۽ امن امان جهڙا مسئلا عوام کي سخت متاثر ڪري رهيا آهن جن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو ته صحافي ۽ سماجي اڳواڻ سماج جو ضمير آهن جيڪي حق ۽ سچ جو آواز بڻجي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي به عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪن ٿا. آهي جس لهڻا - جڏهن ته ملاقات ۾ شريڪ ناليواري صحافين ۽ سماجي اڳواڻ راهب گاهو - سعيد گاهو چيو ته درگاهه غوثيا شريف راڻيپور پير سيد سورج دستگير جيلاني جن جي قيادت ۽ رهنمائي ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکيو ويو آهي هنن اميد ظاهر ڪئي ته اهڙين گڏجاڻين سماجي سڌارن ۽ عوامي ڀلائي لاءِ اثرائتي ثابت ٿينديون. آخر ۾ ملڪ پاڪستان ۽ عوام جي سلامتي امن پائيداري ۽ عوام جي خوشحالي لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي، بئي پاسي ان موقع تي روزاني عبرت گروپ جي سربراهه ۽ اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد عابد سان درگاهه راڻي پور جي گادينشين سيد سورج دستگير شاهه جيلاني فون تي ڳالهه ٻولهه ڪندي ملڪ جي صورتحال تي به پنهنجي خيالن جو پڻ اظهار ڪيو

اطلاع عام

پاران منقولهمعاذ الرحمن /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم فرزانه انوار شناختي ڪارڊ نمبر 4230106508890 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. معاذ الرحمن (پٽ) 2. عماد الدين (پٽ) 3. سعد الدين (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهشميم بيگم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شاهين اختر شناختي ڪارڊ نمبر 4220102436262 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سيد ظفر رضا (ڀاءُ) 2. شاهده بيگم (ڀيڻ) 3. شميم بيگم (ڀيڻ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهشفقت اقبال /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم متهيلا خان شناختي ڪارڊ نمبر 3840432797857 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سدره اقبال (ڌيءَ) 2. ثمرينہ اقبال (ڌيءَ) 3. عصمت اقبال (پٽ) 4. ثمينہ ياسمين (ڌيءَ) 5. شفقت اقبال (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA SHAHEEN COMPLEX SARGODHA-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهسميرا /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبداللطيف شناختي ڪارڊ نمبر 4200004367949 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. صفيہ شيزاد (ڌيءَ) 2. سميرا (ڌيءَ) 3. صدف عمير (ڌيءَ) 4. افسر بيگم (زوج) 5. محمدآصف (پٽ) 6. محمد عامر (پٽ) 7. منيره بيگم (ڌيءَ) 8. اقبال لطيف (پٽ) 9. محمد عاطف (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهرضوان علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم قاسم علي شناختي ڪارڊ نمبر 4130723227837 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نبيلہ (ڌيءَ) 2. رضوان علي (پٽ) 3. ثمينہ (زوج) 4. عرفان علي (پٽ) 5. مهوش (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA TANDO ALLAHYAR-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهعاصم رشيد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبدالرشيد اطهر شناختي ڪارڊ نمبر 4210113722325 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ريحانه ناهيد (زوج) 2. عاصم رشيد (پٽ) 3. ثمينہ اطهر (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهسليمان احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم اشفاق احمد شناختي ڪارڊ نمبر 1730113282569 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سعديه ڪنول (ڌيءَ) 2. عدنان احمد (پٽ) 3. سليمان احمد (پٽ) 4. فرح اشفاق (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA RHO PESHAWAR-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد اويس خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم اسلم پرويز شناختي ڪارڊ نمبر 4220107910083 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شبانه اسلم (زوج) 2. دريشہ اسلم (ڌيءَ) 3. محمد اويس خان (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهتسنيم عامر /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نسرين اختر شناختي ڪارڊ نمبر 4220104108156 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شميم شريف (ڌيءَ) 2. تسنيم عامر (ڌيءَ) 3. فرحان شريف (پٽ) 4. محمد شريف ملڪ (زوج) 5. ڪامران شريف (پٽ) 6. عنبرين شريف (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهمحمود حامد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حامدحسن شناختي ڪارڊ نمبر 4210118811205 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ارم خالد (ڌيءَ) 2. مسعود حامد (پٽ) 3. محمود حامد (پٽ) 4. ارشد حامد (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهبشير احمد شيخ /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم رضوان احمد شيخ شناختي ڪارڊ نمبر 4220174508457 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ثناء شعيب (زوج) 2. انجم پروين (ماءُ) 3. بشير احمد شيخ (پيءُ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد سيف /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد يونس شناختي ڪارڊ نمبر 4200008922033 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد عماد (پٽ) 2. محمد سيف (پٽ) 3. ثمينہ ڪوثر (زوج) 4. آمنہ عروج (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهذوالفقار نبي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد عادل نبي شناختي ڪارڊ نمبر 4130655706223 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شاهده ذوالفقار (ماءُ) 2. ذوالفقار نبي (پيءُ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA STATE LIFE BUILDING HYDERABAD-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهرضيه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد اشرف شناختي ڪارڊ نمبر 4230107088659 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مبرالنساء (ڌيءَ) 2. اقرا زبير (ڌيءَ) 3. زبره (ڌيءَ) 4. رابيعه بانو (ڌيءَ) 5. عليشہ (ڌيءَ) 6. رضيه (زوج) 7. محمد جاويد (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهزيب النساء قاضي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمدطارق قاضي شناختي ڪارڊ نمبر 4130316391781 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد مصطفى قاضي (پٽ) 2. زيب النساء قاضي (زوج) 3. مسرت پروين (ڌيءَ) 4. انعم نعيم قاضي (ڌيءَ) 5. حرا پروين (ڌيءَ) 6. محمد اصف قاضي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد عمران خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد احسان خان شناختي ڪارڊ نمبر 4210118673937 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد نعمان خان (پٽ) 2. محمد فيصل خان (پٽ) 3. محمد عمران خان (پٽ) 4. ہما خليق (ڌيءَ) 5. محمد نويد خان (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهسدره جاويد بهٽي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيما جاويد بهٽي شناختي ڪارڊ نمبر 6110117136088 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. جاويد اختر بهٽي (زوج) 2. احمد جاويد بهٽي (پٽ) 3. سدره جاويد بهٽي (ڌيءَ) 4. ضحيٰ نجم الدين (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA ISLAMABAD-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهزليخا ميمن /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شوڪت علي ميمن شناختي ڪارڊ نمبر 4550469619267 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. زليخا ميمن (زوج) 2. امبرين (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA KHAIRPUR-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهتنوير يوسف /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد يوسف شناختي ڪارڊ نمبر 4210146090247 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. تنوير يوسف (پٽ) 2. ارم انوار (ڌيءَ) 3. ڪامران يوسف (پٽ) 4. توقيريوسف (پٽ) 5. ذيشان يوسف (پٽ) 6. قمرالنساء ضياء (ڌيءَ) 7. نعمان يوسف (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهقاضي خالد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حاجي محمد قاضي شناختي ڪارڊ نمبر 4230198437901 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شاهه جهان (ڀيڻ) 2. قاضي خالد (ڀاءُ) 3. سيما قاضي (ڀيڻ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA STATE LIFE BUILDING HYDERABAD-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهعلي شير /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبدالخالق شناختي ڪارڊ نمبر 3720306598911 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. علي شير (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA CHAKWAL-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهاويس احمد شيخ /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم افضل احمد شيخ شناختي ڪارڊ نمبر 4210180216883 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عمير احمد شيخ (پٽ) 2. رخشنده شيخ (ڌيءَ) 3. اويس احمد شيخ (پٽ) 4. منيبہ شيخ (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهمسمات نسرين بيگم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم غلام مصطفيٰ شناختي ڪارڊ نمبر 4420499448705 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عائشہ (ڌيءَ) 2. مسمات نسرين بيگم (زوج) 3. فوزيہ (ڌيءَ) 4. محمد مثل (پٽ) 5. مسمات شاهين (ڌيءَ) 6. مقبول احمد (پٽ) 7. غلام مرتضيٰ (پٽ) 8. مسمات ياسمين (ڌيءَ) 9. عارفہ (ڌيءَ) 10. مسرت پروين (ڌيءَ) 11. صباء (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA SHAHPUR CHAKAR-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهفرحان حامد غريب /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مڪيہ حامد غريب شناختي ڪارڊ نمبر 4200004698866 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فواد حامد احمد (پٽ) 2. فرحان حامد غريب (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهسلمان علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سرعظمت حسن شناختي ڪارڊ نمبر 4210114649444 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. حنا ليليٰ حسن (ڌيءَ) 2. سلمان علي (پٽ) 3. زهرا شبير (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهغلام مرتضيٰ خاصخيلي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم علي شير شناختي ڪارڊ نمبر 4520390475461 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. غلام مصطفيٰ خاصخيلي (پٽ) 2. غلام مرتضيٰ خاصخيلي (پٽ) 3. غلام سرور خاصخيلي (پٽ) 4. غلام پرور (پٽ) 5. شبانہ ڪوثر (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA KHAIRPUR-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهشهناز خاتون /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مقصود احمد چنو شناختي ڪارڊ نمبر 4520442655343 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فرمان علي (پٽ) 2. مزمل حسين (پٽ) 3. حبا خاتون (ڌيءَ) 4. شهناز خاتون (زوج) 5. ذيشان علي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA KHAIRPUR-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهوشال ڪمار /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم پيپرومل شناختي ڪارڊ نمبر 4230163636377 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ديپرج ڪمار (پٽ) 2. شيلا باني (زوج) 3. سنديپ ڪمار (پٽ) 4. درگا باني (ڌيءَ) 5. وشال ڪمار (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهاويس احمد شيخ /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم فرزانہ افضل شناختي ڪارڊ نمبر 4210102677132 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عمير احمد شيخ (پٽ) 2. رخشنده شيخ (ڌيءَ) 3. اويس احمد شيخ (پٽ) 4. منيبہ شيخ (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

URAAN PAKISTAN

تو شاہیں ہے پرواز ہے کام تیرا

PID(I)5075/25

جيڪب آباد: عطائي ڊاڪٽر جي مبينہ غفلت سبب 9 ورهين جي نينگري فوت، احتجاج

ريما مرهٽو کي تيز بخار نڪتو تہ ڊاڪٽر ڏٽي بخش انجيڪشن هڻڻي ۽ نينگري فوت ٿي وئي

واقعي خلاف وارثن نينگري جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

عطائي ڊاڪٽر ڏٽي بخش لاشاري جي غفلت سبب نينگري فوت ٿي آهي، انصاف ڪيو وڃي: وارث

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد نورواھ پرسان عطائي ڊاڪٽر جي مبينہ غفلت سبب 9 ورهين جي معصوم نينگري ريما مرهٽو فوت ٿي وئي جنهن بعد وارثن پاران نينگري جو لاش
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ڊاڪٽر جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيل نينگري جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

اوٻاوڙو پوليس پاران مقابلي بعد هڪ ڌوهاري کي مارڻ جي دعوي

سونڻ شاخ وٽ ڌوهہ جي ارادي سان بيٺل ڌوهارين ڏسي فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

جوابي فائرنگ ۾ رانوتي واسي مرتضي عرف متو شر سندس ساٿي فرار ٿي ويا

اوٻاوڙو (ن ع) اوٻاوڙو پوليس پاران ريتي لنڪ روڊ تي سونڻ شاخ وٽ ڌوهہ جي ارادي سان بيٺل ڌوهارين سان مبينا مقابلي دوران هڪ ڌوهاري کي مارڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي مارجي ويل ڌوهاري جي قبضي مان پسٽل پڻ هٿ ڪيو ويو آهي هوڏانهن اوٻاوڙو پوليس جي دعوا موجب تہ پوليس معمول موجب گشت ڪري رهي تہ ريتي لنڪ روڊ تي سونڻ شاخ وٽ ڌوهہ جي ارادي سان بيٺل ڌوهارين سان مقابلو ٿي پيو پوليس جي فائرنگ دوران هڪ ڌوهاري
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

موري ۾ گهر ٻاهران بيٺل نينگر کي زخمي ڪري هٿياربند موبائيل فون ڦري ويا، زخمي اسپتال داخل

مورو(ن ع) شهر جي ٻانڊي روڊ ڪيمبرج اسڪول وٽ گهر اڳيان بيٺل ٻارنهن سالن جي معصوم ٻار محمد يوسف ولد پنهل خان زرداري کان هٿيارن جي زور تي بہ نامعلوم هٿياربندن موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا زخمي کي مورو اسپتال آندو ويو جتي طبي امداد ڏني وئي

مسڻ وڏي پرسان گجرن جو واپاري موٽر مان ڪرڻ لڳڻ سبب فوت

مسڻ وڏي(ن ع) يوسي مسڻ جي ڳوٺ
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري جو لاش

اسلام ڪوٽ ۾ ٿر سٽيزن فورم پاران ٿر ڪانفرنس ۽ ٿر ڪلائميٽ فيسٽيول منعقد

پروگرام ۾ ماهرن، سماجي اڳواڻن، وڪيلن، صحافين، عورتن ۽ نوجوانن سميت سرڪاري اسڪولن جي استادن ۽ شاگردن جي شرڪت

ٿر ۾ ڪوئلي جي کاڻين ۽ بجلي منصوبن سبب ماحولياتي تباهي ۽ انساني صحت لاءِ خطرا وڌي رهيا آهن: اڳواڻ

ڪوئلي جي کاڻين مان نڪرندڙ زهريلي پاڻي ڪليل ميدانن ۾ ڇڏيو ڪيو وڃي ٿو، جنهن سبب جر جو پاڻي انسانن جي استعمال لائق ناهي رهيو

ڪمپنين طرفان زمين جي خريداري ۽ ان جو غيرپائيدار استعمال مقامي ماڻهن جي حقن کي سنگين خطري ۾ وجهي رهيو آهي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ تاج هال ۾ ٿر سٽيزن فورم طرفان ٿر ڪانفرنس ۽ ٿر ڪلائميٽ فيسٽيول هڪ ڏينهن جي ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ماهرن سماجي اڳواڻن وڪيلن
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سکر جي عدالت ڌوهاري کي پوليس ۾ ڀرتي تي هوم سيڪريٽري کان رپورٽ طلب

دادو واسي زاهد خاصخيلي جي درخواست تي هاءِ ڪورٽ تي عملدارن کي طلب ڪيو

اسلم خاصخيلي مٿان ٿر جي ايف آءِ آر داخل ٿيل ڪيس پوليس ۾ ڀرتي ڪيو ويو آهي: موقف

سکر(بيورو رپورٽ) دادو واسي زاهد علي خاصخيلي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيل الاهي بخش جمالي معرفت آئيني پٽيشن نمبر ڊي 2130/2025 داخل ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ ڳوٺ محمد اسماعيل خاصخيلي جي رهواسي ڌوهاري محمد اسلم خاصخيلي ولد محمد رجب کي ايس ايس پي دادو طرفان 31 آڪٽوبر 2025ع تي ڪانسٽيبل طور ڀرتي ڪرڻ جو آرڊر ڏنو ويو آهي جڏهن تہ محمد اسلم خاصخيلي مٿان دادو اي سيڪشن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

دادو لڳ مبينا ناري اغوا جي ڪوشش، مزاحمت تي 3 عورتون زخمي، اسپتال منتقل

دادو(د-ر) دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان مبينا طور ناري کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت تي 3 عورتون زخمي اسپتال منتقل شهباز ڪالوني جون عورتون ٻارڙا ڪلام پاڪ ڪٽي دادو پريس
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

بيروزگاري بدحالي جي ڪري غريب مسڪين ماڻهو آپگهات ڪرڻ تي مجبور پيا ٿين: راشد محمود سومرو

حالتون انتهائي خراب ٿي ويون آهن 27هين آئيني ترميم جمهوريت کي فائدي بجاءِ نقصانڪار ثابت ٿي رهي آهي

پنجاب نوازي خيبرپختونخواهہ ۾ عوام پاڻ نون صوبن جي حمايت ڪري ٿو ۾ سنڌ جو عوام ڪڏهن بہ صورت ۾ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ نہ ڏيندو

حڪمرانن جي غلط پاليسي جي ڪري هاڻي ٽڪجي پيا آهيون، جنهن جي ڪري انقلاب جي ضرورت آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) جي يو آءِ ف سنڌ جي سيڪريٽري جنرل مولانا راشد محمود سومرو چيو آهي تہ سنڌ ۾ حڪمرانن جي نااهلي جي ڪري عوام بنيادي سهولتن کان محروم آهي، اهڙن خيالن جو اظهار
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

هالا ۽ مٽياري ۾ نان ڪسٽم پيڊ سگريٽن خلاف ڪارروائي، لکين روپين جا سگريٽ هٿ

اينٽي نارڪوٽڪس، روينيو ۽ آءِ بي آفيسرن هالا، نيو سعيد آباد ۽ مٽياري ۾ ڇاپا هنيا

هالا (ن ع) چيف سيڪريٽري سنڌ جي جاري ڪيل حڪمن تي اينٽي نارڪوٽڪس فورس مٽياري ضلعي جي آفيسر جاويد ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر بروڙو ۽ آءِ بي اي آفيسر رضوان پٺي ڪارروائي ڪندي مٽياري ضلعي جي مختلف شهرن هالا، نيو سعيد آباد ۽ مٽياري تعلقن ۾ مختلف دڪانن تي ڇاپا مار ڪاروايون ڪري هالا ۾ لالا نور محمد ميمڻ، شاهنواز ملاڻي، نعيم ملاڻو ۽ ٻين جي دڪانن تان هزارين جي تعداد ۾ نان
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

موري ۾ ريزڪي دڪان کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان باهہ، سمورو سامان سڙي رک

مورو(ن ع) مورو شهر جي چوهاڻ ڪالوني ۾ فياض علي چوهاڻ جي ريزڪي دڪان کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان باهہ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ جديد تحقيقي مرڪز ۽ عالمي معيار جون ليبارٽريون قائم

پلانٽ پيٿالاجي شعبي ۾ اڻن لاءِ ماليڪيولر ڊائگناسٽڪ ليبارٽري، هاٽ واٽر ٽريٽمينٽ يونٽ ۽ پيپر بيگ يونٽ فعال

فيڪلٽي آف ڪراپ پروٽيڪشن ۾ پنج جديد ليبارٽريون عالمي معيار موجب اوزارن ۽ مشينري سان آراستہ

تحقيقي نتيجن کي هارين تائين پهچائڻ، زرعي پيداوار ۾ واڌ ۽ ايڪسپورٽ کي فروغ ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: الطاف علي سيال

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) موسمياتي تبديلين ۽ فصلن کي درپيش اسڪاني خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد تحقيقي مرڪز ۽ عالمي معيار جون ليبارٽريون قائم ڪيون ويون آهن
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٺٽي: وفاقي وزير تي بيضن ۽ ٽماٽن سان حملي واري ڪيس مان ايس ٽي پي اڳواڻ بري

ٺٽي جي عدالت ايس ٽي پي ضلعي صدر ۽ اڳواڻن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو

ٺٽو(ڊ ر) ڪجهہ مهينا اڳ ٺٽي جي دوري دوران وفاقي مملڪتي وزير ڪيڻلداس ڪوهستاني جي رستا روڪ ڪري مٿس بيضن ۽ ٽماٽن جو حملو ڪرڻ واري ڪيس ۾ ٺٽي جي عدالت ايس ٽي پي اڳواڻن کي بري ڪري ڇڏيو سنڌو درياءَ مٿان ڪئنالز جي حمايتي هجڻ جو الزام هڻي وفاقي مملڪتي وزير ڪيڻل داس ڪوهستاني جو ٺٽي شهر ۾ رستا روڪ ڪري مٿس بيدن
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڪتابي ميلي ۾ ناريون ڪتاب ڏسي رهيون آهن

جيڪب آباد عدالت ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي جنم ٽيپ ۽ 50-50 ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي جج سهراب خان بروهي پوليس عملدار جمشير چاچڙ کي شهيد ۽ نور محمد چاچڙ کي زخمي ڪرڻ جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن گل حسن ڪوسو ۽ پرويز ملغاڻي کي جنم ٽيپ ۽ 50-50 هزار روپيا ڏنڊ جي سزا جو حڪم ڏئي ڇڏيو ڏنڊ جي رقم ادا نہ ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ 2 سال قيد
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: جنم ٽيپ ايل جوابدار گل حسن ڪوسو ۽ پرويز ملغاڻي

راڻيپور لڳ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان جي وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

نوجوان محمد اسحاق گوپانگ جي وارث عورتن، ٻارڙن ۽ مردن لاش کڻائي قومي شاهراهہ تي رکي ڌرڻو هڻو

پورهيت ماڻهو آهيون، اسان جي نوجوان کي رات جو بروزدار وڏا پوليس گهران ڪهڻي وڃي بيگناهہ قتل ڪيو آهي: مظاهرين

ايس ايچ او راڻي پور ڌرڻي واري هنڌ پهچي ڪين انصاف جي مڪمل يقين ڏيارڻ تي ڌرڻو ختم ڪرايو

راڻي پور(رپورٽ عبدالخالق گلال) مهيسر وڏا پوليس مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل ڳوٺ محمد هاشم گوپانگ جو رهواسي نوجوان محمد اسحاق گوپانگ جو رواڻ عورتن، ٻارڙن ۽ مرد لاش کڻائي قومي شاهراهہ باب احمد شاهہ گيٽ راڻي پور جي سامهون رکي ڌرڻو هڻو ويل مظاهرين
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

جاتي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي منشيات ۽ ڪرپشن خلاف احتجاجي ريلي

ريلي الحسيني چوڪ کان مغل پين چوڪ تائين ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

جاتي شهر ۽ ڀرپاسي مان منشيات جو خاتمو آڻي نوجوان نسل بچايو وڃي: مظاهرين

جاتي(ن ع) منشيات کان انڪار صحت زندگي ۽ تعليم سان پيار جي عنوان هيٺ سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي جاتي پاران ضلعي صدر محمد اشرف ٿهيم جي اڳواڻي ۾ الحسيني چوڪ کان مغلبين چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ريلي ۾ ايس ٽي پي ضلعي سجاول جي قيادت صدر محمد اشرف ٿهيم، نائب صدر عبدالڪريم پليجي پريس سيڪريٽري
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پ پ اقتدار ۾ اچي سنڌي ماڻهن جي اميدن جي برخلاف ڪم ڪيو آهي: اياز پليجو

جيڪي وڏيرا، جاگيردار عوام کي نيوڙين ۽ استحصال ڪن ٿا، انهن کي طاقتور بنايو آهي

سنڌ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني ناهي، سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۽ جرڳائي ماڻهن جو راڄ آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجي چيو آهي تہ پيپلز پارٽي اقتدار ۾ اچي سنڌي ماڻهن جي اميدن جي برخلاف ڪم ڪيو آهي جمهوريت جو نعرو صرف ڏيکاءَ لاءِ هنيو آهي عملي طور عوام دشمن پورهيت دشمن، اظهار جي آزادي خلاف، عورتن، اقليتن ۽ انساني حقن جي خلاف ڪم ڪيو آهي جيڪي سردار وڏيرا جاگيردار عوام کي نيوڙين ۽ استحصال ڪن ٿا، انهن کي طاقتور بنايو آهي سنڌ ۾ آئين ۽ قانون
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽائونيولاخان: حد دخلين خلاف ڪاروائي ڪئي پئي وڃي

چاهر نواز علي: ڪيڊٽ ڪاليج جي ليڪچر پروگرام ۾ ايم اين اي شازيا عطا مري شريڪ آهي

شازيا عطا مري پاران ڪيڊٽ ڪاليج چاهر نواز علي ۾ ليڪچر پروگرام ۾ شرڪت

ڪيڊٽ ڪاليج صرف تعليمي ادارا نہ پر ڪردار ۽ تربيت جا ادارا آهن: شازيہ عطا مري

نوجوانن کي نظم و ضبط، ديانت اصول پسندي ذمہ داري کي اپنائڻ گهرجي

چاهر نواز علي (ن ع) پيپلز پارٽي جي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري ايم اين اي شازيا عطا مري ڪيڊٽ ڪاليج ۾ ليڪچر پروگرام ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪيڊٽس پاران گارڊ آف آنر پيش ڪيو ايم اين اي شازيا عطا مري ڪيڊٽس کي خطاب ڪندي چيو تہ ڪيڊٽ ڪاليج صرف تعليمي ادارا نہ پر ڪردار ۽ تربيت جا ادارا آهن نوجوانن کي نظم و ضبط ديانت اصول پسندي ذمہ داري کي اپنائڻ گهرجي نوجوان کي محنت سان تعليم پرائي ملڪ جي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت جو حيدرآباد دورو

جسٽس ظفر احمد راجپوت سيشن ڪورٽ ۾ 8 نون عدالتن جي بلاڪ جو افتتاح ڪيو

هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران چيف جسٽس جي اعزاز ۾ تقريب، وڪيلن سان اهم خطاب

جونيئر وڪيل قانون جا محافظ بڻجن، غيرقانوني صلاح کان پاسو ڪيو: جسٽس ظفر احمد راجپوت

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت حيدرآباد پهچي ويو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت سيشن ڪورٽ ۾ 8 نون عدالتن جي بلاڪ جو افتتاح ڪيو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سول ڪورٽ ۾ عورت سائلين لاءِ نئين ويٽنگ ايريا جو افتتاح ڪيو هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن طرفان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي اعزاز ۾ تقريب ٿي جسٽس ظفر احمد راجپوت
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ثقافتي ميلي ۾ گهوڙسوار شاريڪ آهن

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو "ڊجيٽل لينگئيج جي ميدان ۾ سنڌي زبان جو مقام" ليڪچر پروگرام

اي آءِ جهڙين ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ بہ ڪم ڪري ٿو پر سنڌيءَ کي اها سهولت ناهي جيڪا انگريزي ٻوليءَ کي آهي: احسان عرساڻي

ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ ماهر ٻوليءَ کي درپيش مسئلن کي سمجهن ٿا ۽ انهن للڪارن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن: اسحاق سميجو

مصنوعي ذهانت کي سنڌي لکت سمجهڻ ۽ ان کي معياري سنڌي ۾ جواب ڏيڻ لاءِ ڊجيٽل ڊيٽا ۾ گهڻي تعداد ۾ مواد جمع ڪرڻ جي ضرورت آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ليڪچر سيريز هيٺ ڊجيٽل لينگئيج جي ميدان ۾ سنڌي زبان جو مقام : سنهڃاڻيون ۽ امڪانيون جي عنوان هيٺ چوٿون ليڪچر منعقد ڪيو ويو
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

چڪ لڳ نيبلاڻي نوجوان رکجي ۽ سگهي هڪ وڏيڪ نوجوان پنهنجي زندگي وڃائي ويٺو

آرائين بند وٽ هٿيارين مال چاريندڙ نوجوان محمد صالح ولد بهادر مهر گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

واقعي بعد پنهنجي ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو شروع، پوليس پهچي ڪنٽرول ڪري لاش اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪاروائيءَ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ ٿاڻي جي حد ۾ آرائين بند تي ويٺل وريل مهر جي گهر ٻاهران گوڏي ۾ ٽاڙ ۾ لڪي ويٺل جتوئي برادريءَ جي هٿياربندن مال چاريندڙ نوجوان ڏنار مٿان جديد هٿيارن سان اوچتو فائرنگ شروع ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ مال چاريندڙ ڏنار نوجوان محمد صالح ولد بهادر مهر گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي قتل ٿي ويو واقعي ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين ۾ جديد هٿيارن سان فائرنگ شروع ٿي وئي جنهن سبب علائقي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ فراڊ ڪرڻ جي الزام ۾ واپڊا جا 2 ملازم گرفتار

پوليس عاطف راجپوت ۽ ايل ايس علي عباس کي فراڊ الزام ۾ گرفتار ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي پوليس مختلف ماڻهن سان لکين روپين جي فراڊ ڪرڻ جي الزام ۾ واپڊا جي ٻن ملازمن آر او آفيس جي ڪمرشل اسسٽنٽ عاطف راجپوت ۽ واپڊا سب ڊويزن ٽنڊوآدم ٽو جي لائن مين علي عباس کي گرفتار ڪري لاڪ اپ حوالي ڪري ڇڏيو

گهوٽڪي: قتل جي الزام هيٺ سزا ايل جوابدار لاڪپ ۾ بند آهن

حيدرآباد خانہ بدوش رائٽرس ۾ ناميارو شاعر شيخ اياز جو ميلي جو افتتاح اڄ ٿيندو

ميلي جو افتتاح صوبائي وزير ثقافت سيد ذوالفقار شاهہ ڪندو مختلف موضوعن تي ويهڪ ٿيندي

هي ماڻ اياز شناسي سان گڏ هڪ سماجي تحريڪ جو ميلو بڻجي چڪو آهي: امر سندرو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ خانہ بدوش رائٽرس ۾ ناميارو شاعر شيخ اياز جو اياز ميلو سجي ويو اياز ميلي جو افتتاح اڄ ٿيندو ميلي جو افتتاح صوبائي وزير ثقافت سيد ذوالفقار شاهہ ڪندو ڪليدي خطبو مهمان خاص اصغر نديم سيد پڙهندو ميٽر ڪاشف شورو ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي احمد شاهہ مشهور صحافي منيزي جهانگير عاصمہ شيرازي شازيب جيلاني ورده شهزادي مهتاب اڪبر راشدي نور الهدي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي جي ستون ڪانووڪيشن

ڪانووڪيشن ۾ 100 ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرياڻين کي سرٽيفڪيٽ، گولڊ ميڊل ۽ انعام ڏنا ويا

انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي دنيا ۾ قابليت سان ڊگريون حاصل ڪندڙن لاءِ اعزاز جو سبب آهن: ڊاڪٽر شاهہ سنڌر

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي ٽنڊو محمد خان جي ستين ڪانووڪيشن جي تقريب ۾ 100 ڊاڪٽرن ڊاڪٽرياڻين کي سندن 5 سالن جي ڊگري جا سرٽيفڪيٽ، پوزيشن تي شيلڊ، انعام، تمغا، گولڊ ميڊل ڏنا ويا، ٽنڊو محمد خان جي انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي جي ستين ڪانووڪيشن واري تقريب کي خاص مهمان طور وڏي وزير جي خاص معاون ڊاڪٽر شاهہ سنڌر خطاب ڪندي چيو تہ انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي سنڌ پاڪستان
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پي سي هاسپيٽيلٽي ۽ گلوبل پيلس جي گڏيل سهڪار سان حيدرآباد ۾ پي سي ليگيسي جو افتتاح

جديد سهولتن سان ايس هوٽل حيدرآباد شهر ۾ مهمان نوازي جي صنعت لاءِ نئين دور جي شروعات ثابت ٿيندو

اسمارٽ روم ٽيڪنالاجي، 40 جديد ڪمرا ۽ حيدرآباد جون سڀ کان وڏيون بينڪوئيٽ سهولتون موجود

حيدرآباد (پ ر) مهمانداري جي شعبي جي مشهور نالي هاشو گروپ جي هاسپيٽيلٽي ڊويزن ۽ گلوبل پيلس جي گڏيل سهڪار سان پي سي ليگيسي حيدرآباد جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو هي قدم حيدرآباد شهر ۾ مهمانداري جي فروغ ڏانهن هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏنو پيو وڃي جنهن سان سياحت کي هٿي ملندي ۽ ڪاروباري ماحول ۾ بهتري ايندي افتتاحي تقريب پي سي ليگيسي هوٽل حيدرآباد ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ اهم ڪاروباري شخصيتن جناب
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ساموندي معاملن واري وفاقي وزير جنيد انور چوڌري جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

ٿر فائونڊيشن طرفان اسلام ڪوٽ ۾ گهوڙن ۽ اٺن جي ڊوڙ جا مقابلا

جنهن ۾ ٿرپارڪر سميت ڀرپاسي وارن علائقن مان آيل شوقينن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٿر فائونڊيشن ٿر جي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ ۾ يقين رکي ٿي: جي ايم فرحان انصاري

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) ٿر فائونڊيشن طرفان منعقد ڪرايل ريس ۾ جهاني سرتاج، رانجهن، معشوق، مست ملنگ، ڏاڙيل بهادر، ڪبوتر ۽ دلبر جاني جهڙن نامور گهوڙن پنهنجي رفتار طاقت ۽ سوارن جي مهارت سان تماشائين کي داد وصول ڪيو ۽ خوب داد حاصل ڪيو ريس ڏسڻ لاءِ مقامي شهرين، نوجوانن، ٻارن ۽ علائقي جي معززين جي وڏي تعداد موجود هئا. ان موقعي تي ڳالهائيندي ٿر فائونڊيشن جي جي ايم فرحان انصاري
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

دوها: چيئرمين نيب ليفٽيننٽ جنرل (ر) نظير احمد ۽ نائيجيريا جي اي ايف سي سي جو چيئرمين ڪاغذن جي ڏي وٺ ڪري رهيا آهن

سکر پوليس جي زيادتين خلاف عورتن جو ٻارن سميت هاءِ ڪورٽ ٻاهران احتجاجي مظاهرو

بچل شاهہ مياڻي واسي مائي انور خاتون، مائي بخشل، صغريٰ، منظوران، ميهر ارباب خاتون ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس هفتي کان روزانو ڳوٺ تي ناجائز چڙهائي ڪري گهرن ۽ اوطاقن کي باهيون ڏنيون آهن: مظاهرين

پوليس ڪائونسلر صفر لاشاري، ٻيرسن پاڻي خان، ساجد، سليمان ۽ ٻين ڪوڙهي جيل مرڪلي ڇڏيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) بچل شاهہ مياڻي پرسان ڳوٺ حسين بخش لاشاري واسي عورتن مائي انور خاتون، مائي بخشل، مائي صغريٰ، منظوران، مائي ميهر ارباب خاتون ۽ ٻين ٻارڙن سان گڏجي پاڪ ڪتاب هٿن
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور ۽ ڀرپاسي ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري ورتي، ٻہ معصوم نينگريون فوت

ڳوٺ شفيع محمد گهمڻ ويجهو هڪ سال جي ٻاڳوٽي ۽ چار ورهين جي گڏي ارڙي وگهي حياتي وڃائي

وڌيڪ چار ٻارڙا راجا، هريان ڏيءَ ڏيارام، سنڌيا، اجني ڏيءَ چندر ڪولهي ارڙي جي مرض ۾ ورتل

صحت کاتو فوري طور تي نوٽس وٺي ٽيمون موڪلي وڌيڪ معصوم ٻارڙن جون جانيون ضايع ٿيڻ کان بچائي: ڳوٺاڻا

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور پرسان ڳوٺ شفيع محمد گهمڻ ويجهو زميندار عبدالرزاق نظاماڻي جي هارين ڏيارام ڪولهي، آسن ڪولهي، چندر ڪولهي جي ٻارڙن ۾ ارڙي جي وبا تيزي سان پکڙجي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور: ارڙي سبب فوت ٿي ويل معصومن جا لاش

لاڙڪاڻي ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب زخمي ٿيل نينگر فوت، انگ 4 ٿي ويو

زخمي جواد پٽ جاويد رند ڪراچي جي اسپتال ۾ زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

وارثن پاران اسپتالن ۾ زخمين کي بهتر طبي سهولتون نہ ملڻ جا الزام، تدارڪ جي گهر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي حيدري ٿاڻي جي حد لهر ڪالوني ۾ 3 ڏينهن اڳ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب زخمي ٿيل 10 ورهين جو نينگر جواد پٽ جاويد رند ڪراچي جي اسپتال ۾ زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن سان واقعي جي فوتين جو انگ وڌي 4 ٿي ويو آهي جڏهن تہ فوتي نينگر جو لاش ايمبولينس ذريعي ڪراچي کان لاڙڪاڻي آندو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي روچ راڙو پئجي ويو ان سلسلي ۾ فوتي نينگر جي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

هنگورجا لڳ روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ڏاهري برادري جي نوجوانن جي تدفين، سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

هنگورجا (ن ع) هنگورجا ۾ ڪڙيل ڏينهن قومي شاهراهہ تي مسافر ڪوچ ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل ڏاهري برادري جي ٻن نوجوانن سرور ڏاهري نصرالله ڏاهري ۽ درياخان ڏاهري جي ڳوٺ محمد سڪيل ڏاهري ۾ ۾ جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد کين کي آبائي قبرستان دفنايو ويو آهي ٽنهي نوجوانن جي اجتماعي جنازي جي نماز جي ادائيگي بعد جنازا ڪڄڻ تي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيلن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

مڪلي لڳ ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، ٻہ ڄڻا چيپائجي فوت

ڊي آئي جي هوٽل وٽ تيز رفتاري سبب ٽرڪ موٽرسائيڪل سوارن مٿان چڙهي وئي

حادثي جي نتيجي ۾ سيد معظم ۽ عبدالله خان موقعي تي ئي فوت ٿي ويا، لاش اسپتال منتقل

ٺٽو (ڊ ر) مڪلي تي خوفناڪ حادثو مڪلي تي تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل سوار ٻن نوجوانن کي چيپائي ڇڏيو ٻئي ڄڻا تي فوت ڪاٽ سان پريل ٽرڪ مڪلي تي ڊي آئي جي هوٽل وٽ تيز رفتاري دوران موٽر
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل تلهار واسي مٽي ماءُ حوالي

بدين (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان روڊ تي روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل تلهار واسي نوجوان فيض الله جوڻيجو کي رات دير سان سوين آلين اکين سان سندس آبائي ڳوٺ، درگاهہ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو ڪراچي مان اغوا ٿيل ٽن ورهين جو ٻارڙو بازياب

پوليس ڳوٺ ڪريم بخش ٽيال ماڇي تي ڇاپو هڻي محمد زين کي بازياب ڪرايو

جوابدار آصف آرائين مغوي جي وارثن کان آزادي لاءِ 2 ڪروڙ روپين جو ڀڙنگ طلب ڪيو

مورو(ن ع) ڪراچي جي علائقي مليرشاهہ لطيف ٿاڻي مان اغوا ٿيل ٽن سالن جو معصوم ٻارڙو محمد زين مورو ويجهو ڳوٺ ڪريم بخش ٽيال ماڇي ۾ پوليس جي ڪارروائي دوران بازياب ملير پوليس سي پي ايل سي ڪراچي ۽ مورو پوليس جي گڏيل ڪارروائي سان مورو جي ڳوٺ ٽيال ماڇي ۾ ڪارروائي ڪئي جنهن دوران اغوا ٿيل معصوم ٻار محمد زين کي باحفاظت
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي ڊگري ڪاليج ۾ سنڌ ثقافتي ميلو لوڪ رنگن سان ڀرپور تقريب

ميلي جو افتتاح پروفيسر انور منصور منگريو، پروفيسر فاطمہ سنڌو ۽ ٻين ڪيو

شاگردن اجرڪ ۽ ٽوپيون پائي، سنڌي لباس ۾ ملبوس ٿي پنهنجي ثقافتي کي نمايان ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) سنڌ جي ڌرتيءَ جي خوشبو اجرڪن جي دلڪش رنگن، سنڌي ٽوپين جي سگهڻ ۽ لوڪ سرن جي گونج سان گورنمينٽ نيو عليگڙهہ ڊگري ڪاليج ٽنڊوآدم ۾ سنڌ ثقافتي ميلو وڏي جوش جذبي ۽ شان سان منعقد ڪيو ويو گلز سان سينگاريل ڪاليج احاطي ۾ جڏهن ڌمال، تاڙيون ۽ سنڌي سازن جون ڌنون وڄڻ لڳيون تہ سمورو ماحول ثقافتي رنگن ۾
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو لڳ مسافرن کي اغوا ڪرڻ واري معاملي تان ڌوهارين خلاف ٽئين ڏينهن بہ آپريشن جاري

سنڌ ۽ پنجاب پوليس پاران گڏيل آپريشن ۾ ڌوهاري گل حسن لولائي کي مارڻ جي دعويٰ

سونميائي جي راضي ڪچي واري علائقي آپريشن دوران هڪ ڌوهاري مارجي ويو ڪجهہ زخمي پڻ ٿا آهن: پوليس

اوٻاوڙو: ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران تباهہ ڪيل ٺڪاڻا ٻي طرف مارجي ويل ڌاڙيل جو فائيل فوٽو

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام قمبر ٻوهڙ) اوٻاوڙو لڳ اڳ گبرو انٽر چينج ويجهو مسافر ڪوچ مان مسافرن کي اغوا ڪرڻ واري معاملي تان ڌوهارين خلاف ڊي آئي جي سکر فيصل عبدالله چاچڙ ۽ ايس ايس پي بهاولپور غازي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي جي عدالت پاران ٽن جوابدارن تي قتل جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي جنم ٽيپ جي سزا

گهوٽڪي(ن ع) ايڊيشنل سيشن جج II گهوٽڪي جي عدالت پاران سيشن ڪيس نمبر 23/2023 ۽ بي سيڪشن گهوٽڪي ٿاڻي تي داخل ٿيل ڏوهہ نمبر 61/2022 تحت فيصلو ٻڌائيندي ٽن جوابدارن کي قتل جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي عمر قيد سزا
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

شهدادپور پوليس حراست مان فرار ٿيندڙ جوابدار ٻيهر هٿيڪو

پوليس شيرو چانڊيو کي ٻاڦرن ڏرين جي معرفت حراست ۾ ورتو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي واپڊا روڊ تي معصوم نينگر زاهد سيال هڪ دفعو ٻيهر شراب جي نشي ۾ دٽ ٿي گوريون کائي بي هوش ٿي ويو جنهن کي شهدادپور سمس اسپتال آڻڻ بعد ڄڻتي جوڳي حالت
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪنڊ ڪوٽ ٽريڪٽر ڪلٽي ٿيڻ سبب نينگر فوت، هڪ نينگر زخمي

چاڪرآباد وٽ سانگهڙ کان واپس ايندي ٽريڪٽر جو اسپينڊل ٽٽڻ سبب ڪلٽي ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ نينگر ريحان گولاٽو فوت، گلزار گولاٽو سخت زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي نينگر کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهہ وارثن حوالي

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ لڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد چاڪرآباد وٽ سانگهڙ کان واپس ڳوٺ ايندڙ ٽريڪٽر جو اسپينڊل ٽٽڻ سبب ڪلٽي ٿي پيو جنهن ڪري نينگر ريحان گولاٽو فوت ٿي ويو هڪ نينگر گلزار گولاٽو زخمي ٿي پيو جنهن کي سول اسپتال آندو ويو زخمي کي ٻاهر منتقل ڪيو ويو لاش جو قانوني
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران جي ايم سيد جي گڏيل طور سالگرهہ ملهائڻ جو اعلان

اجلاس ۾ رياض علي چانڊيو نياز ڪالاڻي، نواز خان زنئور ۽ راول ڪرناٽي جي شرڪت

73جي آئين کي قومن جو قاتل آئين سمجهون ٿا، پوءِ بہ ان ۾ ڪابہ ترميم قبول ناهي: اڳواڻ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران 17جنوري تي سائين جي ايم سيد جي گڏيل طور سالگرهہ ملهائڻ جو اعلان، گڏيل جلسو ٿيندو جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو سربراهي اجلاس حيدرآباد ۾ سخي ستار ڏنو چوليائي هائوس تي جيئي سنڌ محاذ چيئرمين ۽ رهبر ڪميٽي جي سربراهہ رياض علي چانڊيو جي صدارت ۾ ٿيو اجلاس ۾ جسقم بشير خان جي سربراهہ
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور ۾ گم ٿيل پورهيت معذور جي بازيابي لاءِ احتجاج

ذوالفقار راهمون 30 هزار ڪٽي گولاڙچي مان فروٽ وٺڻ لاءِ نڪتو: مظاهرين

هر جاءِ تي ڳولها ڪئي آهي پر سندس ڪوبہ ڏس پتو پئجي نہ سگهيو آهي

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور پرسان ڳوٺ پير ڏنو راهمون جي رهواسين جو معصوم معذور نياڻين، عورتن ۽ مردن جو بہ ڏينهن اڳ پورهيت ذوالفقار راهمون گولاڙچي ويندي مبينا لاپتا ٿي وڃڻ واري واقعي خلاف سندس پيرسن امڙ مسمات نوران ڏيڻن نصيبان جنت ۽ بہ معذور نياڻين پاءِ
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: گورنمنٽ ڪاليج يونيورسٽي ۾ لڳل طبي ڪيمپ ۾ مريضن جو معائنو ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ نصرپور واسي جو زميندار خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو نصرپور جو رهواسي ٻالاڙ زميندار خلاف دانهن ڪئي ٽنڊوالهيار پريس ڪلب پهچي ويو نصرپور واسي ابراهيم جمالي پاران مقاطعي تي ورتل زمين مالڪ پاران وقت کان اڳ زمين واپس وٺڻ خلاف احتجاج پڻ ڪيو ويو ان
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڏهرڪي پرسان گهريلو تڪرار تان جوابدار پنهنجي سالي کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ چوڌري انور آرائين ۾ جوابدار انور سولنگي پنهنجي سالي محبوب سولنگي کي ڪهاڙي سان حملو ڪري قتل ڪيو

اطلاع تي ڏهرڪي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کڻائي تعلقہ اسپتال ڏهرڪي منتقل ڪيو

جوابدار انور سولنگي قتل جي اوزار سميت گرفتار، واقعو گهريلو تڪرار تان پيش آيو

ڏهرڪي(رپورٽ/نصير احمد قريشي) ڏهرڪي ۾ اربع ۽ خميس جي وچ واري رات گهريلو تڪرار تان مشتعل ٿي پينوئي ڪهاڙين جا وار ڪري پنهنجي سالي کي قتل ڪري ڇڏيو واقعو ڏهرڪي جي ڏيهہ 166،
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي پير سورج شاهہ

روزاني عبرت ڪراچي جي بيورو رپورٽر راهب ڳاهو راڻيپور درگاهہ جي گادي نشين سان ملاقات ڪئي

ملاقات دوران سنڌ سميت ملڪ کي درپيش عوامي، سماجي ۽ معاشي مسئلن تي ڳالهيون ٻولهيون ٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) درگاهہ غوثيا شريف راڻيپور جي گادي نشين پير سيد سورج دستگير شاهہ جيلاني سان سنڌ جي ناليواري صحافي ۽ روزاني عبرت گروپ ڪراچي بيورو رپورٽر راهب ڳاهو جي سندس رهائش گاهہ ڊيفنس ڪراچي تي اهم ملاقات ٿي. ملاقات دوران سنڌ سميت ملڪ کي درپيش عوامي سماجي ۽ معاشي مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي درگاهہ غوثيا شريف جي سجاده نشين
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ عورت مٽي تي سڪل ڪاٺيون کڻي وڃي رهي آهي

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر ڪٽڻ خلاف 23هين ڏينهن بہ بک هڙتال جاري

ننگرپارڪر (ن ع) ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻ الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 23هين ڏينهن تي بہ بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو بک هڙتالي ڪئمپ تي مزدورن هارين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ڪارونجهر جي ڪٽائي نامنظور جا نعرا هنيا، ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف بک هڙتال جو ڏيک

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.